# سياست، تاريخ ۽ ڪردار

عيسىٰ ميمڻ

سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سياست، تاريخ ۽ ڪردار
موضوع: مقالا ۽ مضمون
ليکڪ: عيسىٰ ميمڻ
ڇاپو: پهريون-اپريل 2013ع
ڳاڻيٽو: هڪ هزار
ڇپائيندڙ: سرسوتي ساهت گهر - ڏوڪري.
ڪمپوزنگ: شيخ رفيق - آزاد ڪمپيوٽر ڪميونيڪيشنز لاڙڪاڻو
ٽائيٽل: غلام مرتضىٰ ميمڻ- ڪاتب پرنٽرس لاڙڪاڻو
مُلهه : 121 روپيه

Name of Book : SEYASAT, TAREAKH AIN KIRDAR
Subject: Columns & Essays
Writer: Essa Memon
Edition : First April 2013.
Quantity: One Thousand
Published by: Sarswati Saahat Ghar-Dokri
Composed by : Azad Computer Communications Larkano.
Title: Ghulam Murtiza Memon-Katib Printers Larkano

**ڪتاب ملڻ جو هنڌ:**

**رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو.**
**مهراڻ ڪتاب گهر، گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو.**
**ضمير سوهو بوڪ اسٽور، ڏوڪري.**
**۽ سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال.**

رابطي لاءِ: عيسىٰ ميمڻ-**0333-7553879**

**هي ڪتاب علي بخش پناڻ ۽ ادل سولنگي، سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران ڪراچيءَ مان ڇپرائي**

## ارپـنــا:

هي ڪتاب
ارپيم ان ”آهہ“ کي جنهن ”آهہ“ زندگي
کي نئون روپ ڏئي ڇڏيو.
”ستي سيج هئاس، مون کي ”آهہ“ اٿاريو“
۽ اڄ بہ ان ”آهہ“ سڪون سان ورهڻ نہ ڏنو آهي.
جڏهن سنجهي ئي ستو آهيان تڏهن اها ”آهہ“
سڏ پڙا ڏو ٻڌجي ڪنن ۾ گونجندي رهندي آهي.
منهنجي ”آهہ“ اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

**عيسىٰ ميمڻ**

## سٿاءُ :


| | |
|---|---|
| اداري پاران | ادارو |
| عيسىٰ ميمڻ: مختصر تعارف | عزيز منگي |
| مهاڳ "سياسي ادب ڏي هڪ نئين وک" | نواز خان زنئور |
| ٻه اکر | خالد چانڊيو |
| عيسىٰ ميمڻ کان مسيح ڪالاٽي تائين | ادل سولنگي |
| ليکڪ پاران | عيسىٰ ميمڻ |


## سياسي تجزيا ۽ تاريخ


قومي ۽ طبقاتي سوال جو جائزو
سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري خلاف مزاحمت: حقيقتون ۽ خدشا
سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري: مزاحمت کان خاموشيءَ تائين
"منجهايو ۽ حڪومت ڪريو" پاليسي ۽ رياست
6- ڊسمبر: ٽوپي ۽ اجرڪ جو ڏهارو منظر ۽ پسمنظر
معاشي بحران جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل رياست
ٽوڙي ڦاٽڪ سانحو ۽ شاگرد سياست
سنڌ ۾ تاريخي ٻوڏ: سبب ۽ حل
ذوالفقار آباد: سنڌ دشمن رٿا
سماج جي ترقي ۾ تعليم جو ڪردار
سنڌو دريا تاريخ جي آئيني ۾
سنڌو ماٿر تهذيب جو عظيم اهڃاڻ: مهين جو دڙو
ٻکر تاريخ جي پرهه ڦٽي
ڪوٽڏيجي قلعو
مڪلي: خاموش تاريخ
سر ساموندي ۾ وهن جو وايون
مڏ جو اصل متو ۽ متارا
سنڌي ادبي سنگت ڏوڪري جي مختصر تاريخ


## سياسي، ادبي ۽ سماجي شخصيتون


| | |
|---|---|
| هند ۽ سنڌ جو سورمو | هيمون ڪالاڻي |
| ويهين صديءَ جو باغي شاعر | شيخ اياز |
| قومي تحريڪ جو ديو مالائي ڪردار | عرفان مهدي |
| سنڌ جو مزاحمتي شاعر | زخمي چانڊيو |
| ڏاهپ ۽ ويڙهه جو سنگم | ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو |
| تاريخ جي راهن ۾ مارجي ويل | شهيد سميع الله ڪلهوڙو |

تون هونئن به مرندين
سنڌ جو سک ديو
هڪ عظيم انسان جو وڇوڙو شهيد
هو دودي سومري جو تسلسل هو
گهاٽي ٻڙ جي ڇانوَ
پرهه جي ٽڏي هير جهڙو شخص

شهيد سرائي قربان ۽ سندس ساٿي
شهيد ذوالفقار ڪولاچي
بشير قريشي
شهيد مظفر ڀٽو
ڪامريڊ حيدر جويو
عبدالحميد ابڙو

## ستاءُ :

# اداري پاران

تاريخ ٻڌائي ٿي ته هر شيءِ ۾ تحرڪ آهي ۽ تحرڪ هميشه تبديليءَ کي جنم ڏيندو آهي. جيڪا شيءِ تبديل نه ٿيندي اها لازمي طور تي فنا ٿيندي. ان ڪري مادي حالتن جي تبديليءَ سان خيالن ۾ به تبديلي اچي ٿي چاڪاڻ ته خيال ماري حالتن جو عڪس پيش ڪن ٿا. اهو الڳ سوال اهي ته خيال مادي مان جنم وٺي پيادي جي تبديليءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

خيال، سوچون توڙي شعور مادي حالتن جي تابع ٿين ٿا ته مادي حالتن سان بغاوت به ڪن ٿا. اهو شعور جو سفر آهي جو انسان هر دؤر ۾ بغاوتون ڪندو رهيو آهي نئين سماج اڏڻ لاءِ. اهو انسان جي سفر پيٿاگورس کان وٺي سقراط ، سقراط کان ڪانٽ، ڪانٽ کان مارڪس ۽ مارڪس کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين ۽ ان کان به اڳتي ان جو سفر جيئن جو تيئن جاري آهي ۽ جاري رهندو.

عموماََ دنيا ۽ خصوصاََ سنڌ ۾ سوويت يونين جا زوال کان پوءِ انقلاب ۽ تبديليءَ جو سفر ڍرو ته ٿيو آهي پر ختم ناهي ٿيو، ان ڍرائپ سبب سنڌ ۾ فڪري طور تي اڄ تائين اها ٿهي علمي، ادبي ۽ سياسي ميدان تي بيٺي آهي جيڪا سن 1991 ع ۾ تائين تحرڪ ۾ هئي. ان کان پوءِ ايندڙ ٿهي تي اهو ماحول ميسر نه ٿي سگهيو يا اڳين ٿهي، نئين ٿهيءَ لاءِ رستو صاف نه پئي ڪيو بحرحال پنهي حالتن ۾ سنڌ جو فڪري سفر اڳ وارو ته نه هيو پر ختم هرگز نه ٿيو آهي، انڪري اسان اداري پاران اهو فيصلو ڪيوسين ته نئين ٿهي کي ڀرپور موقعا فراهم ڪري، انهن جون لکڻيون ۽ ٻيو مواد ترجيحي بنيادن تي ڇپرائينداسين ته جيئن انهن جي فڪري واڌ ويجهه کي مناسب ماحول ملي سگهي.

هي ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" ان نوجوان جو آهي جيڪو 15 سالن کان وٺي سياسي، سماجي ۽ ادبي ميدان تي متحرڪ رهيو آهي ته علمي فڪري طور ڪافي برجستو به رهيو آهي. هي ڪتاب نه صرف عيسيٰ ميمڻ جا خيال پيش ڪري ٿو پرنئين ٿهي فڪري طور تي ڪٿي بيٺي آهي ان جو اولڙو پڻ هن ڪتاب ۾ پسي سگهجي ٿو. هونئن به عيسيٰ ميمڻ پنهنجي ٿهيءَ ۾ گهڻو متحرڪ رهيو آهي ته ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ اتساهه جو سبب پڻ رهيو آهي. ان ڪري اسان کي خوشي آهي ته اهڙي نوجوان جو ڪتاب ڇپرائي، اسان ڄڻ ته پنهنجي مقصد طرف هڪ وک وڌائي آهي. اميد ته اسان جي پيارجو پورهيو اوهان کي قبول پوندو. ڪتاب جي ڏس ۾ جن دوستن سهڪار ڪيو، ادارو انهن جو تهه دل سان شڪريو ادا ڪري ٿو.

ادارو
سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري
ضلعو لاڙڪاڻو

تاريخ. 04.03.2013

# عيسىٰ ميمڻ: هڪ مختصر تعارف

سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ جي واڳ جڏهن نثار کوکر کي ملي تڏهن ان جي ڪارڪردگي نمايان ٿيڻ لڳي پر نثار ٽُرت ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن ماسترس ڪرڻ لاءِ هليو ويو. اِها 80ع جي آخري سالن جي ڳالهه آهي. ناصر زهراڻي ان سلسلي ۾ سنگت لاءِ پڻ حوالن سان معتبر نالو بڻجي چُڪو هو. هڪڙو اهو ته هُو ڏڙا ڏڙ ڪهاڻيون لکي تنقيدي ڪلاسن ۾ پيش ڪندو هو ۽ ٻيو ته لياقت ميراڻيءَ جي صلاح سان سنگت جون گڏجاڻيون موهن جو دڙو سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ منعقد ڪرائڻ لڳو، جتي هُو والنٽيئر استاد به هو ته لائبريري انچارج پڻ. نوي جي شروع ۾ مان به ڏوڪري سنگت جو ميمبر بڻيس ۽ ان ڪان پوءِ سنگت ڏوڪري شاخ ڪڏهن فعال ته ڪڏهن غيرفعال رهندي پئي اچي، پر گهڻي عرصي تائين ان جون سرگرميون معطل نه ٿيون آهن. ناصر زهراڻي ڪان پوءِ منهنجي سيڪريٽري شپ ۽ بعد ۾ حاڪم مگّرئي ان تسلسل کي ڀرپور نموني جاري رکيو، پر پوءِ اُهو عيسىٰ ميمڻ ئي هو جنهن سنگت جي سرگرمين کي عروج تي پهچايو، جو اڄ به اهڙي سرگرميءَ جي تاس لاهڻ لاءِ اسان سِڪي رهيا آهيون.

هي سنهڙو سيپڪڙو چوڪرو سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ سان سلهاڙيو ته ان جي ڪارڪردگيءَ کي پڻ چار چنڊ لڳي ويا. پروگرام ته پنهنجي جاءِ تي، پر اسان هتان لاڙڪاڻي مان سيڙجي اتي گڏجاڻين ۾ شرڪت وجي ڪندا هئاسين. گڏجاڻيون ۽ پروگرام اهڙا يادگار ٿيا جو اڄ تائين انهن جو مثال تمام گهٽ ملي ٿو.

تعلقي ڏوڪريءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪوهارا ۾ 09 جولاءِ 1985ع تي الله ڏني ميمڻ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ محمد عيسىٰ ميمڻ لاءِ ائين بنا هٻڪ جي چئي سگهجي ٿو ته، ڏوڪريءَ پهچڻ ڪان پوءِ هُن جيڏو نالو ڪڍيو شايد ئي ننڍي ڄمار ۾ ڪنهن اهڙي سڃاڻپ حاصل ڪئي هُجي.

عيسىٰ ميمڻ 2006ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪئي ۽ گڏوگڏ 2007ع ۾ ايل. ايل. بيءَ جي سَنَدَ پڻ ماڻي ورتائين. 1998ع ۾ هن ادبي سفر جو آغاز ڪيو ۽ شاعري توڙي ڪالم لکڻ جي مشق ڪرڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي عوامي آواز اخبار جي ٻارن جي واري صفحي "جوت" ۾ سندس تخليق شايع ٿي ۽ ان ڪان پوءِ سندس تخليقي سفر، هو ڏوڪريءَ جي حلقي مان نڪري سنڌ جو اهم قلمڪار بڻجي ويو.

ساهتي سفر دوران 1998ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ جو ميمبر بڻيو ۽ 2002ع ۽ 2003ع ۾ ساڳي شاخ جو ٻه دفعا سيڪريٽري ٿيڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ ساڳي شاخ ۾ مختلف عهدن تي سرگرميون جاري رکندو آيو ۽ ائين ئي سندس اڳتي جو سلسلو اچي هن وقت سنگت لاڙڪاڻي شاخ جي ميمبر ٿيڻ تي پهتو آهي.

2006-07ع ۾ سنڌ سنگت ضلعي لاڙڪاڻي جي ترجمان پرچي "سنگت سماچار" جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿي رهيو جڏهن ته ماهوار "سارنگ" ڪراچي جو پڻ 2009ع ۾ جوائنٽ ايڊيٽر بڻيو.

سنڌو سڀيتا جي قديم اهڃاڻن جي زبون حاليءَ خلاف وس وارن تائين سنڌ جو آواز پهچائڻ لاءِ 2007ع ۾ ادل سولنگي ۽ عزيز منگيءَ سان گڏجي مُهين جو دڙو اڪيڊمي آف سنڌ جو بنياد رکيائين ۽ ان جي ترجمان پرچي "سمبارا" جو ايڊيٽر پڻ بڻيو ۽ اڪيڊميءَ ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪري چُڪو آهي. اڪيڊمي ڪان اڳ ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري جي پليٽ فارم تان مهين جي دڙي لاءِ سندس پورهيو هميشه ياد رکيو ويندو.

ادب جي ميدان تي تيز رفتاريءَ سان هلندي هلندي 2007ع ۾ ايڪِتو اسٽوڊنٽس ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر چونڊيو ويو ۽ اتي به لائبريري کي بهتر ڪرڻ ۽ سماجي خدمتن ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيائين. هن جون علمي ادبي سرگرميون جاري ئي هيون ته سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي حالتِ زار ڏسي اڳتي وِڪ وڌائي سياسي ميدان تي ڪُڏي ڪاهي پيو. 2008_09ع ۾ جسقم جو ضلعي لاڙڪاڻي جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ پوءِ ٿوري

عرصي اندر 2010ع ۾ جسقم جو مرڪزي پريس سيڪريٽري ۽ 2011-12ع ۾ مرڪزي ڪلچرل سيڪريٽري پڻ چونڊيو ويو. سياسي ميدان تي پڻ پنهنجو چڱو خاصو اثر ڇڏيو اٿائين.

جنوري 2012ع ۾ ئي هن "سرسوتي" ساهت گهر ڏوڪريءَ جو بنياد رکيو ۽ ڏسندي ڏسندي ڪوڙ سارا ڪتاب پنهنجي قومي فرض جي پوئواريءَ ۾ اسان تائين پهچائي چُڪو آهي. سندس سياسي سڃاڻپ "مسيح ڪالاٽي" آهي ۽ هن جي ڪاتي ۾ جيڪو سچي عمر نہ وسرندڙ ۽ ساراهڻ جوڳو ڪم آهي سو ڪتابن جي ڇپائيءَ وارو آهي.

ادبي، علمي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين سان گڏ هي پتڪڙو چوڪرو ڪتابن جي مواد جي سهيڙ پروف ريڊنگ، سيٽنگ ۽ پرنٽنگ بہ ڪندو رهي ٿو ۽ انهن جو مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات مصروفِ عمل آهي.

سنڌي ادب، سياست ۽علم جي مورچن تي هن جيڪو پورهيو ٽاڪيو آهي، ان ۾:

1. مُهين جو باغي (ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو) ترتيب: مسيح ڪالاٽي- 2012ع
2. پرهہ جو پيغمبر (سائين جي ايم سيد جون يادگار تقريرون) ترتيب: مسيح ڪالاٽي _ 2012ع.
3. سياست، تاريخ ۽ ڪردار (ڪالم ۽ مضمون) (عيسيٰ ميمڻ) 2013ع
4. اٽپوري ڪويتا (منتظر سومرو_شاعري) 2012ع
5. فلسفو ۽ زندگي (جوڻيجو عبدالخالق) 2013ع
6. سياسي تعليمي نصاب (ڊاڪٽر مير عالم مري) 2012ع
7. سياست، سماج ۽ آزادي (خالد چانڊيو) 2013ع
8. سماج ۽ ادب جو سفر (سرور منگي جون تخليقون) مرتب: عيسيٰ ميمڻ- 2013ع
9. خانا بدوش لفظن جا قافلا (ادل سولنگيءَ جي شاعري) 2013ع
10. سنڌ پنهنجي جدا گهرجي (موريل زهراڻيءَ جون تخليقون) 2013ع
11. سنڌي پولي ۽ ادب جو اهڃاڻ: سراج (خالد چانڊيو) 2013ع
12. اکڙين جي ياڪر ۾ (شهمير سومرو-شاعري) 2013ع.

عيسيٰ ميمڻ جي شاعري لاڙڪاڻي ضلعي جي 16 شاعرن جي گڏيل مجموعي "مون ڏات انوکي آندي آ" ۾ شايع ٿي چُڪي آهي، جيڪو رياضت پرڙي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو آهي.

هن کي ادبي ۽ علمي خدمتن جي ميجا طور مختلف اعزاز ۽ سَندون بہ مليل چڪيون آهن، جن مان 2000ع ۾ سنڌي ٻارڙا پبليڪيشن حيدرآباد پاراٽي ادب جي خدمت طور محمد ابراهيم جويو جي صحيءَ سان "ميجتا سَندَ"، 2004ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ پاران "سنگت جو بهترين ورڪر" ايوارڊ نمايان آهن.

عيسيٰ ميمڻ سان رابطو ڪرڻ تمام سهنجو آهي، هن سان خط وڪتابت ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو جي پتي تي ڪري سگهجي ٿي، جڏهن تہ سيل فون 0333755389 ۽ essa.memon@ymail.com اٿس.

**عزيز منگي**
لاڙڪاڻو
31- مارچ 2013ع

مهاڳ

# سياسي ادب ڏي هڪ نئين وِکَ

سنڌ ۾ گذريل ڪيتري ئي عرصي کان سياسي ادب تمام گهٽ لکجي رهيو آهي. ان ۾ به وري معياري سياسي ادب ته صفا نه هجڻ جي برابر آهي. فردن وانگر قومن جي زندگين ۾ به جمود ۽ لاٽ جا ڏينهن ايندا آهن. اهڙن ڏينهن ۾ گهٽو ڪري ته سمورا شعبا، پر جي سمورا نه تڏهن به ڪيترائي اهم ۽ خاص شعبا، ان جمود ۽ لاٽ جو شڪار ٿيندا آهن. دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي ته ان جمود جي شروعات به گهڻي ڀاڱي سياست کان ٿيندي آهي، ته ان جو ٽوڙ به اڪثر اِتان ئي نڪرندو آهي. ان ڪري سياسي عمل جي پختائي ۽ سگهه ڪنهن به سماج جي ارتقا ۽ اؤج جي جانچنا جو هڪڙو اهم پئمانو آهي. سياسي ادب جو سرجڻ سياسي عمل جي پختگي، رواني ۽ ڪماليت جو هڪڙو خاص اهڃاڻ آهي. جڏهن سياسي عمل پنهنجي ڪنهن مخصوص سطح تي روان دوان هوندو آهي، تڏهن اهو ان سطح جو سياسي ادب پڻ پيدا ڪندو آهي. اهو جيڏو مؤثر ۽ سگهارو هوندو، ايڏو ئي پختو، وڏو ۽ عظيم ادب پيدا ڪندو. وري ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته سياسي عمل بنهه ڪمزور هوندو آهي ۽ انيڪ اندرين توڙي ٻاهرين رڪاوٽن ۾ گهيريل هوندو آهي؛ پر ان مرحلي تي اهو جيئن ته انهن سمورين رڪاوٽن ۽ استحصالي قوتن سان برسرِ پيڪار هوندو آهي، ان ڪري اهو پنهنجي بطن مان تمام سگهارو سياسي ادب جنميندو آهي. البت جيڪڏهن سياسي عمل اڃا پنهنجي اوسر جي ان مرحلي ۾ مس هوندو آهي جو اهو مڙئي پيرڙا ڪٽي سگهي، ته ان صورت ۾ وري سياسي ادب ان کي جلا بخشيندو آهي ۽ طاقت ٿيڻ ڏانهن وٺي ويندو آهي. هيءَ عمل به انيڪ ڪائناتي عملن وانگر ٻطرفو، ڪن حالتن ۾ گهڻ طرفو هوندو آهي. هڪ شئي ٻي شئي تي اثر وجهندي به آهي، ته ان جا اثر قبوليندي به آهي. گڏوگڏ اثر وجهڻ ۽ اثر قبولڻ جي ان سڄي ڪارگذاريءَ دوران بنهه نون اثرن، ڪارگذارين ۽ لقائن کي پڻ پيدا ڪندي آهي. ان ڪري هيٺ مٿانهيون ۽ گهاٽيون واڌيون اچڻ جي باوجود ارتقا ۽ اڳيرائيون رڪجنديون ناهن، ۽ سست رفتارين هوندي به قافلا اڳتي ڪاهيندا هلندا آهن.

اهڙي ريت سنڌ ۾ سياسي ادب ۾ آيل لاٽ جي باوجود اهو سلسلو هلندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين ڀاڻ ان صورتحال کي ذُڪار سان به ڀيٽي سگهون ٿا، پر صفا ڪاري ڏڪار واري حالت ناهي ۽ نه ئي ڪو "ڇَپني" جهڙو سال آيو آهي. ڏکين حالتن جي هوندي به ڪجهه اديب، دانشور، مضمون نگار ۽ قومي ڪارڪن پنهنجي پنهنجي وس ۽ وت آهر سياسي ادب سرجيندا رهن ٿا. جنهن مان ڪافي قدر لاڀائتو مواد پڻ ملي ٿو. سمورين رڪاوٽن ۽ ڪوتاهين هوندي به سياسي عمل توڙي سياسي ادب جو سرجڻ بند نه ٿيو آهي. اهو وري به رڙهندو هلي پيو. جيڪا هڪ خوش آئند ڳالهه آهي.ڇاڪاڻ جو هيءَ اهم نقطو آهي ته جڏهن به ڪو عمل، ڪا سرگرمي، ڪو پنڌ اڳتي رڙهندو هلندو آهي ته هڪ ڏاڪي تي پهچي وڏيڪ سگهارو، طاقتور ۽ مؤثر بڻجي پوندو آهي. اهو آخرڪار شاندار نتيجا ڏيڻ لڳندو آهي.

اسان جو دوست عيسيٰ ميمڻ، جيڪو عيسيٰ به آهي ته مسيح به آهي، ميمڻ به آهي ته ڪالاٽي به آهي، پڻ هن ئي سڳر ساٽ جو پانڌيئڙو آهي. ادب هجي يا راڄنيتي، شعر و شاعري هجي يا فڪري نظرياتي ميدان، هو هڪ ئي وقت سيني طرفن پنهنجي صلاحيتن ۽ توانائين جا ڪؤنتل ڪڏائيندو رهندو آهي. هو پاڻ به سهٽو آهي ته سندس خيال، سوچون ۽ نظريا به سهٽا آهن. ان ڪري مون سميت دوستن جي هڪ وڏي گهڻائي ڪيس پيار جي نظر سان ڏسندي آهي. اها جدا ڳالهه آهي ته هو حمايتن ۽ مخالفتن کان بي نياز ٿي پنهنجو سياسي، نظرياتي ۽ فڪري پورهيو ڪندو ٿو رهي. سندس زيرِ نظر ڪتاب "سياست، تاريخ ۽ ڪردار" سندس انهيءَ لاڳيتي پورهيي جو نشانبر ۽ نظر ايندڙ اهڃاڻ آهي.

“سياست، تاريخ ۽ ڪردار” مضمونن جو ڪتاب آهي ۽ بنيادي طور تي هڪ سياسي ڳٽڪو آهي، پر ان هوندي به ان ۾ جيڪا ٻولي جي مِٺاس، سرلتا، رواني ۽ سهنجائي آهي، اها ان جي ادبي اهميت کي تمام گهڻو وڌائي ٿي ڇڏي. هونئن به سنو ۽ ديرپا اهوئي ادب ثابت ٿيندو آهي، جيڪو فڪري سگهه سان گڏوگڏ فني لوازمات جي نقطي نگاهه کان پڻ ڀرپور هجي. ٻولي جي سونهن ان سلسلي ۾ پهرين گهرج آهي. سياسي ادب تي فن جي نقادن طرفان هڪ اعتراض اهو واريو ويندو آهي ته اهو خشڪ ٿئي ٿو ۽ فني خوبصورتي توڙي ٻولي جي چاشني منجهس ورلي ئي نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين ان ڳالهه کي جائز سمجهي سگهجي ٿو، پر هر هنڌ ايئن ناهي. نه رڳو عالمي سياسي ادب، پر خود سنڌ جي اندر سرجيل تمام گهڻي سياسي ادب تي اها ڳالهه ٺهڪي نه ٿي اچي. سائين جي ايم سيد کان وٺي عبدالواحد آريسر تائين، راشدي ڀائرن کان وٺي رسول بخش پليجي تائين اڪثر سياسي لکارين وٽ ٻولي جو اعليٰ درجي جو حُسن رهيو آهي. هاڻوڪي دؤر ۾ ڏسجي ٿو ته اها ساڳي ڳالهه آزاد قاضي، جامي چانڊيي، آصف بالادي، ڊاڪٽر مير عالم مري، نصير ميمڻ توڙي ٻين نوجوان دوستن وٽ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (آئون هتي انهن ليکڪن جو ذڪر نه پيو ڪريان جيڪي شاعراڻي يا افسانوي ادب وسيلي سياسي خيالن جي پرچار ڪن ٿا.) اهڙي ئي ريت عيسيٰ ميمڻ به ان لڙي ۾ ساڳي حيثيت رکي ٿو. هن وٽ به ٻولي جتي پنهنجي نفسِ مضمون ادا ڪرڻ ۾ مڪمل ريت ڪامياب رهي ٿي، اتي اها پنهنجي ادبي ۽ فني دلڪشي برقرار رکڻ ۾ پڻ سڦل ٿئي ٿي. آئون سمجهان ٿو ته اها مؤثر ابلاغ لاءِ هڪڙي تمام وڏي خوبي آهي، جنهن کانسواءِ سياسي ادب پنهنجو ڪارج ڪُلي طور تي ادا ڪرڻ ۾ گهڻي ڀاڱي ڪامياب نه ٿو ٿئي.

هن ڪتاب جي هڪ خاص خوبي هيءُ به آهي ته اهو هڪ ئي وقت سياسي فڪر سان به ڀرپور آهي، تاريخ جي پراڻين ڳلين جي مهڪ به ميڙي ٿو اچي، اپريل مسئلن جي ڇنڊڇاڻ به ڪري ٿو، تجزين جي جهان ۾ به جهاتي پائي ٿو، ادب جي ڪميت کي به ڪرڪنا هڻي ٿو، ته خاڪانگاري جي صنف کي ڇهندي ان منجهان رنگ رنگ شخصيتن جي خوشبو کي پکيڙي ٿو ڇڏي. هو “وٽان وٽان ڪانئي” ڪَٺي ڪري هڪڙي گلدائي نه ٿو سجائي، پر هڪڙو پورو چمن آباد ڪري ٿو ڇڏي. جنهن جي مدماتي سڳنڌ پڪ سان پڙهندڙ جي پوري وجود کي واسي ۽ معطر ڪري ڇڏيندي.

هونئن ته هن ڪتاب تي گهڻو لکي سگهجي ٿو ۽ ان مان حوالي طور ڪيترائي خوبصورت ۽ اهم ٽُڪرا ڪٽي هن مُهاڳ ۾ ڏئي سگهجن ٿا. پر وقت جي اٿهوند ۽ تڪڙ جي ڪري هنن سٽن کي بنهه مختصر ڪندي آئون عيسيٰ ميمڻ کي ههڙو سٺو، ڪارائتو ۽ وقتائو ڪتاب لکڻ تي دلي واڌايون ڏيان ٿو. گڏوگڏ اها به اميد اٿم ته هيءُ ڪتاب قومي ڪارڪنن لاءِ نهايت لاڀائتو ثابت ٿيندو ۽ اهي ان مان مفيد رهنمائي حاصل ڪندا. لاشڪ هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي سياسي ادب ۾ هڪ اهم واڌارو آهي.

سنڌ سلامت، سات سلامت.

نواز خان زئور

10 اپريل 2013ع

ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو، سنڌ

# پہ اکر

جڏهن ڪامريڊ حيدر جويو سان گڏ آيل سنهڙي سيپڪ نوجوان کي مون ڏٺو ۽ سندس تعارف ڪامريڊ حيدر جويو، عيسيٰ ميمڻ جي نالي سان ڪرائيندي ٻڌايو تہ ”عيسيٰ پڙهيل نوجوان آهي ۽ سياسي مطالعو بہ ڪندو رهي ٿو.“ اڳتي هلي عيسيٰ لاڙڪاڻي سيٽل ٿيو تہ ساڻس لڳاتار ڪچهريون ٿيڻ لڳيون. هڪڙي ڏينهن عيسيٰ هڪڙي ڪتاب جي جوڙجڪ تي مشورو وٺڻ آيو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون ڪيس چيو تہ تون بجاءِ سياسي ڪارڪن طور سرگرم ٿيڻ جي هڪ ليکڪ طور اڳتي اچ ۽ پنهنجي صلاحيت جو ڀرپور استعمال ڪري ڏيکار. انوقت همراهہ سڌو جواب تہ نہ ڏنو پر ڪجهہ ڏينهن ۾ اچي هڪڙي ڪتاب جا پروف منهنجي اڳيان رکيائين تہ چيڪ ڪري ڏيو. اهو ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري جو پهريون ڪتاب هيو ۽ هاڻي اهو سلسلو وڃي ڏهن ڪتابن تي پهتو آهي جنهن مان ہہ ڪتاب تہ منهنجا لکيل ۽ سهيڙيل آهن.

عيسيٰ ميمڻ جو هي ڪتاب ”سياست، تاريخ ۽ ڪردار“ سندس لکيل مختلف مضمونن جو گڏڪو آهي جيڪي مختلف وقتن تي ڇپيا آهن. هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو سياسي سماجي، تجزين ۽ تاريخ جي اڀئار تي ٻڌل 18 مضمونن تي ٻڌل آهي جڏهن تہ ٻيو ڀاڱو 10 شخصيتن تي لکيل مضمونن تي ٻڌل آهي. جيڪي سيئي جديد سنڌ جا علمي، ادبي، سياسي ۽ مزاحمتي ڪردار آهن.

عيسيٰ جن سياسي ۽ سماجي موضوعن تي قلم کنيو آهي اهي موضوع اڄ جي سنڌ جا ٻرندڙ مسئلا آهن. قومي جبر ۽ غلامي جي ڏکئي دور ۾ سندس ڪالم نهايت اتساهيندڙ جذبو پيدا ڪندڙ ۽ معلوماتي پڻ آهن. سندس تحرير ٻڌائي ٿي تہ پاڻ هڪ صاحب دل ليکڪ آهي جنهن جي اکين ۾ ٻرندڙ آزادي جي جوت سندس قلم مان وڄ جيئن ورا ڪا ڪري ظاهر ٿئي ٿي.

هونئن تہ سنڌ ۾ لکندڙن ۽ ڪالم نويسن جو وڏو انگ موجود آهي جيڪي پنهنجي قلم سان قومي سياسي ڪارڪنن جي رهنمائي لاءِ چڱو خاصو مواد فراهم ڪري رهيا آهن ۽ عيسيٰ جهڙي سڃاڻ نوجوان جو اضافو بہ اسان جي سياسي ادب ۾ هڪ سٺو سنوڻ آهي.

جديد سنڌي سياسي ۽ مزاحمتي ڪردارن تي لکيل سندس مضمون بہ اسان کي سنڌ سان ٿيندڙ ٻي رحمانہ ڪار رواين ۽ وارتائن بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌائين ٿا. رياستي پاليسين، ڌاري آباد ڪاري، قومي ۽ طبقاتي سوال، معاشي بحران، ذوالفقار آباد جهڙي قاتل رٿا، 2010 ع واري تاريخي ٻوڏ، ٽوپي اجرڪ واري ڏهاڙي جو تجزيو ۽ ٽوڙهي ڦاٽڪ سانحي جي حوالي سان شاگرد سياست جو تجزيو وارا مضمون سنڌ جي سياسي صورتحال جا سٺا ۽ مناسب تجزيا آهن. جڏهن تہ سنڌو درياهہ جي تاريخ، مُهين جي دڙي، بکر شهر، ڪوٽڏيجي قلعي ۽ مڪلي جي قبرستان وارا مضمون تاريخ ۽ آثار قديمہ جي موضوع سان واسطو رکن ٿا. هن انهيءَ موضوع سان بہ انصاف ڪرڻ جي سٺي ڪوشش ڪئي آهي.

ان سان گڏوگڏ لطيف شناسي جي حوالي سان ”سرساموندي“ ۾ ”وهن جو وايون ۽ مٽ جو اصل متو متارا“ آرٽيڪل تہ نهايت شاندار لکيا اٿائين ۽ ڀٽ ڌڻي جي پيغام کي نئين سر دريافت ڪرڻ جي ڏن ۾ لڳل آهي. سندس تجزيو بي مثال ۽ دليل بهترين آهن. مان کيس صلاح ڏيندس تہ ڀٽائي جي ٻين سُرن تي بہ لکي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو.

سنڌي ادبي سنگت هڪ ترقي پسند ادبي تنظيم آهي جيڪڏهن ٻين شاخن سان واسطو رکندڙ دوست عيسيٰ وانگر بہ پنهنجي شاخن جي تاريخ لکن تہ سنڌ جي ادبي تاريخ ٺهي پوندي.

پنهنجي طبيعت ۽ سڀاءَ ۾ نهٺو، بااخلاق، مرڪندڙ هي نوجوان جيڪا محنت ڪري رهيو آهي ان محنت

سان سنڌي ادب ۾ ستو واڌارو ٿي رهيو آهي. سندس هي ڪتاب نوجوان سياسي ڪارڪنن جي رهنمائي ۽ ذهن سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. ان سان گڏ عيسيٰ مان بہ اميد آهي تہ تحقيق ۽ مطالعي جي ڪم کي جاري رکندو تہ جيئن اسان پڙهندڙن جي ذوق مطالعہ جي تسڪين ٿيندي رهي.

**استاد خالد چانڊيو**

31-03-2013

# عيسىٰ ميمڻ کان مسيح ڪالاڻي تائين

سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ جي گڏجاڻين ۾ هڪ ننڍڙو سنهڙو سيپڪڙو ٻالڪ عيسىٰ ميمڻ جڏهن شريڪ ٿيندو هو، اڳتي هلي هن لکڻ شروع ڪيو جنهن ۾ شاعري، ان ڪانپوءِ مضمون وغيره. عيسىٰ ميمڻ جي اکين ۾ هڪ علمي اُڃ مونکي محسوس ٿيندي هئي. لڳاتار ادبي سرگرمين ۾ حصيدار رهندي جڏهن هو پنهنجي شعوري سفر ۾ ميچوئر ٿيڻ لڳو تڏهن هن جي سوچ ۽ لوچ جو پنڌ به تيزيءَ سان شروع ٿئي ٿو. 03-2002ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوڪريءَ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان هن جي جدوجهد اهڙي مثالي رهي آهي جنهن پنهنجي علائقي ۾ خاص ڪري ڏوڪريءَ جي علمي، ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ ۽ عام ڪري سڄي ضلعي جي علمي ادبي حلقن ۾ نئون روح ڦوڪيو. موهن جي دڙي جي قيمتي مهرن جي چوريءَ خلاف هن جي جدوجهد ايتري سگهاري رهي جو سنڌ جي سمورن شهرن ۾ قيمتي مهرن جي چوريءَ خلاف سگهارو آواز اُڀريو. ان حوالي سان سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران پڻ اُن جدوجهد کي قبوليت ملي ۽ موهن جي دڙي بابت عاليشان سيمينار ڪوٺايو ويو ۽ جڏهن ته ان ڏس ۾ لاڙڪاڻو ضلع حڪومت پاران پڻ تمام گهڻي پيش رفت ڪئي. منهنجو ۽ هن جو ساٿ سائين جي ايم سيد جي فڪري جدوجهد ۾ رهيو آهي، ڪهڙيون به حالتون رهيون هجن اسان پنهنجي فڪري جدوجهد ۾ هميشه رُڌل رهيا آهيون. توڙي جو مقامي طور تي اسان جي آڏو پنهنجن توڙي پراون ڪافي رڪاوٽون وڌيون، سڌي اڻ سڌيءَ طرح سگهاريون ڌريون اسان مٿان اثرانداز ٿيڻ جون سموريون ڪوششون ڪنديون رهيون آهن تنهن هوندي به اسان جو شيخ اياز جي هِنن سِٽن تي اجان ايمان پختو ٿيندو رهيو آهي ته:

جي تون وڙهندي ماريو ويندي،
هن وَستيءَ تان واريو ويندي،
دودا تنهنجو ساهہُ ته ويندو،
پر ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو.

اسان وقت جي نتهڻ جو فڪرِ جي ايم سيد جي چانوَ ۾ رهندي مقابلو ڪيو آهي، ويڙهاند ڪئي آهي، جدوجهد ڪئي آهي پر ڪڏهن به حوصلو هاريو ناهي ۽ اسان جو ساٿ جيئن پوءِ تيئن گهرو ٿيندو رهيو آهي. عيسىٰ ۽ منهنجي سياسي علمي ۽ ادبي پورهيي اڳيان وقت جا چامڙا شڪست کائي ويا آهن.

”ينگ ايجوڪيشنل سوسائٽي“، ”موهن جو دڙو اڪيڊمي آف سنڌ“ کان ويندي ”سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري“ تائين هن جي شعوري سفر ۾ آءٌ هميشه هن سان گڏ رهيو آهيان. اڄ جڏهن آءٌ گذريل وقت ڏانهن نهاريان ٿو ته عيسىٰ جي جدوجهد ۽ حاصلات اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائي رهي آهي. اڳتي هلي جڏهن عيسىٰ ميمڻ ”مسيح ڪالاڻي“ بڻجي ٿو تڏهن مون ڪنهن پروگرام ۾ ڪيس هنن لفظن ۾ اسٽيج تي گهرايو هو ته، ”هڪ هيو سنڌ جو بهادر پٽ هيمون ڪالاڻي جنهن جو تسلسل آهي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جو تسلسل آهي مسيح ڪالاڻي“ ۽ اڄ هو پنهنجي نالي مسيح ۽ ڪالاڻي جو ڀرم رکڻ لاءِ ڪوشان آهي.

مسيح ڪالاڻي پنهنجي قوم جي مسيحائي سائين جي ايم سيد جي فڪري واٽ تي هلندي ڪري رهيو آهي، سنڌ جي آزادي تائين اسان جي جدوجهد جاري رهڻي آهي، اسان جو ساٿ سدائين لاءِ رهڻو آهي. مون هر ڀيري چيو آهي ته ”جيڪڏهن عيسىٰ ميمڻ جهڙو ياءُ هجي ته مونکي ڪابه ڳڻتي ناهي ۽ اڄ عيسىٰ سان گڏ هوندي مونکي فخر به آهي ته پنهنجي ڪلهن جو بار هلڪو به محسوس ڪريان ٿو.“

سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي سجاڳيءَ ۾ جيڪو ڪردار عيسىٰ رهيو آهي آءٌ سنڌ جي هر نوجوان کان اهڙي گهُرَ ٿو ڪريان ته هو قومي تحريڪ کي سگهارو بنائڻ لاءِ ۽ سنڌي قوم جي آزاديءَ واري ويڙهاند ۾ عيسىٰ

ميمڻ جهڙو عملي ڪردار ادا ڪري پنهنجو قومي فرض نڀائي ته سنڌ جي خوشحالي، امن ۽ آزادي جو پنڌ پرانهون ٿي پوندو.

**ادل سولنگي**
(محرابپور)
3- اپريل 2013ع

# ليکڪ پاران

منهنجو هي ڪتاب مختلف وقتن تي لکيل لکڻين جو ڳٽڪو آهي. جنهن ۾ جنهن معاملي کي جيئن مون سمجهيو آهي ته ان کي ايئن بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جيتوڻيڪ ڪجهه لکڻيون گهڻو وقت اڳ لکڻ سبب انهن ۾ ڪجهه ڳالهين سان اتفاق نه به آهي پر اهي منهنجا خيال ان وقت جي عڪاسي ڪن ٿا. جيئن جيئن وڌيڪ پڙهجي ۽ مشاهدو ڪجي ٿو تيئن تيئن خيالن ۾ تبديلي اٽر بڻجي وڃي ٿي. ڪائنات ۾ بقا صرف تبديلي کي ئي آهي. جيڪا به شيءِ يا خيال تبديل نه ٿو ٿئي يقيناً اهو پنهنجو ڪارج وڃائي ويهي ٿو. ان ڪري منهنجا هي خيال هن وقت تائين جو سچ آهن ايندڙ دؤر جي سچ جو تعين ايندڙ حالتون ڪنديون، چو ته هر دؤر جو سچ پنهنجو ٿيندو آهي. هي لکڻيون صرف تاريخ جي هڪ دؤر جو سچ سمجهيون وڃن.

ڪتاب جي ڏس ۾ جن دوستن مون سان سهڪار ڪيو انهن ۾ منهنجي بااعتماد ساٿي ۽ بهترين نقاد ۽ نثر نويس علي بخش پنهور، منهنجي وڏي ڀاءُ ادل سولنگي ۽ عزيز منگي، اسان جي محسن خالد چانديو ۽ نئين ٿهيءَ جي دانشور ۽ اديب نواز خان زنئور ۽ ناليواري شاعر ڊاڪٽر ادل سومري جا خاص ٿورا جن وقت ڪڍي به اکر لکڻ جي عنايت ڪري منهنجي حوصلي افزائي ڪئي. ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ ساٿي شيخ رفيق ۽ ٽائيٽل لاءِ مرتضىٰ ميمڻ جا پڻ احسان هميشه ياد رهندا.

ڪتاب تي مان پنهنجي راءِ ڏيڻ بجاءِ سڀ ڪجهه پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو ته هو ڪيئن ڏسن ۽ سمجهن ٿا. مان پنهنجي سمورن خيالن، سوچن ۽ تجزين جي لفظ لفظ کان وٺي ڪاما، فل اسٽاپ تائين جو ذميوار آهيان تنقيدي، تعريفي يا اصلاحي جيڪو به پهلو سامهون آيو ته ان جي دل کولي آجيان ڪندس.

اوهان جو پنهنجو

عيسىٰ ميمڻ

ڏوڪري

# سياسي تجزيا ۽ تاريخ : حصو پهريون

# قومي ۽ طبقاتي سوال جو جائزو

سنڌ ۾ قومي ۽ طبقاتي سوال تي گهڻي وقت کان بحث هلندڙ آهي. جڏهن تضاد موجود هجن ته ان تي بحث تضاد جو سلجهاءُ لازمي بڻيو پوي. شعور مادي حالتن جي پيداوار هوندو آهي. مادي حالتن جي تبديليءَ سان شعور ۾ به تبديلي ايندي آهي. شعور جيتوڻيڪ مادي حالتن جي پيداوار ضرور هوندو آهي پر شعور مادي حالتن جي تبديليءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. اها تبديلي ارتقائي تبديلي هجي يا انقلابي ان ۾ شعور جو عمل دخل ضرور هوندو آهي. ارتقائي عمل ڪڏهن ڪڏهن صدين جو سفر ڪري معاشري ۾ تبديليءَ لاءِ راهه هموار ڪندو آهي. جيئن غلام داري سماج کان جاگيرداري سماج تائين انسان کي صدين جون صديون سفر ڪندي گذريو آهي. جنهن ۾ انسان غلام داري سماج کان بغاوتون ڪندي، پنهنجي جند آجي ته ڪرائي پر وري جاگيرداري سماج ۾ جڪڙجي پيو. جيتوڻيڪ جاگيرداري سماج، غلام داري سماج کان وڌيڪ ترقي پسند ثابت ٿيندو آهي، جنهن ۾ سماج هڪ قدم اڳتي سفر ڪندو آهي. پر هڪ خاص عرصي کان پوءِ ساڳيو سماج تبديليءَ جي گهُر ڪندو آهي، جيڪڏهن ان سماج ۾ تبديلي نه ٿي اچي ته معاشري ۾ بگاڙ ۽ پيچ ڊاهه شروع ٿيندي آهي. جيئن جاگيرداري سماج کان پوءِ سرمائيداري سماج ۾ تبديليءَ جي مرحلي ۾ سماج ۾ بغاوتون شروع ٿيون. چو ته سرمائيداري سماج ۾ پيداواري ذريعن جي تبديليءَ سان پيداواري اوزارن ۾ تبديلي ۽ پيداواري اوزارن جي تبديليءَ سان پيداواري رشتن ۾ تبديلي اٽڙ بڻجي وڃي ٿي. جاگيرداري سماج ۾ پيداواري رشتن ۾ ڏار پئجي ويندا آهن. جڏهن سرمائيدار پنهنجا پير پختا ڪرڻ لاءِ جاگيرداري سماج سان مهاڏو اٽڪايو. سرمائيداري، جاگيرداري کان وڌيڪ ترقي پسند رجحان ۽ لاڙا کڻي آئي. جنهن ۾ انساني ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ۽ ماڻهن جاگيرداري کان وڌيڪ بهتر سرمائيداريءَ کي سمجهيو. ان ڪري سرمائيداريءَ جي ترقي پسند رجحانن قومن جي تشڪيل ڪرڻ شروع ڪئي. جاگيرداري جي ٻين هزار برائين سان گڏ سڀ کان وڌيڪ برائي اها به هوندي آهي ته ان نظام ۾ ماڻهو ٽڪرن ۾ ورهايل هوندا آهن. سوچ علائقائي دائرن تائين محدود هوندي آهي، جنهن ڪري ماڻهوءَ جا مفاد به علائقائي ٿيندا آهن پر سرمائيداري سماج قومي منڊي جي تلاش ۾ علائقائي سوچ بجاءِ قومي/ اجتماعي سوچ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي. جنهنڪري ماڻهن جي مرڪزيت (Centralization) جڙندي آهي. سرمائيدار کي سستي پورهيت، ڪچي مال ۽ منڊيءَ جي سخت ضرورت هوندي آهي. ان ڪري هو مذهبي عقيدي پرستي، علائقائي سوچ بجاءِ ماڻهن کي هڪ قوم هجڻ جا سبق ڏيندو آهي. ان جو مقصد اهو هرگز نه هوندو آهي ته سرمائيدار قوم سان محبت ڪندو آهي پر هن کي پنهنجا معاشي مفاد وڌيڪ عزيز هوندا آهن. ان ڪري هو قومي تحريڪن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڪوشان هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سرمائيدار کي عالمي سرمائيدار جي سيڙپڪاري ۽ اثر رسوخ گهٽائڻ لاءِ قومي تحريڪ جي سخت ضرورت هوندي آهي. جاگيردار ۽ مذهبي انتهاپسندي، ترقي پسندي رجحانن کي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪندي آهي. ان ڪري سرمائيدار کي اپرڻ نه ڏيندي آهي. سرمائيداري، جاگيرداري ۽ مذهبي انتهاپسندي لاءِ موت جو پروانو کڻي ايندي آهي. ان ڪري قومي تحريڪ هڪ ئي وقت عالمي سامراج، جاگيردار ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ خلاف ويڙهه وڙهندي آهي. جنهن جي پسمنظر ۾ سرمائيدار هوندو آهي.

سنڌ ۾ قومي سرمائيدار نه هجڻ سبب، اهو خال ڏارئي سرمائيدار پورو ڪيو. ان جو مطلب اهو به هرگز نه آهي ته سنڌ ۾ قومي سرمائيدار پيدا ئي نه ٿيو. سنڌ ۾ اڪثر جيڪو مڊل ڪلاس انگريز دؤر ۾ ترقيءَ جون منزلون طئه ڪندي سرمائيداريءَ جو چار وچائي رهيو هو. ان کي 1947ع واري ورهاڱي ۾ زبردستيءَ لڏايو ويو. نتيجي طور تي سنڌ ۾ جيڪي مڊل ڪلاس تعليم ۽ صحت جا ادارا ڪولي عوام ۾ شهري زندگي گذارڻ جا لاڙا پيدا ڪيا، ان کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ۾ ورهاڱي ڪري رڪاوٽ پيدا ٿي ۽ ان جي جاءِ ڏارئي سرمائيدار پنهنجو سرمايو کڻي ۽ سنڌ جي شهرن تي قابض ٿي ويو. جيڪو سنڌي سماج جاگيرداري کان

پوءِ سرمائيداريءَ ۾ داخل ٿيڻو هو ان جو رُخ تبديل ٿي ويو. ڌارئي سرمائيدار نہ صرف شهرن تي قبضا ڪيا پر ان سستي مزدور جي تلاش ۾ ڌارئي مزدور کي بہ پاڻ سان گڏ ڪنيون آيو ۽ ڌارئي سرمائيدار ڪيترائي خطرا محسوس ڪيا. هڪ تہ ڌرتي ڌڻي مزدور، اجوري جي گهڙَ وڌيڪ ڪري رهيو هو، ٻيو اهو يونين سازي بہ ڪري مطالبا ڪري رهيو هو. جنهن ڪري سرمائيدار ڌارئي مزدور کي وڌيڪ ترجيح ڏني. نتيجي ۾ هڪ تہ سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاريءَ جو ايترو دٻاءُ وڌي ويو آهي جو سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو اقليت ۾ تبديل ٿيڻ واري سيڪڙي تي پهتا آهن ۽ ٻيو تہ جيڪو سنڌي سماج جاگيرداري کان ٻاهر نڪري ترقي طرف وڌڻو هو. اهو موقعي نہ ملڻ سبب هن وقت تائين جاگيرداري جي ذهن ۾ وڌيڪ ڦاسي پيو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري بہ سنڌ ۾ قبائلي تڪرار ۽ ذات پرستيءَ جا رجحان تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. جيڪي سنڌ کي خانا جنگيءَ ۾ وٺي وڃي سگهن ٿا. خود رياست جو جياپو بہ ان ۾ آهي تہ جيترو سماج قبائلي ۽ علائقائي تڪرارن ۽ جهيڙن ۾ الجهندو اوترو رياست جي عمر وڌندي. ان ڪري رياست جاگيردار جي پٺڀرائي بہ ڪري رهي آهي. جڏهن تہ ڌاري آبادڪاريءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جي جاگرافي تبديليءَ جا امڪان بہ پيدا ٿي پيا آهن. ڇاڪاڻ تہ جتي ڊيموگرافيڪل تبديلي ايندي آهي اتي جاگرافيڪل تبديليون بہ ايندون آهن. جنهن جو سڀ کان وڏو مثال فلسطين ۽ اسرائيل ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو بلوچن گوادر پورٽ منصوبي کي بہ بلوچستان جي ڊيموگرافيڪل تبديلي جي خوف کان رد ڪيو، نہ صرف رد ڪيو پر ان خلاف مزاحمت بہ ڪئي آهي.

سنڌ ۾ قومي سرمائيدار نہ هجڻ سبب بہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي جيڪا سنڌ جي اڏاوت ڪرڻي هئي، اُها نہ ڪري سگهي آهي. جنهن ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ ڪلچرل محاذ تي سنڌي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب وئي آهي ۽ ان محاذ تي مذهبي انتها پسنديءَ خلاف بہ قومي تحريڪ تمام گهڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. قومي تحريڪ جي جدوجهد جو نتيجو آهي تہ جو پاڪستان جي چئن رياستن مان سنڌ اڄ بہ سيڪيولر ۽ مذهبي رواداريءَ جو سڀ کان وڏو مثال آهي. جنهن ڪري جڏهن دنيا مذهبي انتهاپسنديءَ کان خطرو محسوس ڪري ٿي تڏهن وري بہ سنڌ انهن لاءِ اتساهہ جو سبب آهي. باقي قومي تحريڪ کي اڃان گهڻن محاذن تي پنهنجي ويڙهہ وڙهڻي آهي.

سنڌ ۾ هاڻ سوال اڀري ٿو تہ انهن حالتن ۾ قومي ۽ طبقاتي تحريڪ کي ڇا ڪرڻو آهي؟ منهنجي راءِ آهي تہ سڀ کان اول اهو تعين ڪرڻ گهرجي تہ سڀ کان اڳ ڪهڙو تضاد اُبريل آهي، جنهن جي حَل لاءِ ڪوشش/جدوجهد ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين نظرياتي مونجهارا هوندا تيستائين حڪمت عمليءَ ۾ بہ مونجهارا هوندا. سنڌ ۾ طبقاتي تحريڪ جيڪا سڀ کان وڏي غلطي پئي ڪئي آهي، اُها اِها تہ هن وقت تائين قومي تضاد کي يا تہ نظرانداز پئي ڪيو ويو آهي يا گهٽ اهميت پئي ڏني آهي. يا قومي تضاد کي طبقاتي تضاد جي متضاد پئي سمجهيو آهي. جنهن سبب قومي تضاد تي جهيڙيندڙ ڌريون ۽ طبقاتي ويڙهہ وڙهندڙ ڌريون، نظرياتي طرح ۽ ڪنهن قدر عملي طور تي بہ هڪ ٻئي خلاف محاذ ڪڙا ڪنديون رهيون آهن. طبقاتي سوال رکندڙ ڌرين موقعي پرستي جو شڪار هجڻ ۽ انهن جي ادارن ۾ اڪثريت ڌارئي دانشور هجڻ ڪري بہ انهن قومي سوال کي ڇيهو پئي رسايو آهي. ٻئي طرف قومي سوال جي حَل لاءِ ڪوشان رهندڙن، طبقاتي تضاد کي غير اهم سمجهيو آهي يا ان کي مستقبل جو سوال سمجهيو آهي. جيتوڻيڪ قومي تضاد بہ بنيادي طور تي طبقاتي تضاد هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هڪ طبقو قوم کي غلام بڻائي ۽ باقي پنهنجي قوم کي مراعت يافتہ بڻائي ۽ ان استحصال ۾ پنهنجو حصيدار بڻائيندو آهي. جنهن ڪري ان قوم جو عوام يا پورهيت مظلوم قوم/ پورهيت لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ کان لنوائيندو آهي. پاڪستان ۾ پنجاب جي بالادست طبقي، اسلام ۽ وفاق جي نالي ۾ مظلوم قومن کي غلام بڻائي، ان جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪري، پنهنجي قوم کي نوڪرين ۽ وسيلن ۾ حصيدار بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب سنڌ يا بلوچستان مان جڏهن ڪو پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاري ٿو، تڏهن پنجاب مان ڪو ٻڙڪ بہ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ تيار نہ آهي. جڏهن تہ پڻاڻن کي پنجاب قومن جي باقي استحصال ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻائي ورتو آهي. اهو ئي سبب آهي جو قومن جي وچ ۾ زبردست تضاد موجود آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هتي قومي تضاد اڀريل تضاد

آهي. جيستائين قومي تضاد حل نہ ٿيندو تيستائين طبقاتي تضاد بہ حل نہ ٿيندو. ان ڪري جيڪي ڌريون قومي تضاد کي نظرانداز ڪري سنڌ ۾ سياست ڪنديون، اُهي ڪڏهن بہ پنهنجا پير کوڙي نہ سگهنديون. ان جو نتيجو طبقاتي تحريڪ جي موجوده بيهڪ مان بہ لڳائي سگهون ٿا تہ هو هيٺين طبقي جي ڳالهہ تہ ڪن ٿيون پر هيٺين طبقي جو ماڻهو وٽن نالي ماتر بہ نہ آهي. جڏهن تہ سائين جي ايم سيد 1972ع ۾ ئي قومي تضاد کي سمجهي ورتو هو. جنهن ڪري قومي تحريڪ پنهنجا گهربل لوازمات پورا نہ ڪرڻ باوجود بہ قومي تضاد سبب عوام ۾ ويٺي آهي ۽ قومي تحريڪ جڏهن بہ ڪو سڏ ڏئي ٿي تہ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو روڊن تي نڪري اچن ٿا ۽ ماڻهو قومي تحريڪ کي ئي پنهنجي مسئلن جو حَلُ سمجهن ٿا. ڪامريڊ لينن چواڻي تہ ”جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نہ ٿو ڪري سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو سچو پوئلڳ تہ ٺهيو پر سڪٽو جمهوريت پسند بہ ڪونهي.“ ڇاڪاڻ تہ قومي آزاديءَ جو سوال صرف قومپرست جو سوال نہ آهي اهو سوال اوترو ئي ڪميونسٽ جو بہ سوال آهي پر ڪميونسٽ جو تہ پهريون سوال آهي، ان ڪري طبقاتي ۽ قومي تحريڪ کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ عالمي سامراج، پنجاب جو فوجي ٽولو، جاگيردار ۽ بيوروڪريسي قومن جي استحصال ۾ ٻِٽُ ٻڌيل آهن. ان ڪري جڏهن دشمن قوتون منظم هجن تہ عوام دوست ۽ قوم دوست قوتن کي بہ هڪ ٻئي کان پري رهڻ نہ گهرجي.

هنن حالتن ۾ قومي تحريڪ کي بہ پنهنجو نظرياتي ۽ عملي پاسن جو جائزو بہ وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ قومي تحريڪ جو نظرياتي پاسو، ڪٽي ڪٽل ۽ ڪٽي ڏنڊلو آهي، جنهن ڪري نظرياتي مونجهارا، سياسي ميدان تي عملن ۾ مونجهارا پيدا ڪن ٿا. مثال طور هر قومي تحريڪ پنهنجي جوهر ۾ سامراج مخالف هوندي آهي، پر هتي قومي تحريڪ دنيا جي عالمي سامراج آمريڪا ڏانهن پنهنجي پاليسي، سامراج مخالف هجڻ بجاءِ دوستاڻا آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي مخالف نہ آهي. آمريڪا سڄي دنيا ۾ تباهي پيد اڪري ڇڏي آهي. جپان تي حملي ڪرڻ کان وٺي عراق ۽ لبيا جي لکين ماڻهن جي قتل عام باوجود بہ آمريڪا جي تلوار مياڻ ۾ واپس نہ ٿي وڃي. ان ڪري سڄي دنيا ۾ بک بدحالي، بدامني ۽ مهانگائيءَ جو راڪاس لامارا ڏئي رهيو آهي. سوويت يونين جي دشمنيءَ ۾ ايٽم بم کان پوءِ مذهبي طالبان پيدا ڪري دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي. آمريڪا جي جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رهي آهي تہ اها نظرياتي ۽ انسان دوستيءَ واري نہ پر معاشي مفادن واري رهي آهي، جنهن ڪري ان مان آزاديءَ جي اميد رکڻ بجاءِ عوام جي طاقت ۽ جدوجهد تي وڌيڪ ڀاڙڻ جي ضرورت آهي. ان طاقت ۽ ويڙهہ جي مرحلي ۾ جيڪڏهن دشمن قوت خلاف ڪا طاقت مدد ڪري ٿي تہ ان تي سوچي سگهجي ٿو. باقي آمريڪا کي آزاديءَ لاءِ اپيل ڪرڻ بجاءِ عوام، دنيا جي مظلوم ۽ سوشلسٽ ڏانهن مدد يا امداد جي اپيل ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ پنهنجون پاليسيون طبقاتي جدوجهد ڏانهن بہ واضح رکڻ گهرجن.

# سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري خلاف مزاحمت: حقيقتون ۽ خدشا

ڌاڊو هڪ خوبصورت جملو آهي ته ”جنگ ۾ پلي توهان جي دلچسپي هجي يا نه پر جنگ اوهان ۾ دلچسپي رکي ٿي.“ هي جملو بظاهر ته ڌاڊو سادو ۽ خوبصورت آهي پر ان ۾ انتهائي گهري معنيٰ لڪل آهي. جنگ انسان جو اهڙو عمل آهي جيڪو ٻن سببن ڪري ڪندو آهي. هڪ جڏهن انسان جو وجود خطري ۾ هجي تڏهن انسان پنهنجي بقا جي جنگ وڙهندو آهي. جيڪڏهن هو جنگ نه وڙهندو ته هن صفحه هستيءَ تان مٽجي ويندو، ڇاڪاڻ ته هيءَ دنيا وڙهي جيئڻ جو ميدان آهي. جيڪو پنهنجي اندر ويڙهه جي سگهه رکندو اهو ئي هن دنيا ۾ پنهنجي وجود کي بچائي سگهندو. اها جنگ فطرت سان هجي يا انسان جي انسان سان هجي پر اها جنگ هر حال ۾ انسان کي وڙهڻي پوندي. ٻيو جنگ انسان، ٻئي انسان کي هڪ طبقو، ٻئي طبقي يا هڪ قوم ٻئي کي زيردست ڪرڻ لاءِ يا ان جي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ وڙهندو آهي. جيئن آمريڪا يا ان جا ساٿاري ملڪ توڙي سرمائيدار سڄي دنيا جي دولت امن جي نالي تي پنهنجي هٿن ۾ رکڻ لاءِ وڙهي رهيا آهن. جيڪا جنگ ڪنهن به صورت ۾ ا نسان يا فطرت جي بهتري ۾ نه اچي سگهجي نه ئي وري ان کي جائز سمجهي ان جي حمايت ڪري سگهجي ٿي. پر جنگ ۾ اسان جي دلچسپي پلي نه هجي پر جنگ اسان ۾ دلچسپي رکي ٿي، ان ڪري اها جنگ وڙهڻ فطرت جي مطابق هوندي آهي. ان ڪري اها جائز آهي ۽ وڙهڻ کپي.

اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جي ان سڏ کي ورنائيندي سنڌ جي محب وطنن پنهنجي وجود جي جنگ وڙهڻ لاءِ 20 فيبروري کان سنڌي قوم کي سڏ ڏنو آهي. جنهن کي سنڌ جا مڙني طبقن جا ماڻهو پنهنجي زاويي کان ڏسن ۽ تجزيا ڪن ٿا. هي جنگ جيڪا شروع ٿي آهي، ان جو تجزيو ۽ ان جي بهتر رخ ۾ هلائڻ لاءِ سنڌ جي دانشورن ۽ تجزيانگارن کي حقيقي ۽ قوم دوستيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاريءَ سبب سنڌي قوم جو وجود داوَ تي لڳل آهي. هڪ رپورٽ مطابق هر سال سنڌ ۾ 2-لک ڌاريا داخل ٿي رهيا آهن. جنهن سبب سنڌ ۾ ڌارين جو تعداد 49 سيڪڙو ۽ سنڌي ماڻهن جو تعداد 51 سيڪڙو تي وڃي بيٺو آهي. جيڪڏهن ڌارين جي اها يلغار رهي ته سنڌي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن جو اهڙو حشر ٿيندو جيڪو فلسطين ۾ فلسطينين سان ٿيو. آمريڪا ۽ برطانيه ٻي مهاڀاري جنگ ۾ يهودين جي وڏي تعداد ۾ ٿيل قتل عام ڪانپوءِ انهن جي منتشر قوت کي ڪٺي ڪرڻ لاءِ يهودين کي فلسطين ۾ آباد ڪري فلسطينين کي اقليت ۾ آڻي انهن جي سرزمين کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. اهڙي طريقي سان سنڌين جي سرزمين تي ڌارين کي آباد ڪري سنڌين کي پنهنجي ڌرتيءَ تان بيدخل ڪرڻ جي گهري سازش ٿي رهي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌ جون سيئي ڌريون وڏي عرصي کان ڌاري آبادڪاريءَ خلاف پرامن جدوجهد پئي ڪئي آهي پر هن وقت تائين ان جو ڪنهن به طرح خاطر خواه نتيجو سامهون نه آيو آهي. ان ڳالهه کي سامهون رکي سنڌ جي محب وطنن ڌاري آباديءَ کي ٽن مهينن جو مدو ڏنو ته اهي پنهنجا ٽپڙ کڻي پنهنجي سرزمين ڏانهن موٽي وڃن پر ان جي برعڪس انهن ڌارين سنڌ تي پنهنجو دائمي حق سمجهندي مزاحمت جو فيصلو ڪيو. نتيجي ۾ انهن خلاف ڪارروائين جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءَ تحريڪ مهاتما گانڌيءَ طرفان 1942ع ۾ Quit India Movement هندستان خالي ڪريو تحريڪ جو تسلسل آهي. جڏهن انڊين نيشنل ڪانگريس محسوس ڪيو ته ڌارين (انگريزن) کي ڪڍڻ لاءِ هي وقت مزاحمت جو آهي. ٻي مهاڀاري جنگ سبب انگريز حڪومت ڪمزور ٿي رهي آهي ته ان وقت انهن ”هندستان خالي ڪريو تحريڪ“ هلائي. جنهن جو مقصد به سامراج خلاف سڌي جنگ هو ان تحريڪ جا نتيجا بهتر مليا جو انگريز سرڪار ڪانگريس سان ڳالهيون ڪيون ۽ هندستان کي خالي ڪرڻ لاءِ مهلت گهري. اڄ ساڳي تاريخي سڏ کي

محسوس ڪندي ڏاريا سنڌ خالي ڪريو تحريڪ (Quit Sindh Movement) شروع ڪئي وئي آهي، جنهن جو رخ پنجاب سامراج ڏانهن ئي آهي. جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. هن تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ دشمن مختلف حربا استعمال ڪري رهيو آهي. اڃو ته انهن جي سازشن کي سمجهون ته اهي ڪهڙي نموني تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ نفسياتي حربا استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙيون سازشون تاريخ ۾ نئين ڳالهه نه آهي. توهان تاريخ جا ورق اٿلائيندؤ ته توهان کي هر گوريلا جنگ ۾ اڪيلا حُرَ توهان کي نظر ايندا. ان وقت جواهر لعل نهرو ڪانسواءِ ان تحريڪ کي ڪنهن به پنهنجو نه ڪيو هو. جڏهن ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي به ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ سرڪار سان اختلافي راءِ رکي هئي ته حرن کي نه ڪچليو وڃي پر سرڪار حرن کي اڪيلي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويئي هئي، هاڻي به اهڙيون سازشون ٿي رهيون آهن.

## پهريون حملو: ”هي وقت جنگ ڪرڻ جو نه آهي“

سنڌ ۾ ته ڇا پر دنيا ۾ جڏهن به آزادي پسندن تحريڪ هلائي آهي ته ان تي پهريون حملو اهو ڪيو ويندو آهي ته هي وقت جنگ جو نه آهي. جڏهن 1859ع منگل پانڊي، انگريز سرڪار خلاف پهرين گولي هلائي تڏهن به اهو چيو ويو ته هي وقت جنگ جو نه آهي، وري 70 سالن ڪانپوءِ 1932ع ۾ ڀڳت سنگهه ويڙهه جي ڳالهه ڪئي تڏهن به ان لاءِ اها ڳالهه ڪئي ويئي ”هي وقت ويڙهه جو نه آهي“، سڀاش چندر بوس ۽ سورهيه بادشاهه سميت ڪنهن به جنگ لاءِ اهو نه ٻڌو آهي ته چوندا هجن ته، وقت تي اهو عمل ٿيو آهي. خود جڏهن 1972ع ۾ سائين جي ايم سيد آزاد سنڌ جي ڳالهه ڪئي تڏهن به چيو ويو ته ”هي وقت نه آهي؟“ ڀلا جنگ جو ڪهڙو وقت مقرر هوندو آهي، اهو ڪير ٻڌائيندو؟ ڀي ڳالهه اها ته ويڙهه جو تعين اسان نه پر اسان جو دشمن ڪندو آهي. دشمن جنهن محاذ تي ڳالهه ٻڌندو ۽ مڃيندو آهي ان محاذ تي ويڙهه لاءِ پاڻ کي تياري ڪرڻي پوندي آهي. هن وقت اسان جو دشمن پيار، محبت ۽ امن واري ٻولي ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هي ويڙهه جو تعين اسان نه پر اسان جي دشمن ڪيو آهي.

## ٻيو حملو: ”پارٽي منظم نه آهي ان ڪري نه وڙهڻ کپي“

ڪڏهن ڪڏهن قوم تي وقت اهڙو ايندو آهي جڏهن وقت جي رفتار کي تيز ڪرڻ لاءِ سڌ ڏبو آهي. پوءِ اهو ڪنهن به شڪل ۾ هجي. هن وقت اهو تسليم ڪجي ٿو ته جيڪا پارٽيءَ جي شڪل رياست اندر رياست واري نه آهي پر ان جو مقصد اهو نه آهي ته اها پارٽي نه آهي. پارٽي جنهن به حالت ۾ آهي اها سنڌ جي جمود واري سياست کي ٽوڙڻ جي هڪ ڪوشش ڪري رهي آهي. سنڌ جيڪا 1843ع کان وٺي غلاميءَ جي هڪ ڊگهي مرحلي مان گذري آهي. جنهن جو حافظو ۽ هاضمو خراب ٿي ويو آهي. ”مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٽيندي سهٽي“ واري صورتحال ۾ سنڌي قوم جي رفتار کي تيز ڪندو ۽ سنڌي قوم جنهن تاريخ جي سموري عرصي ۾ قبيلائي ۽ گروهي انداز ۾ ويڙهه ڪئي آهي، ان کي نفسياتي ۽ عملي طور تي هڪ قومي شڪل ۾ ٻيهاري سگهي ٿي. ان ڪري پارٽي منظم نه هئڻ واري ليبل کي سنڌي قوم جو ڪمزور پهلو سمجهي ويڙهه نه ڪرڻ واري صلاح سنڌ دوستيءَ جي ذمري ۾ نه ٿي اچي.

## ٽيون حملو: ”پٺاڻن کي ڌاريو چو ٿو سمجهي وڃي“

سڀ کان اول ته اهو سمجهڻ کپي ته سنڌ مان ڌارين کي نڪرڻ جو سڏ ڏنل آهي. ڌاريءَ جو مقصد ۽ مفهوم

ٻه اهو آهي ته 1954ع کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪا به آبادي غير قانوني توڙي غير آئيني طرح سان سنڌ ۾ داخل ٿي آهي. جنهن ۾ پٺاڻ، پنجابي، برمي، بنگالي توڙي ٻيون قومون اچن ٿيون، انهن کي ڌاريو تصور ڪيو وڃي ٿو. سرڪار وٽ ڌاري آبادڪاريءَ جو تصور اهو آهي ته پاڪستان کان ٻاهران آيل غيرقانوني ماڻهو ئي صرف ڌاريا آهن، جڏهن ته قومپرستن وٽ ڌاري آبادڪاري جو تصور جداگانه آهي. هو سمجهن ٿا ته نه صرف پاڪستان کان ٻاهران پر پاڪستان جي ڪنهن به حصي، خطي کان آيل ماڻهو سنڌ ۾ ڌاريو آهي. اسان سمجهون ٿا ته پويون موقف درست آهي. انهن ۾ وڏو تعداد سنڌ جي معيشت تي سڌي طرح قابض پٺاڻن جو آهي، باقي ٻيون قومون سنڌ ۾ ايتريون نه اڪثريت ۾ آهن ۽ نه منظم آهن. اهو ئي سبب آهي جو پٺاڻن سنڌ تي مالڪيءَ جي دعوىٰ ڪندي هٿياربندن ويڙهه جوا علان ڪيو آهي. ان ڪري ويڙهه جو مرڪزي نقطو پٺاڻ، پختون بڻجي ويو آهي نه ته ڪراچي سميت سنڌ جي ٻين حصن ۾ پنجابي توڙي ٻين قومن کي به چڱو خاصو نقصان پهتو آهي. تنهن ڪري اهو چوڻ ته رڳو پٺاڻن/ پختونن خلاف ويڙهه آهي اهو غلط پروپيگنڊا جو حصو بڻائي سنڌي قوم کي منتشر ڪرڻ جي ڪڙي آهي.

## چوٿون حملو: ”اردو آباديءَ جي جنگ وڙهي پئي وڃي“

سڀ کان پهرين ته اهو طئہ ڪرڻ کپي ته سنڌ جا اصل وارث ڪير آهن؟ جيڪڏهن اهو طئہ ڪبو ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته اصل وارث اسان آهيون ۽ اسان جو وجود داوَ تي لڳل آهي. ڌاري آبادي جڏهن سنڌ ۾ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، ان جو مقصد به اهوآهي ته ويڙهه جو مرڪز اسان ئي آهيون ۽ 1954ع تائين آيل اردو آبادي جيڪڏهن ان جو شڪار ٿي اسان سان ويڙهه ۾ شامل ٿئي ٿي ته اهو بهتر عمل چئي سگهجي ٿو. ڌاري آبادي نڪرڻ سان جنهن ڌرين کي برابر جا فائدا پلئہ پوندا. مون کي حيرت ٿئي ٿي ته اسان جا سڀ ڌاها ان ڳالهه تي متفق آهن ته ڌاريا نڪرڻ کپن پر ان خلاف ٿيندڙ مزاحمت کان ڪن لاڙا ڪن ٿا. اهو الزام ته ايم ڪيو ايم جي ايجنڊا آهي، جيڪڏهن ڌاري آبادڪاري ايم ڪيو ايم جو مسئلو آهي ته ٽن ڏهائين کان وٺي اسان سيني جو ڌارين خلاف دانهُن ڪُوڪن ۽ هاءِ گهوڙا کي ڇا معنىٰ ڏجي؟ ڌاري آبادي اسان جو مسئلو هئي ۽ آهي، ان مسئلي تي اسان جي وڏي عرصي کان ٿيندڙ جدوجهد ۾ ايم ڪيو ايم سميت ٻي ڪا به ڌر عملي طور تي شامل ٿئي ٿي ته ان کي سڌو سنوڻ چئي قبول ڪرڻ کپي. باقي اهڙي قسم جي پروپيگنڊا سنڌ دشمن کي فائدو پهچائي سگهي ٿي، ان کان بچڻ کپي.

## پنجون حملو: ”ڌارين کي منظم ٿيڻ جو موقعو مليو آهي“

دنيا جي اندر اها طئہ شده ڳالهه آهي ته جڏهن ڌاريو اقليت ۾ هوندو آهي ته هو پنهنجي وجود جي بقا خاطر منظم ٿيندو آهي. هڪ جماعت ۾ ويهڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري جڏهن خطرو محسوس ڪيو آهي ته انهن منظم ٿيڻ شروع ڪيو آهي. منظم ٿيڻ جو مقصد به اهو آهي ته هو هاڻ سنڌ مان پاڻ کي ڪنهن به طرح نڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هو هر مزاحمت ڪندا. هي ساڳيائي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي ملڪ کي ڇڏي پئي ملڪ تي مالڪيءَ جي دعوىٰ ڪن ٿا. هنن جا اقتصادي مفاد ئي آهن جيڪي ڪنهن به ريت ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. اسان جڏهن هنن خلاف احتجاج ڪيو پئي تڏهن به انهن جي ڪن تي ڪا جونءِ ئي ڪانه پئي چري. نڪرڻ بجاءِ انهن پنهنجي متن مائٽن کي تيزيءَ سان هتي آباد پئي ڪيو. تڏهن سنڌ جي گهٽگهرن صرف دانهون ڪري خدشا پئي ڏيکاريا ۽ ماتم ڪرڻ ۾ ئي قوم کي رڌل پئي رکيو پر ان لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هئا. جنهن سبب ڌاري آبادڪاريءَ پاڻ کي محفوظ سمجهيو پئي.

منظم ٿيڻ لاءِ هنن ڪڏهن به عملي ڪوشش نه پئي ڪئي ۽ هاڻ جڏهن انهن خلاف مزاحمت ٿي رهي آهي ته انهن جرڳن ڪرائڻ ڪان وٺي سمورا قدم کنيا آهن جيڪي انهن کي محفوظ بڻائي سگهن. ان ڪري اهو چوڻ ته انهن کي منظم ٿيڻ جو موقعو ڏنو پيو وڃي، اهو تاريخ جو اڌ سچ آهي.

## ڇهون حملو: "اسان امن پسند/عدم تشدد جا پيروڪار آهيون"

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي ته اسان امن پسند آهيون. عدم تشدد هڪ اهڙي پاليسي جيڪا ٻئي انسان کي محفوظ رکڻ لاءِ اختيار ڪئي ويندي آهي. پر جڏهن اسان پنهنجو وجود خطري ۾ محسوس ڪريون ته ان وقت پنهنجي وجود جي بچاءَ طور ويڙهه ڪرڻ خود عدم تشدد جو حصو آهي، ٻي صورت ۾ اهو انسان پنهنجي وجود تان هٿ ڌوئي ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. مان سمجهان ٿو ته سياسي پهلوءَ ۾ ڪنهن تي اڳرائي ڪري وڙهڻ تشدد ۽ پنهنجي بچاءَ ۾ وڙهڻ خود عدم تشدد جي دائري ۾ اچي ٿو. ميدان جنگ ۾ جڏهن دشمن توهان تي وار ڪري ۽ توهان ان کي چؤ ته "تون جيڪو وڻئي مون سان سلوڪ ڪر، تاريخ مون سان انصاف ڪندي، صرف تاريخ جي انصاف جي اوسيئڙي ۾ پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏيو ۽ اتي امن پسندي ۽ عدم تشدد وارو راڳ آلاپي قومن کي خاموش ڪرڻ تاريخ سان نا انصافي آهي. تاريخ جي تقاضا ۽ تاريخ جو سچ اهو آهي ته سنڌي قوم کي ڀاڙيائپ وارو رويو ختم ڪري پنهنجي وجود جي بقا لاءِ هر قسم جي ويڙهه لاءِ تيار رَهڻ کپي. تاريخ انسان جي عملن جو دستاويز آهي، اها ڪا الاهي شيءِ ناهي جو اسان جو وجود ختم ٿئي پيو ۽ اسان تاريخ جي انصاف جي آس لڳايون ويٺا هجون. تاريخ اسان جو عمل هاڪاري هوندو ته تاريخ جو رخ اسان ڏانهن هاڪاري رهندو جي ٻي صورت ۾ تاريخ اهو به لکي سگهي ٿي ته "سنڌي دنيا جي واحد قوم هئي جيڪا منهنجي انصاف جي انتظار ۾ پنهنجو وجود تباهه ۽ برباد ٿيندي ڏسندي رهي."

خدشا: جنگ آرٽ به آهي ۽ سائنس به. جنگ ۾ دشمن سان وڙهڻ جو طريقئہ ڪار طئہ شده فارمولي مطابق نه پر وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان مشروط هوندو آهي. وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سان پنهنجون پاليسيون تبديل ڪري وقت ۽ حالتن سان موافق بڻائي وڙهڻ سان ڪي بهتر نتيجا ملي سگهن ٿا. دشمن مان چڱائي جي اميد رکڻ ۽ ايئن چوڻ يا سوچڻ ته، "دشمن عمل جو رد عمل نه ڪندو."، اهو احمقاڻو عمل آهي. هن ويڙهه کي دشمن گهڻ رُخي حالتن ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو. مثال طور سڀ ڪان وڏو خطرو اهو نظر پيو اچي ته هنن حملن کي منهن ڏيڻ اسان جي اندر ڪو اهڙو گروپ پيدا ڪن جيڪو اسان سان ئي وڙهي. جيئن افغانستان ۾ آمريڪا اتر اتحادين ۽ عراق ۾ ڪردن سان گڏجي عراقين سان ويڙهه ڪئي ۽ بلوچستان ۾بلوچن جي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ڪلپر بگٽين کي استعمال ڪيو ويو. اهڙي طريقي سان هن تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ ڪو اهڙو گروپ پيدا ڪري سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ مون کي ٻن ڌرين مان خطرو محسوس ٿئي ٿو، هڪ مذهبي جماعتون، ٻيو پيپلز پارٽي. مذهبي جماعتون ويڙهه جو فن رکن ٿيون ۽ ڌارين جو وڏو حصو مذهبي جماعتن جو باضابطہ ميمبر آهي. مذهب جي آڙ ۾ اهي هن تحريڪ خلاف ڪم ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ميرپور خاص ۾ ٿيل واقعي کي مذهبي رنگ ڏيڻ لاءِ قرآن شريف ساڙڻ جي پروپيگنڊا ڪري ماڻهن ۾ مذهبي جذبات کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ان جذبات جي بنياد تي قومي تحريڪ خلاف مذهبي انتهاپسنديءَ جو سڪو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ٻيو وڏو خطرو پيلز پارٽيءَ مان آهي، ڇاڪاڻ ته ڌاري آبادڪاري جو وڏو انگ مذهبي جماعتن کانپوءِ پ پ پ ۾ ويٺو آهي. پ پ پ کي قومي تحريڪ خلاف سياسي محاذ تي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ان جو ثبوت ميهڙ ۾ پنائڻ سان گڏجي پ پ پ، قومي تحريڪ خلاف وڏو احتجاج ڪرايو ۽ قومي تحريڪ خلاف سخت نعريبازي ڪئي ويئي. دشمن پ پ پ ۽ مذهبي جماعتن جي آڙ ۾ سنڌ کي خانہ جنگي طرف ڌڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن. جنهن کان بچڻ لاءِ قومي تحريڪ کي پنهنجو ۽ حالتن جو جائزو وٺي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

# سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري
# مزاحمت کان خاموشيءَ تائين

سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاريءَ جو سلسلو پاڪستان ٺهڻ کان به اڳ جو آهي. نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي حملن کان بعد ۾ ايران ۽ افغانستان ۾ ڌارين جا ڪٽڪ ايندا رهيا هئا. مغلن، ارغونن توڙي ترخانن جي دؤر ۾ به سنڌ تي ڌارين جي يلغار جاري هئي. انگريز سرڪار جي ڏينهن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ سان ملائڻ ڪانپوءِ ته ننڍي کنڊ جا رهواسي بنا ڪنهن سرحدي احترام جي سنڌ ۾ داخل ٿيندا رهيا ۽ جڏهن ته ڌارين جو سنڌ جي سرزمين خريد ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي مالڪيءَ جي دعوىٰ سکر بئراج ٺاهڻ سان شروع ٿي. سکر بئراج جي ٺهڻ ڪانپوءِ پنجاب جو زميندار طبقو انگريز سرڪار جي معرفت سکر بئراج ۽ ان سان وابسته زمينن کي پنهنجي آباديءَ لائق بنائڻ لاءِ زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجي آباديءَ جو وڏو حصو سنڌ ۾ منتقل ڪري آيا. جڏهن برصغير کي ورهايو ويو ته ان ۾ سنڌ جي سرزمين تي ڌارين جي ماڪڙ لاٿي ويئي. سنڌ جي شهرن ۽ ڪاروباري مرڪزن تي ڌارين قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سنڌي ماڻهو مهمانوازيءَ جي شوق ۾ پنهنجي سرزمين ڌارين جي هٿ ۾ ڏيئي به خوش ٿيندا رهيا. دنيا ۾ ڪٿي به ايئن نه ٿيو آهي ته زمين ڌارين حوالي ڪري ۽ مقدس ڪتاب هٿ ۾ رکي پنهنجي ڌرتيءَ تان دستبردار ٿي ويا ۽ ان ڪان پوءِ ڌارين جو سلسلو شروع جو ٿيو آهي ته ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي. هر سال سوين نه، هزارين پر لکن جي تعداد ۾ ايندا رهن ٿا پر انهن کان ڪوبه پڇڻ وارو نه آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي پنهنجي سرزمين تي اقليت ۾ هليا ويا آهن، سنڌ جي وسيلن، روزگار، شهرن توڙي ڪاروبار تي ڌاري آبادڪاريءَ مڪمل طور تي قبضو ڪري ورتو آهي.

ڌاريو ڪير آهي؟ اهو به سمجهڻ کپي ته ڌاريو ڪنهن کي چئجي ٿو. سنڌ جي قومپرستن ۽ پ پ پ سميت سمورين وفاق پرست پارٽين وٽ ڌاريي جي حوالي سان مؤقف ۾ تبديلي آهي. پ پ پ سميت وفاق پرست پارٽين وٽ ڌاريي جي حوالي سان موقف آهي ته، ڌاريو صرف اهو آهي جيڪو پاڪستان جي سرحدن کان ٻاهران آيل آهي. جنهن ۾ افغانستان، برما، بنگال، ايران، هندستان ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن کان سمورا آيل قانوني توڙي غير قانوني ماڻهو ڌاريا آهن. جن جو به پ پ پ سرڪار سنڌ ۾ انهن جو تعداد ڪڏهن 20 لک ته ڪڏهن 30 لک ٻڌائي ٿي. جيڪو به اڌ ڪوڙ آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي حدن کان ٻاهر آيل ماڻهن جي به جيڪڏهن شماري ڪئي وڃي ته به اها آبادي ڪروڙ جي لڳ ڀڳ وڃي بيهندي. جيڪي انگ اکر به NGO’s وارن جا ڏنل آهن. انهن کي ٻاهر ڪيڻ لاءِ به سرڪار ڪنهن به طرح سان سنجيده نظر نه پئي اچي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڌاري آبادڪاريءَ جو وڏو ووٽ بئنڪ پ پ پ ۽ مذهبي تنظيمن وٽ آهي. اهي ڏريون انهن خلاف ڳالهائي پنهنجو ووٽ خراب ڪرڻ نه ٿيون چاهين. اهو به نه وسارڻ کپي ته ٻاهران آيل سمورا ڌاريا پاڪستان جي ٻين صوبن ڏانهن وڃڻ بجاءِ سنڌ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. جنهن سبب ڌاري آبادڪاريءَ جو سمورو رخ سنڌ طرف آهي.

ٻئي طرف قومپرستن جو مؤقف آهي ته پاڪستان جي سرحدن کان ٻاهران توڙي پاڪستان جي باقي ٽنهي صوبن پنجاب، بلوچستان، ۽ خيبرپختونخواه مان آيل به سنڌ ۾ ڌاريو آهي. ان ڪري قومپرستن 1988ع ۾ سائين جي ايم سيد جي ڪوشش سان ٺهيل سنڌ قومي اتحاد جي پليٽ فارم تان اهو موقف ڏنو ته 1954ع کان پوءِ آيل سمورا سنڌ ۾ ڌاريا آهن. جنهن ڪري قومپرستن جي مؤقف ۾ وزن آهي ته سنڌ جون پنهنجون سرحدون ۽ تاريخي جاگرافيائي حدون آهن جن مان جيڪڏهن قانوني توڙي غيرقانوني داخل ٿي اچي ٿو ته اهو ڌاريي جي ذمري ۾ اچي ٿو. پاڪستان ۽ مذهب جي نالي تي داخل ٿيل هر ماڻهو ڌاريو آهي. جن جي جيڪڏهن ڳڻپ ڪبي ته به انهن جو تعداد سنڌ جي اصل آباديءَ کان مٿي وڃي بيهي ٿو ۽ سنڌ ۾ سنڌي به اقليت واري حيثيت رکن ٿا. جنهن

سبب سنڌي ٻولي، ڪلچر، تاريخ، ادب، سنڌ جا معدني وسيلا، شهر توڙي ڪاروبار داءَ تي لڳي ويا آهن. جنهن ڪري ڌاري آبادڪاريءَ خلاف جدوجهد معنيٰ ته سنڌ جي وجود جي بقا جي جنگ آهي. انهيءَ لاءِ جدوجهد به ٻن قسمن جي هلي آهي. جنهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

سياسي جدوجهد: سياسي جدوجهد به ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، هڪ اها آهي ته پر امن نموني احتجاج ڪري پنهنجو آواز بلند ڪري رياست تائين پهچائجي ته اها معاملي کي سنجيده نموني حل ڪري ۽ عوام ۾ پيدا ٿيل بي چينيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونڻي. پرامن احتجاج جي ڏس ۾ سنڌ جي سمورين ڌرين وڏي عرصي کان احتجاج رڪارڊ ڪرايا آهن پر ان جو اثر نه رياست محسوس ڪيو آهي ۽ نه ئي ڌارئي ان مان خطرو محسوس ڪري واپس وڃڻ لاءِ سوچيو آهي ۽ اجان به ڌارين پنهنجي متن مائٽن کي مستقل هت آباد ڪرڻ لاءِ خاموش نموني ڪم پئي ڪيو آهي. ٻيو سياسي رستو اهو آهي ته اسيمبلين ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙ ڌريون پارليامينٽ ۾ وڃي پارليامينٽ رستي ڌارين کي ڪيڏڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪن پر هتي ته پارليامينٽ ڪڏهن به ان مسئلي کي سنجيده نموني نه ڪنيو آهي ۽ نه ئي ڪٺڻ لاءِ تيار آهي. سنڌ جي نمائندگي هڪ ايم ڪيو ايم وٽ آهي ۽ ٻيو پ پ پ وٽ آهي. ايم ڪيو ايم ڌاريو صرف پناڻن کي سمجهي ٿي جيڪي انهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ متي جو سور بڻجي ويا آهن. باقي ٻين ڌارين تي انهن جي اک نه ٿي ٻڏي. اهو ئي سبب آهي جو پناڻن کي طالبان جو نالو ڏيئي ڪيڏڻ لاءِ واويلا ڪري ۽ خاموش تماشائي بڻجي ويئي آهي. ٻيو ته پ پ پ وٽ ڌارين جو صرف تصور ئي آهي ته پاڪستان کان ٻاهران آيل ماڻهو ڌاريا آهن. جن جو انگ به 30 لکن کان وڌيڪ نه ٿا ٻڌائين باقي سرحد پنجاب توڙي بلوچستان مان آيلن کي ڌاريو سمجهن ئي نه ٿا ته ان لاءِ آواز ڪيئن اٿاريندا. اهو ئي سبب آهي جو سرحد ۾ آپريشن دوران لکن جي تعداد ۾ ڌاريا هتي آباد ڪري به سنڌ جو وزيراعليٰ قائم علي شاهه چوي ٿو ته "ڌارين کي هتي آباد ڪنداسين ڪير روڪڻ چاهي ٿو ته ٻلي روڪي. چاڪاڻ ته پاڪستان ۾ رهندڙ سڀئي پاڻ ۾ ڀائر آهن. ان ڪري پختون ڀائرن کي آباد ڪري پنهنجو فرض ادا ڪندا رهنداسين." پ پ پ جو هي رويو آهي ڌاري آبادڪاري ڏانهن. ان ڪري پارليامينٽ جي ذريعي ڌارين کي ڪيڏڻ ناممڪن آهي ۽ سياسي جدوجهد به هن وقت تائين لاڀائتي ثابت نه ٿي آهي.

مزاحمتي جدوجهد: ڌاري آبادڪاريءَ خلاف جدوجهد جو ٻيو پهلو آهي مزاحمت. هونئن ته مزاحمت گهڻ طرفي ٿيندي آهي. پر اسان جي مزاحمت جي چوڻ جو مقصد آهي هٿياربند جدوجهد ذريعي هليل تحريڪ يا جنهن ۾ طاقت جو استعمال ٿيل هجي. تاريخ جي اها ستم ظريفي چئبي جو سنڌي جنگجو قوم نه رهيا آهن. جنهن ڪري مزاحمتي ڏس ۾ سنڌين اڪثر ڪري جنگيون هارايون آهن. راجا ڏاهر کان وٺي سورهيه بادشاهه تائين اڪثر ڪري دفاعي جنگيون هيون. جنهن ۾ فوجي حڪمت عمليءَ جا تجربا نه هئڻ سبب جنگين ۾ شڪست مقدر بڻجي ويئي. اڄ تائين ساڳيو الميو برقرار آهي. جڏهن سنڌ جي محب وطنن ڌاري آبادڪاريءَ خلاف سياسي جدوجهد ۾ مايوسيءَ کان پوءِ جڏهن مزاحمت جو اعلان ڪيو ته ڌاري آبادڪاري سڄي ٽرٽلي ۾ اچي ويئي. محب وطن جڏهن ڌاري آبادڪاريءَ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا ته سنڌ ۾ اتساهه پيدا ٿيڻ لڳو ته "اجا ڪا آهن ڪل جڳ ڪاپڙي" پر جڏهن ننڍڙا مزاحمتي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٽن ڏينهن جي هوائي، ريلوي ۽ روڊن رستن کي طاقت جي زور تي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو ته محسوس ايئن ٿي رهيو هو ته سنڌ ڪنهن وڏي تبديليءَ طرف وڃي پئي پر پوءِ جڏهن ٽن ڏينهن جو اعلان مايوسيءَ ۾ تبديلي ٿيو ته هڪ دفعو ٻيهر ڌاريو ۽ رياست به سمجهي ويئي ته اعلان ۽ عمل ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي ته رياست تيزيءَ سان باقي به ڌارين کي آباد ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي.

اهو سچ آهي ته سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاريءَ کي روڪڻ يا ڪيڏڻ جو صرف رستو ئي اهو آهي ته مزاحمت واري ڏڳ تي هلجي. چاڪاڻ ته ڌارين جا هتي معاشي مفاد لڪل آهن، جيڪي سياسي توڙي مهذب نموني پنهنجي

مفادن تان هٽ نہ ڪئندا. ان ڪري مزاحمتي پهلو ئي بهتر رستو آهي؟ پر سوال اهو آهي تہ آخرڪار مزاحمت ڪير ۽ ڪيئن ڪندو؟ جيڪي ڌريون هن وقت مزاحمت جون ڳالهيون ڪن ٿيون نہ انهن وٽ تنظيم سازي آهي ۽ نہ ئي مزاحمت لاءِ مستقل حڪمت عملي آهي. مزاحمت لاءِ جيستائين مضبوط، منظم تنظيم نہ هوندي تہ مزاحمت، مستقل مزاجيءَ سان نہ ڪري سگهبي. ان ڪري جيستائين هٿيار تنظيم جي ماتحت ۽ تنظيم نظريي جي ماتحت هئڻ واري پهلوءَ کي سامهون رکي حڪمت عملي تيار نہ ڪبي تہ ڪي نتيجا حاصل نہ ڪري سگهبا.

**سنڌ جا اديب ۽ دانشور:** اديب ۽ دانشور قومن جو دماغ هوندا آهن، جيڪي قومن جي منزل جو تعين ڪندا آهن ۽ سياستدان ان منزل لاءِ رستا هموار ڪندا آهن. سنڌ ۾ اڪثر ڪري اديبن۽ دانشورن موقعي پرستيءَ کان ڪم پئي ورتو آهي. 4- مارچ جا سورما هجن يا ايم.آر.ڊي دور جا هيرا انهن تہ پنهنجي ڏاهپ قوم جي ڪتب آڻڻ بجاءِ پنهنجو پاڻ کي ڻاهڻ ۾ استعمال ڪئي. ايتري قدر جو سنڌ جي مزاحمتي ڪردارن کي سرڪار تمغہ ۽ ايوارڊ ڏيڻ شروع ڪيا آهن تہ اهي تمغہ ۽ ايوارڊ وٺڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا آهن. هنئن نہ تہ سنڌ ۾ سرڪار يا سرڪار سان لاڳاپا رکڻ عيب جوئي عمل سمجهيو ويندو آهي پر هاڻ اهو فخر لائق عمل سمجهيو ٿو وڃي. ايتري قدر جو ڌاري آبادڪاريءَ خلاف جڏهن سنڌ ۾ مزاحمت جي ڳالهہ ٿي تہ سنڌ جا چڱا لکيا پڙهيا ماڻهو مزاحمت جي کلي عام مخالفت ڪرڻ لڳا. سنڌ جي ڏاهي محمد ابراهيم جويي تہ ڌارين جي آجيان لاءِ پنهنجا نيڻ وڇايا . پ پ پ ۽ مذهبي جماعتن کي تہ ڇڏي پر ڪميونسٽن تہ انسان ذات سان دليءَ همدرديءَ جي بنياد تي ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين هنڌن تي انٽرنيشنل سوشلسٽ جي پليٽ فارم تي ڌارين لاءِ ڪئمپون هڻي انهن جي آجيان ڪئي. انهن جي کاڌ، خوراڪ ۽ رهائش لاءِ وڌيون ڪوششون ڪيون. ان کان علاوه بہ باقي سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن يا تہ ڌاري آبادڪاري خلاف ٿيندڙ مزاحمت ڪئي يا خاموشي اختيار ڪئي. مطلب تہ جيڪو تاريخ ۾ اديبن ۽ دانشورن کي تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ها انهن ڪردار ادا نہ ڪيو. پلي توهان مزاحمت جي حمايت نہ ڪريو پر ڌاري آبادڪاريءَ جي حمايت ڪرڻ سنڌ جي سچٽائپ جي دائري ۾ نہ ٿو اچي.

**سنڌ جا مُحب وطن ۽ خاموشيءَ جي لهر:** سنڌ جي مُحب وطنن جي نيت تي ڪوبہ شڪ نہ آهي نہ ئي ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ وري بہ اهي اتساهہ جو سبب آهن. باقي انهن جي صلاحيتن ۽ حڪمت عمليءَ تي اختلاف ڪري سگهجي ٿو. سنڌ جي محبت وطنن جي عمل سان سنڌ ۾ بحث جو موضوع ڌاري آبادڪاري بڻجي ويو هو مگر هاڻي چؤطرف خاموشي ڇانئجي ويئي آهي، محسوس ائين ٿئي ٿو، ڇڪہ، سنڌ جو اهو مسئلو حل ٿي ويو آهي ۽ سنڌ جي وجود جو بچاءُ ٿي چڪو آهي. اچو تہ هاڻ آرام ڪريون! ڌاري آبادڪاري ڪلهہ جيان اڄ بہ ساڳيو مسئلو بڻيل آهي. پر مسئلو اهو آهي تہ اسان مسئلي کي مسئلو سمجهڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. سنڌ جا شهر توڙي ڪاروبار اڄ بہ ڌارين جي هٿ وَس ۾ آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ پشتو ڳالهائيندڙ ڌاريا وزارت ۽ نمائندگي حاصل ڪري چڪا آهن. ايندڙ چونڊن ۾ 5 سيٽن کان وڌيڪ سيٽن تي پشتو ڳالهائيندڙ جي تعداد جي توقع آهي، ڇاڪاڻ تہ پختونن جو تعداد هن سال ٻيڻ تي وڌيو آهي ۽ وفاقي حڪومت ۾ بہ انهن جو چڱو خاصو اثر رسوخ پيدا ٿيو آهي. تيون تہ پ پ پ جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ بہ انهن جو ووٽ وڌندو آهي يا خود پ پ پ انهن جي انگ کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون وٺي ايم ڪيو ايم جي اثر کي ٽوڙڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري پئي. جيڪڏهن اهڙي طريقي سان ڌاريا شهرن ۽ ڪاروبار کان اسيمبلين ۾ پهتا تہ سنڌ جو وڏو نقصان ٿيڻ جو انديشو موجود آهي. جيتوڻيڪ سنڌ اسيمبلي يا وفاقي اسيمبليءَ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي هجڻ سبب سنڌ کي ڪي چڱايون پلئہ نہ پيون آهن پر پوءِ بہ سنڌين جي نمائندگي ڪٽپ ۾ اچي پئي سياڻي جيڪڏهن ڌاريا سنڌ جي سيٽن تي کٽي آيا تہ سنڌ سنڌين جي هجڻ واري مُهر (Stamp) بہ لهي ويندي، جيڪو سنڌ جو تاريخي نقصان ٿيندو.

ڏاريا جڏهن ته سنڌ ۾ خاموش نموني منظم ٿيڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن، جڏهن ته ڌارين کي روڪڻ لاءِ ٿيندڙ مزاحمت يا سياسي جدوجهد مائار جو شڪار آهي، جنهن جو نقصان مستقبل ۾ ٿيڻو آهي. جنهن کي سمجهڻ ايڏو مشڪل به ڪونه آهي جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ ڏسڻ جي اک آهي ته!؟

# ”منجهايو ۽ حڪومت ڪريو“ پاليسي

جڏهن سماج ۾ انقلابي قوتون اپرنديون آهن ته ان سان گڏوگڏ ردِ انقلابي قوتون پڻ سفر شروع ڪنديون آهن. چاڪاڻ ته هاڪاري ۽ ناڪاري قوتون، ٻئي هڪٻئي جي متضاد هونديون آهن. شين ۾ تضاد صحتمنديءَ جي علامت آهي. شيون هر وقت تضاد سبب تبديليءَ جي مرحلي ۾ داخل ٿين ٿيون. شين ۾ هڪڙا تضاد دوستاڻا ٿين ٿا ۽ ٻيا دشمناڻا. جيئن سماج ۾ آقا ۽ علامت جو تضاد دشمناڻو ٿئي ٿو. هاري ۽ جاگيردار جي وچ ۾ تضاد دشمناڻو ٿئي ٿو. پر ساڳي سماج ۾ مزدور ۽ هاري جي وچ ۾ تضاد دوستاڻو هوندو آهي پر اهو تضاد حل ٿيڻ جوڳو هوندو آهي. اهي هڪٻئي جي پورهئي جي ورڇ ڪري تضاد ۾ رهن ٿا. سرمائيدار ۽ جاگيردار سماج لاءِ ڇوڙ مثل ٿين ٿا جيڪي هاري ۽ مزدور جو رت چوسين ٿا. پورهيو هاري ۽ مزدور ڪري ٿو پر پوءِ به هو گذر سفر لاءِ پريشان حال آهي. پوءِ به ان جا ٻچا لنگهڻ ڪاٽڻ تي مجبور آهن. ان ڪري پورهيت جا تضاد جاگيردار ۽ سرمائيدار سان دشمناڻا ٿين ٿا. پورهيت پنهنجي جياپي لاءِ جاگيردار ۽ سرمائيدار خلاف جنگ جوٽي ٿو. اها جنگ ان جي خاتمي تائين ختم نه ٿي ٿئي. جيستائين سماج ۾ پورهيت راڄ قائم نه ٿئي تيستائين هاري جاگيردار، مزدور ۽ سرمائيدار جو تضاد ختم نه ٿو ٿئي. جڏهن سماج ۾ طبقاتي تضاد ختم ٿين ٿا ته ان وقت فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ تضاد هوندا ته اڳ ۾ ئي آهن پر انهن ۾ طبقاتي تضاد ختم ٿيڻ سان تيزي اچي وڃي ٿي. ڇو ته انسان فطرت کي شروع کان وٺي پنهنجي تابع بنائڻ لاءِ فطرت سان مزاحمت ڪندو رهيو آهي. طبقاتي تضاد سبب باقي ٻئي تضاد ثانوي ٿي وڃن ٿا.

تضاد رڳو هڪ سماج ۾ نه هوندا آهن پر تضاد قومن جي وچ ۾ به ٿيندا آهن. جڏهن هڪ قوم ٻئي کي غلام بنائي ٿي ته محڪوم ۽ آقا قوم جي وچ ۾ تضاد ٿين ٿا. هميشه آقا قوم، غلام کي زير ڪرڻ لاءِ سموريون حرفتون ڪم آڻي ٿي چاڪاڻ ته آقا قوم کي محڪوم قوم جي وسيلن ۽ گذرِ معاش جي ذريعن تي نظر هوندي آهي. ڪنهن قوم جي غلاميءَ جي وضاحت ڪجي ٿي ته اها به تمام سادي آهي ته ”جنهن به قوم جا معاشي وسيلا کسيا وڃن، جنهن قوم جي معاشي وسيلن تي قبضو ڪيو وڃي، بينڪيت قائم ڪئي وڃي.“ آئيني طور تي يا نظرياتي طور تي مختلف حربا هلائي انهن کي پنهنجي وسيلن تان بيدخل ڪيو وڃي ته اها قوم غلام آهي.“ اڳ ڪنهن به قوم کي غلام بنائڻ لاءِ سڌيون ڪاهون ڪري، ان کي زيردست ڪري ان جي وسيلن تي سالن جا سال ڦرلٽ ڪئي ويندي هئي. ان قوم جو سڪو ۽ جهنڊو تبديل ڪري ان جون سياسي پاليسيون آقا ٺاهيندا هئا. پر هاڻي غلاميءَ جا جديد طريقا استعمال ڪري قومن کي غلام رکيو وڃي ٿو. جيئن هاڻي عالمي مالياتي سرمائي جي ذريعي جديد بينڪيتون قائم ڪيون وڃن ٿيون، عالمي مالياتي سرمائي جي رستي قومن کي قرض ڏئي بنا ڪنهن خوني ڪاهه جي قومن کي معاشي طور غلاميءَ ۾ ڦاسايو پيو وڃي. خاص ڪري سورهين-سترهين صديءَ ۾ آيل صنعتي انقلاب کانپوءِ جڏهن سرمائيدارن پنهنجون ملڪي سرحدون ٽپي دنيا ۾ بينڪيتون قائم ڪري پنهنجو سرمايو منتقل ڪرڻ شروع ڪيو. ان ڏينهن کان وٺي غلاميءَ جا جديد طريقا استعمال ڪندي جديد بينڪيتن تائين معاملو پهتو آهي. ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ برطانوي سامراج جون ڪڙيون ڪمزور ٿيڻ کانپوءِ آمريڪي سامراج جو دور شروع ٿيڻ سان قومن تي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ وچ اوڀر ۾ اسرائيل ۽ برصغير ۾ پاڪستان جهڙي مذهب جي بنياد تي رياستون قائم ڪري هڪ طرف ايٽم بم جهڙو خطرناڪ هٿيار استعمال ڪيو ويو ته ٻئي طرف مذهب کي پنهنجي جديد هٿيار طور ڊال بڻايو ويو. سوويت يونين جي رستا روڪ لاءِ القاعده ۽ مجاهدين جي پرورش ڪري آمريڪا سڄي دنيا کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ سرمائيدار ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو تضاد اثر ته وڃائي ويٺو پر دنيا ۾ انتهاپسند ۽ بنياد پرستن جي تضاد ۾ هلي ويئي.

جيڪو تضاد ترقي پسندن ۽ رجعت پسندن جي وچ ۾ هو، جيڪو تضاد سوشلسٽ ۽ سرمائيدارن جي وچ ۾ هو اهو تضاد تبديل ٿي بنياد پرستن جي وچ ۾ شدت اختيار ڪري ويو، جنهن آمريڪا بنياد پرستن کي پالي تاتي

وڏو ڪري سوشلسٽ بلاڪ کي بند ڏيڻ، اهي بنياد پرست آمريڪا کي ئي اکيون ڏيکارڻ لڳا. ڇاڪاڻ ته سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ آمريڪا کي انهن جي خاص ضرورت نه رهي ۽ نتيجي ۾ انهن مجاهدين مان هٿ ڪڍڻ شروع ڪيا ته انهن جو گذر سفر جيڪو هئو ئي انساني رت وهائڻ ۽ انساني خون چوسڻ تي، اهي ڏند جڏهن آمريڪي ڊالر جي بند ٿيڻ سان ڪنا ٿيڻ لڳا ته اهي ڏند مجاهدن آمريڪا کي ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ بنياد پرستن ۽ انسان رت پياڪن جي وچ ۾ هڪ نئون تضاد اڀري سامهون اچي ٿو ۽ هاڻي بنياد پرستن جي جهيڙي ۾ قاتل نظر اچي ٿو. اهي بنياد پرست جن کي پاليو ته آمريڪا هو پر هاڻي اهي بنياد پرست رياست جي سرپرستيءَ ۾ آمريڪا سميت سڄي دنيا لاءِ چئلينج بڻجي ويا آهن.

جيڪا رياست 1947ع ۾ ٺهي ئي مذهبي بنياد تي هئي اها رياست مذهب کي پنهنجو زبردست اوزار بڻائي مظلوم قومن جي لاءِ قيدخانو بڻائي ڇڏيو آهي. مظلوم قومون جيڪي استحصال جو شڪار آهن. انهن کي وڌيڪ غلاميءَ جي جڪڙ ۾ رکڻ لاءِ رياستي ادارن مختلف رستا اختيار ڪيا آهن. هن رياست ۾ قومن جي وچ ۾ جيڪو تضاد اڀري آيو آهي ان تضاد کي ماٺو ڪرڻ لاءِ ان تضاد جو رخ موڙڻ لاءِ مختلف شڪلين ۾ نظرياتي مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن. هن وقت رياست جو سڀ کان وڏو مسئلو خود رياست جو وجود آهي، جيڪو قومن جي وچ ۾ پيدا ٿيل قومي تضاد جي ڪري خطري ۾ پيل آهي. ان لاءِ رياست پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪڏهن مذهبي شدت پسنديءَ کي اڀاري ٿي ته ڪڏهن پاڙيسري ملڪ سان هلندڙ تضادن ۾ شدت پيدا ڪري ماڻهن کي حب الوطنيءَ جا سبق ڏنا وڃن ٿا. ڪڏهن نيٽو جهڙا مسئلا، ڪڏهن ميمو گيٽ اسڪينڊل، ڪڏهن مهراڻ بينڪ اسڪينڊل جهڙا مسئلا اڀاري عوام کي حقيقت کان غير واقف رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور تي عوام جي راءِ ۽ شعور ورهائجي مونجهارن جو شڪار بڻجي ويو آهي.

اڳ بالادست قوتون ”ورهايو ۽ حڪومت ڪريو“ (Divide & Rule) جي پاليسي اختيار ڪنديون هيون ۽ هاڻي بالادست قوتون ان پاليسيءَ سميت نئين هڪ پاليسي به لاڳو آهي ته ”منجهايو ۽ حڪومت ڪريو (Baffle & Rule). جڏهن عوام ۾ نظرياتي مونجهارا پيدا ٿيندا آهن ته عمل ۾ به مونجهارا پيدا ٿيندا آهن. جنهن ڪري بالادست ڌرين کي پنهنجو اقتدار طويل ڪرڻ ۾ سهولت پيدا ٿيندي آهي. سنڌ ۾ به ايترا مونجهارا پيدا ڪيا ويا آهن جو اصل معاملو سمجهه ۾ ئي نٿو اچي. توهان کي به پنج دوست گڏجي ويهو انهن کان راءِ وٺو ته سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو ڇا آهي؟ توهان کي پنج ئي دوست الڳ الڳ مسئلا ٻڌائيندا. جڏهن مسئلا الڳ ٿي ويا ته حل به الڳ ٿي ويندا ۽ جڏهن خيال ۽ عمل الڳ الڳ ٿي وڃن ٿا ته عوام ورهائجي وڃي ٿو. پر خود جڏهن مسئلو هڪ ئي ٻڌائجي ته ان جا حل پڻ مونجهاري جي ور چڙهي وڃن ٿا. نتيجي ۾ سنڌ شعوري طور تي اڳيري ته آهي پر شعور جي ڏارا مونجهارن جو شڪار ٿي ويئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو دانشور پڻ مونجهاري جو شڪار آهي يا خود مونجهارا پيدا ڪري رهيو آهي. بالادست قوتون خود چاهن به اهو ئي ٿيون. ان لاءِ ميڊيا انهن جو بهترين اوزار آهي جنهن وسيلي آسانيءَ سان عوام جي ذهن کي مُنجهائڻ ٿو وڃي ٿو. ميڊيا جي ذريعي عوام کي يا ته اڌوري ڄاڻ ڏني وڃي ٿي يا غلط ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. عوام اڌوري ۽ غلط ڄاڻ جي ور چڙهي، غير ضروري يا غير اهم مسئلن تي ڳالهائي ٿو. مثال طور تي اسان وٽ لاتعداد ماڻهو بک، بدحالي، بدامني، دهشتگرديءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿو. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ سرعام قومي ڪارڪنن کي ماريو ۽ ساڙيو وڃي ٿو. پر ميڊيا وٽ وينا ملڪ جا اسڪينڊل اهم آهن. ميڊيا وٽ ملالا يوسفزئي مسئلو آهي، پر ميڊيا وٽ 40- هزارن کان مٿي ڊرون حملن ۾ مرندڙ ماڻهو مسئلو نه آهن. ان ميڊيا وٽ سنڌ ۽ بلوچستان جي وسيلن تي ٿيندڙ معاشي ڦرلٽ مسئلو نه آهي. ميڊيا سنڌ ۽ بلوچستان جي مسئلي کي بگاڙي پيش ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته ميڊيا انهن ڌرين وٽ يرغمال آهي. ان ڪري بنيادي تضاد لڪائڻ لاءِ غير اهم تضاد اڀارڻ، نوڙيءَ کي نانگ بنائڻ جي مهارت سان ميڊيا ذريعي عوام جي ذهنن ۾ مونجهارا پيدا ڪيا آهن.

هن وفاق ۾ پنجاب بالادست آهي، سنڌ ۽ بلوچستان جي غلاميءَ کي طويل ڪرڻ لاءِ رياست سڀ اوزار هڪ ئي وقت استعمال ڪري ٿي. ايتريقدر جو ڪاٻي ڌر جيڪا سدائين مظلوم طبقن ۽ قومن جي سڀ کان وڌي طرفدار هوندي آهي پر رياست جي ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين ان جو ڪردار جماعت اسلاميءَ جي ڪردار کان وڌيڪ بهتر نہ آهي. لينن چواڻي تہ، ”دنيا جو اهو بدترين غلام آهي جيڪو پنهنجي غلامي لاءِ جواز ۽ دليل ڏيئي ٿو.“ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پيدا ٿيل قومي تضاد کي گهٽائڻ لاءِ مذهبي ڌرين کي ميدان تي لاٿو ويو آهي اوترو ئي ڪاٻي ڌر سڌي اڻ سڌيءَ طرح قومي سوال تي موقعي پرستاڻو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڪاٻي ڌر جو اهو الميو رهيو آهي تہ ان جي سياست جو محور ۽ رويو قومن جي تضاد کي حل ڪرڻ بجاءِ انهن سان ٽڪراءَ وارو رهيو آهي. جنهن ڪري ڪاٻي ڌر اڄ بہ عوام کان الڳ ٿلڳ ڊرائنگ رومن تائين محدود ٿي ويئي آهي. قومن جي غلاميءَ لاءِ دليل پيدا ڪري رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ جيستائين هن رياست ۾ قومي تضاد حل نہ ٿيندو تيستائين طبقاتي تضاد بہ حل نہ ٿيندو.

اڄ بنيادي سوال، پيدا ڪيل نظرياتي مونجهارن کي حل ڪرڻ جو آهي. سنڌ جي ڏاهپ کي قومن جي تضاد کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، باقي سڀ مسئلا ان غلاميءَ جي پيداوار آهن. تمام سادي ڳالهہ آهي تہ هتي قومون غلام آهن، جڏهن هڪ قوم غلام آهي تہ مطلب ٻي قوم آقا بہ هوندي، ان کي پلي کهڙو بہ نالو ڏنو وڃي، پر سچ کي ڪاري هيٺ لڪائي نہ ٿو سگهجي. ان ڪري قومن جي غلاميءَ کي طويل ڪرڻ لاءِ جيڪي نظرياتي مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن، انهن کي خبرداريءَ سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي پسندن کي هڪ طرف پنهنجي صف بندي ڪرڻي آهي تہ ٻئي طرف جيڪي رياستي ادارن پاران مونجهارا پيدا ڪيا پيا وڃن، انهن کي حل ڪرڻ لاءِ عوام کي حقيقي ۽ درست معلومات پهچائڻ لاءِ عوام سان سڌي رابطي ۾ اچڻ ۽ عوام کي حقيقتن کان واقف ڪرڻ لاءِ ميڊيا جو نعم البدل پيدا ڪرڻو پوندو. نظرياتي ۽ فڪري محاذ تي پنهنجي ادارا سازي طرف ڌيان ڏيڻ جي بہ اشد ضرورت آهي. ٻي صورت ۾ رياست ۽ رياستي ادارا عوام ۾ وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪري قومي غلاميءَ جي زندگيءَ کي وڌي عمر بخشي سگهن ٿا. رياست جڏهن مختلف محاذن تي وڙهي ٿي تہ انهن ڌرين کي رياست جي هن پاليسي ”منجهايو ۽ حڪومت ڪريو“ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ جي پڻ سخت ضرورت آهي.

# ”6-ڊسمبر“
# ٽوپي ۽ اجرڪ جو ڏهاڙو منظر ۽ پسمنظر

6- ڊسمبر جو ڏهارو سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ يادگار ڏينهن طور تي ياد رکيو ويندو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي سموري تاريخ ۾ سنڌي قوم ڪڏهن به عملي طور تي سنڌي قوم هئڻ جي مالها ۾ نه رهي آهي. قبيلائي، ذاتي محور کان سنڌي قوم ڪڏهن ٻاهر نڪتي ئي نه هئي. سنڌي جي سموري تاريخي سفر ۾ سنڌي ماڻهو ٽولن، ٽوڙي قبيلن جي شڪل ۾ مزاحمت پئي ڪئي آهي يا بچاءُ پئي ڪيو آهي. هڪ تاريخي قوم عملي طرح سان پنهنجي قوم هئڻ جو ثبوت 6- ڊسمبر تي ڏنو جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سچي سنڌي قوم پهريون دفعو، ذات، مذهب، سياسي لڳ لاڳاپي کان بالاتر تي ڪاون ۽ رنگ برنگي ٽوپي اجرڪ سان رنگين نظر آئي. سنڌي قوم ڪر موڙي پنهنجي ثقافت جي بچاءَ لاءِ ٻاهر نڪري آئي جنهن کي تاريخ جو اهم ڏينهن چئي سگهجي ٿو. هن عمل جي شروعات ٽوڙي منظر ۽ پسمنظر ۾ سنڌي قوم ڇا حاصل ڪيو ڇا وڃايو؟ ڪهڙين ڌرين جا ڪهڙا مفاد ۽ دلچسپيون آهن، ان ڏس ۾ هن ڏهاڙي کي مختلف زاوين کان ڏسڻ جي پڻ ضرورت آهي.

دنيا ۾ جيڪي به تبديليون آيون آهن اهي نندڙن ماڻهن آنديون آهن. جڏهن اهي تبديليون انهن نندڙن ماڻهن آنديون تڏهن اهي تاريخ جا وڏا ماڻهو تي ايري پيا ۽ دنيا ۾ شخص ائين ئي نندڙي ڪوشش سان وڏا تي پون ٿا. اهو ئي سبب آهي جو پلهڙيجي جي نوجوان حسن پيرزادي ۽ سندس ساٿين 6- ڊسمبر کي سنڌ جي ثقافت ڏهاڙي ملهائڻ جي ڳالهه ميسيج ۽ اخبار جي هڪ ڪالمي خبر سان ڪئي. اها تاريخ مقرر ڪرڻ جو ڪريڊٽ ان نوجوان کي نه ڏيڻ وڏي ناانصافي چئبي، پر ثقافت کي بچائڻ جو اهو سمورو ڪريڊٽ سنڌ جي ان سيد ڏانهن به وڃي ٿو جنهن لياقت علي خان جي ان لفظن ته ”سنڌي قوم جو ڪلچر ڳڌهن ۽ اُٺن هڪلڻ وارو آهي“ جي موٽ ۾ سنڌ جي ڪلچر جي وارثيءَ لاءِ سنڌ جي بزرگن جي مزارن تي ميلا لڳائڻ ۽”سنڌي ڪلچر“ نالي ڪتاب لکي سنڌي قوم کي ثقافتي طرح سان هڪ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنهن به طرح سان فراموش نه ٿيون ڪري سگهجن. ان وقت سنڌ جا ساڃاهه وند شايد سيد جي ان ڳالهه کي ٻاراڻو عمل سمجهيو پر پنجاهه سالن کانپوءِ تاريخ ثابت ڪيو ته جڏهن به ڪنهن قوم کي عملي طور تي ڳنڍيو پوندو ته ثقافت جو ان ۾ اهم ڪردار رهي ٿو ۽ ايئن چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته ثقافت قوم کي عملي طرح قوم بڻجڻ جا بنياد فراهم ڪري ٿي.

## اردو ميڊيا جو متعصباڻو رويو:

ميڊيا ڪنهن به طرح سان غيرجانبدار نه ٿي رهي پر دنيا جو ڪوبه طبقو غيرجانبدار نه هوندو آهي ۽ نه رهي سگهي ٿو. هر طبقي جون پنهنجون دوستيون ۽ دشمنيون رهن ٿيون. ان ڪري اردو ميڊيا کي به غيرجانبدار نه ٿو چئي سگهجي. اردو ميڊيا جو ڪردار شروعات کان ئي اسٽيبلشمينٽ ۽ فوجي قيادت ڏانهن جهڪاءُ ۽ پنهنجائپ وارو رهيو آهي. خود نجي اخبارن ٽوڙي چئنلن تي اسٽيبلشمينٽ ٽوڙي فوجي ٽولي جا پگهاردار رهيا آهن. هن وقت سول حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ وڏو ٽڪراءُ موجود آهي. سول حڪومت آمريڪي ۽ ٻاهرين قوتن جي مفادن ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه داوَ تي لڳائڻ لاءِ آتي آهي. جنهن تي فوجي قوت ڪنهن به طرح سان اعتماد ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ جڏهن ته آمريڪا ۽ ان سان لاڳاپيل ڌريون وري فوجي قيادت تي ذري جو به اعتماد نه ٿيون ڪن، جنهن ڪري سول حڪومت کي پنهنجو ڪرڻ ان جي مجبوري آهي. اهو هڪڙو وڏو ٽڪراءُ جنهن جي پُڙ ۾ سِول حڪومت پيسجي رهي آهي. تاريخ جو اهو به وڏو الميو آهي ته سول حڪومت عوام تي اعتبار ڪرڻ بجاءِ ڪڏهن آمريڪا ۽ ان جي ساٿارين تي، ڪڏهن فوجي قوت ڏانهن واجهائيندي رهي آهي. ان جي نتيجي ۾ فوجي قوت جي سِول حڪومت خلاف وانگار وهندي اردو ميڊيا اڳ جيان سراپا عمل آهي. ان ڏس ۾ سياسي تنقيد کان

وٺي ذاتي تنقيد تائين لهي اچڻ تائين اردو ميڊيا وسان نہ گهٽايو آهي، جنهن جو نئڙو ثبوت سنڌي ڪلچر تي تنقيد جي روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

## سنڌي ميڊيا جو موقعي پرستاڻو رويو:

سنڌي ميڊيا جتي سنڌي ڪلچر کي اڀارڻ ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ جي دعوىٰ ڪري ٿي، جنهن جو ثبوت 6- ڊسمبر تي جيڪو ڪردار ادا ڪري ڏيکاريو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو پر سوال وري بہ ساڳيو آهي تہ ڇا سنڌي ميڊيا غير جانبدار آهي؟ جنهن جو جواب اسان کي انڪار ۾ ملي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ميڊيا جنهن سنڌ سان نئين عشق جي ابتدا سڏي شروعات ڪري سنڌي ماڻهن کي جذبات جي وهڪري ۾ لوڙهيو آهي ان جي سنڌ سان عشق جي ابتدا ڏاڙيل ڪلچر، خوني جهيڙن ڏيکارڻ کان سواءِ باقي توهان ۽ اسان کي ڇا مليو آهي؟ صبح کان وٺي شام تائين ڏاڙيل ڪلچر ڏيکارڻ سنڌ سان عشق جي ابتدا آهي تہ سنڌ سان دشمنيءَ جي انتها باقي ڇاڪي چئبو آهي؟ رهيو سوال تہ 6 ڊسمبر تي سول حڪومت جي اثر ۾ رهندڙ سنڌي ميڊيا کي وٺ ئي نہ ٿي ڏئي ان جو سبب ڪمرشل مارڪيٽ آهي. ڪمرشل مارڪيٽ ۾ گهڻ قوميون ڪمپنيون اشتهار انهن کي ڏينديون آهن جنهن جا پڙهندڙ گهڻا هوندا آهن. ان حوالي سان اردو ميڊيا جي وڏي مارڪيٽ آهي، جنهن کي ڌڪڻ لاءِ بہ سنڌي ميڊيا کي وقتائتو ڌڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پيو تہ اردو ميڊيا فوجي قوتن جي اثر رسوخ ۽ سنڌي ميڊيا جو سول حڪومت جي سحر ۾ هئڻ واري ماجرا بہ هيٺ کان وٺي مٿي تائين تفاوت جي صورت ۾ ابري آئي آهي. جنهن ۾ سنڌي ميڊيا، اردو ميڊيا کي وقتائتي شڪست ڏئي ڇڏي آهي. ان ڪري اقتصادي ۽ سياسي مفادن جي سحر ۾ اردو ۽ سنڌي ميڊيا کي ڏسڻ جي بہ ضرورت آهي. جنهن ۾ ٻئي ڌريون جڪڙيل نظر اچن ٿيون.

## پ پ پ سرڪار جا مفاد:

پ پ پ سرڪار جيڪا جمهوريت جي وڏي دعويدار ڌر سمجهي وڃي ٿي. جيڪا اصل ۾ جمهوريت پسند آهي ئي ڪانہ، ڇاڪاڻ تہ جنهن بہ ملڪ ۾ جمهوريت ايندي آهي ان لاءِ پهرين لازمي شرط سيڪيولر هئڻ آهي. جيڪا رياست مذهب جي بنياد تي ٺهي هجي، جنهن جي آئين ۾ صلاحيتن آهر ماڻهو چونڊڻ بجاءِ مسلمان هئڻ جو شرط هجي. معنىٰ تہ مذهب جي ڇانوَ ۾ رهندڙ جمهوريت، جمهوريت ناهي هوندي. جمهوري قدرن لاءِ رياست جي سيڪيولر روايتن کي جيستائين جنم نہ ڏنو ويندو تيستائين جمهوريت جي شڪل بگڙيل رهندي. جمهوريت رڳو ووٽ وٺڻ جو نالو ناهي هوندي. هميشہ جمهوريت ۾ عوام کي خواب ڏيکاري جاگيردارن جي حڪومت قائم ڪندڙ ڌر ڪنهن بہ طرح سان جمهوريت پسند نہ آهي. جنهن پارٽيءَ جو سربراهہ بہ خانداني ورثي طور تي منتقل ٿيندو رهي اها جمهوريت جي دعوىٰ بہ نہ ٿي ڪري سگهي. پيو تہ هن ملڪ ۾ جمهوريت سدائين فوجي مفادن جي تحت نالي ۾ ڏني ويندي آهي. ان ڪري هن حڪومت کي جمهوري حڪومت نہ پر سِول حڪومت چئجي تہ بهتر ٿيندو. پ پ پ سرڪار جيڪا سدائين سنڌ جي عوام کي جذبات جي بنياد تي ووٽ وٺي سنڌ کي پنجاب جي پيرن ۾ قانوني ۽ آئيني طرح ٻڌي اڇلائيندي رهي آهي. ان کي پنجاب جڏهن بہ اکيون ڏيکاريندو آهي تہ وري سنڌ ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي آهي. جڏهن موجوده سول حڪومت کي پنجاب جي نمائندگي ڪندڙ اسٽيبلشمينٽ تڏا ويڙهائڻ جو پورو پورو فيصلو ڪيو آهي تڏهن هنن کي وري سنڌ ياد اچي ويئي آهي. جڏهن بينظير ڀٽو صاحبہ زنده هئي تہ نعرو لڳندو هو تہ ”چئن صوبن جي زنجير-بينظير“. وري جڏهن پنجاب مان بينظير صاحبہ جو لاش پهتو تہ پ پ پ وري مؤقف تبديل ڪندي چيو تہ ”سنڌ جي راڻي شهيد راڻي“. ڪاڏي وئي چئن ئي صوبن جي زنجير؟ هاڻي بہ ساڳي حڪمت عملي اختيار ڪندي پ پ پ پنجاب کي اکيون ڏيکاريون ۽ 6- ڊسمبر جي واقعي کي صدر زرداري جي حمايت ۾ سنڌي ماڻهن جي رد عمل طور تي واقعي کي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي تہ سچي سنڌي قوم سرڪار سان

گڏ آهي ۽ پ پ پ سرڪار هڪ دفعو ٻيهر عوام ڪي جذبات جي وهڪري ۾ آٽي پنهنجي ساک ڪي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ رڌل آهي.

## قومپرستن جو ڪردار:

سنڌي قوم جي وسيلن، ثقافت ۽ اقتصاديات جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندڙ قومپرستن پنهنجي سموري عرصي ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو ڪنهن به طرح سان نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. انهن جي ناڪام حڪمت عملي هوندي به قومپرستن هن وقت جنهن مذهبي انتهاپسندي سان ويڙهاند ڪئي آهي اهو ڪيئن وساري سگهجي ٿو. اڄ تائين جيڪا به ڌر عوام کان ووٽ يا حمايت وٺڻ وڃي ٿي اها ڪنهن به مذهب جي بنياد تي نه پر ”سنڌ“ جي نالي تي پنهنجو پاڻ کي ڪٺي وڃي ٿي. پنجاب يا سرحد ۾ مذهب جي نالي تي اڪثر ڌريون عوام کان ووٽ وٺن ٿيون پر سنڌ ۾ ڪا به ڌر مذهب جي نالي تي ووٽ وٺي نه ٿي سگهي. ڀلي اهي مذهبي ڌريون ڇونه هجن. اهو ئي سبب آهي جو مذهبي جماعتون سنڌ جي مختلف ٻرندڙ مسئلن تي عوام وٽ وڃن ٿيون. جڏهن ته انهن ڌرين جو پنجاب ۾ مؤقف سنڌ جي ابتڙ آهي. پ پ پ به سنڌ مان پاڪستان جي نالي تي نه پر سنڌ جي نالي تي ووٽ ۽ حمايت حاصلڪري ٿي. معنيٰ ته ”سنڌ“ انهن جي ترجيحات ۾ آهي. اهو سمورو ڪريڊٽ قومپرستن ڏانهن وڃي ٿو جن سنڌ جي سيڪيولر روايتن کي برقرار رکندي ”سنڌ“ ۽ سنڌ جي مفادن کي اوليت ۾ رکيو آهي، جنهن لاءِ قومپرستن کي جس ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي. انهيءَ پسمنظر ۾ ئي قومپرستن سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي کي پنهنجو ڏهاڙو ڪري جيڪا حمايت ڪئي اها بنا ڪنهن ذات ۽ ڪرسي بچائڻ جي مفادن جي هئي پر افسوس اهو آهي ته قومپرستن وٽ تنظيم ڪاري ۽ حڪمت عملين جي کوٽ سبب اهو ڪريڊٽ يا پيدا ٿيل رجحان کي پنهنجي طرف لاڙي نه سگهيا يا انهن مان ڀرپور طريقي سان فائدو حاصل نه ڪري سگهيا.

## مرتضيٰ ڀٽو ڪيس:

جڏهن سڄي قوم ثقافتي ڏهاڙي ملهائڻ ۾ مَحو هئي، ان وقت مير مرتضيٰ ڀٽي جي قتل ڪيس جي عدالت فتويٰ ڏيڻ ڀنيان به سرڪار وڏي حڪمت عملي تحت پاڻ بچائي ويئي. مرتضيٰ ڀٽي جي ڪيس سان تاريخ ۾ جيڪا ويساهه گهاتي ٿي آهي شايد تاريخ ۾ ڪنهن سان ٿي هجي ته سرعام ڪنهن ماڻهوءَ کي قتل ڪيو وڃي ۽ ان جو ڪوبه قاتل نه هجي ته بي بي سي جو اهو تجزيو سؤ سيڪڙو درست آهي ته ”پڪين ٽونگا هٽي مرتضيٰ ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪيو.“ اهو پ پ پ سرڪار جو وڏو الميو چئبو جو مير مرتضيٰ کي پ پ پ دؤر ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ ان جي قاتلن کي به پ پ پ دؤر ۾ باعزت بري ڪري ڇڏيو ويو. 6- ڊسمبر جي لڙ ۾ تمام وڏي قتل جي فتويٰ ننڍي ٿي وئي. جنهن جا فائدا به لاڳاپيل ڌريون حاصل ڪري ويون ۽ قوم پنهنجي ثقافت جي خوشيءَ ۾ مَحو ٿيندي رهي!؟

## زوال پذير هنر ۽ پورهيت لاءِ ڪليل روزگار جا دروازا:

سنڌ ۾ هٿ جو هنر زوال پذير ٿيڻ سبب پورهيت جي روزگار ۽ گذر سفر تي لت اچي ويئي هئي. هالن جا اجرڪ ۽ گهر توڙي جيلن جي چؤديواري ۾ قيدين جي هٿن جون ٺهيل ٽوپيون جنهن انداز ۾ وڪرو ٿيون آهن، ان کي خوش آئنده عمل چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن چار ڪروڙ عوام مان صرف ڪروڙ ماڻهن ٽوپيون ۽ اجرڪ پاتا هجن ته به پورهيت جي گهر جي چلهه ڇگي عرصي تائين اجهامي نه سگهندي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته هن هنر کي هٿي وٺائڻ لاءِ به ڪا حڪمت عملي جوڙڻ کپي. جڏهن ته ثقافت رڳو ٽوپي، اجرڪ تائين محدود نه ٿي ٿئي. ثقافت، موسيقي، شاعري، مصوري، رقص، راڳ رنگ، طرز تعمير، فنونِ لطيفه ۽ معاشري ۾

مروج عادتن، رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ، احساسن، جذبن ۽ زندگي گذارڻ جو فن بہ ثقافتي سڃاڻپ جي دائري ۾ اچي ٿو. ٽوپي اجرڪ پائڻ سان ثقافت مڪمل طور تي اجاگر ناهي ٿي پر ثقافت جو هڪ پهلو سامهون اچي ٿو. جڏهن تہ ثقافت جا ٻيا پهلو ساڳئي زوال پذيريءَ جي حالت ۾ آهن. ان ڪري ثقافت جي مڙني پهلوئن کي ملهائڻ لاءِ بہ جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪا حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي، ٻي صورت ۾ ثقافت سان پيار جي دعوىٰ اڌ سچ آهي.

## سنڌ جي قومي وجود سان جوڙڻ جو سوال:

ڪنهن بہ قوم کي ثقافت ناهي بچائيندي پر قوم ثقافت کي بچائيندي آهي. ثقافت قوم جي اهڃاڻ طور تي ڪم اچي سگهي ٿي پر ڪنهن بہ قوم لاءِ ثقافت ڪُل جز نہ آهي. پر قوم جو جز اقتصاديات ۽ اقتصادي وسيلا هوندا آهن. ڪنهن بہ قوم جي ترقي، خوشحالي تيستائين ممڪن نہ آهي جيستائين ان قوم جا وسيلا محفوظ نہ آهن، معاشي طور تي خوشحال قوم ئي بهتر ثقافت ۽ ثقافتي قدرن کي جنم ڏئي سگهي ٿي. سنڌي قوم جا سمورا معاشي وسيلا، سنڌي قوم کان کسيا ويا آهن. ڪير کي پير سمجهي ڪپائڻ عيب سمجهندڙ قوم اڄ ان موڙ تي پهتي آهي جو پنهنجا ٻچا وڪرو ڪري رهي آهي. ان ڪري سنڌي قوم کي پنهنجن وسيلن جي تحفظ لاءِ هاڻي اڳتي اچڻو پوندو. خالي پيٽ تهذيبن کي نہ پر ڏوهن کي جنم ڏيندو آهي. خالي پيٽ سان دنيا جي ڪابہ رنگيني رنگيني ناهي لڳندي. ساحر لڌيانوي چواڻي تہ:

"مفلسي حِس لطافت ڪو مٽا ديتي هي،<br>
ڀوڪ ڊل نهين سڪتي آداب ڪي سانچون مين."

هاڻ ان ڳالهہ جي ذميواري سنڌ جي باشعور سياسي قيادت تي اچي ٿي تہ هو هن موڙ تي سنڌي قوم جي رهنمائي ڪري ثقافت کان اڳتي قومي وسيلن، قومي وسيلن کان اڳتي قومي آزادي، قومي آزاديءَ کان اڳتي سوشلسٽ سنڌ ۾ قوم کي داخل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪمت عملي تيار ڪن. ٻي صورت ۾ ثقافتي ڏهاڙن ملهائڻ سان قوم نہ بچي سگهندي نہ ئي ڪو ان طريقي سان ڪو سنڌ بچائي سگهجي ٿي.

اياز چواڻي تہ:

تون جي مون کان پوءِ اچين،<br>
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،<br>
مون کي ياد ڪرين.<br>
سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪهنبو ٿي ويندين تيسين،<br>
۽ جي ان ۾ ڦلڙيون ڦلڙيون منهنجي ذات ڏسين،<br>
شال اهو سمجهين،<br>
ذات وڏي شيءِ ناهي،<br>
پر سچ وڏي شيءِ آهي،<br>
پر جو سچ مچائي مچ،<br>
سو مچ وڏي شيءِ آهي.

# معاشي بحران جي ڏيڻ ۾ قاتل رياست

دنيا هن وقت وڏي مالياتي بحران جو شڪار آهي، ان جو بنيادي ڪارڻ سرمائيداريءَ جو عروج ۽ ان جي سامراجي شڪل اختيار ڪرڻ آهي، سرمائيداري سماج جڏهن انتها تي پهچڻ شروع ڪندو آهي ته ان ۾ سوين بيماريون پيدا ٿيڻ شروع ٿينديون آهن، جنهن ۾ سماج مالياتي بحران کان وٺي ڪلچرلي، اخلاقي، سماجي ٽوڙي قومي حوالي سان برائين جي ڏيڻ ۾ لهڻ شروع ڪندو آهي، هونئن ته جاگيرداري سماج جي پيٽ ۾ سرمائيداري سماج پنهنجي جوهر ۾ وڌيڪ ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته جاگيرداري سماج ۾ مرڪزيت (Centralization) قومي منڊي نه هئڻ سبب نه ٿهي سگهندي آهي ۽ سماج کي ڪٺي ٿيڻ جو موقعو نه ملندو آهي. پر جڏهن سماج جاگيرداريءَ مان سرمائيداري ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي، قومي منڊي جڙڻ سان ماڻهوءَ جي وچ ۾ گڏيل سوچ (Collective Thinking) پڻ جنم وٺندي آهي، جنهن ڪري سماج جي رفتار تيز کان تيز تر ٿي ويندي آهي. ماڻهوءَ جا پيداواري ذريعا، پيداوري اوزار ٽوڙي پيداواري رشتا به تبديل ٿي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو جاگيرداري سماج پنهنجي جياپي خاطر سرمائيداري سان ٽڪراءَ جي شڪل پڻ اختيار ڪندو آهي. پر جاگيرداري پنهنجي جوهر ۾ سرمائيداري سان ٽڪر جي حالت ۾ جاگيرداري جي شڪست لازمي امر بڻجي ويندي آهي. پر جڏهن سرمائيداري سماج ۾ انسان داخل ٿيندو آهي ته ان کان به اڳتي وڃڻ لاءِ انسان جي اندر بي چيني پيدا ٿيندي آهي. اهو سماج سوشلسٽ سماج هوندو آهي، جنهن جي لاءِ سڌي يا اڻ سڌي طرح سان انسان جي اندر ۾ ان لاءِ تڙپ پيدا ٿيندي آهي، سرمائيداري سماج سوشلزم کان خوفزده هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سوشلزم ۾ پيداواري وسيلا وسيع تر عوام جي ملڪيت ٿي ويندا آهن. جڏهن ته سرمائيداري نظا جو بنياد صنعتي پيداوار ۽ ان جي کپت ۽ ورهاست تي مشتمل هوندو آهي، جنهن مان واڌو قدر (Super Value) ذريعي سرمائيدار دولت ميڙيندا رهندا آهن ۽ نتيجاً دولت چند هٿن ۾ گڏ ٿيندي ويندي آهي. سرمائيداري نظام جي هلندڙ ٽرڪل ڊائون معيشت جو هي فارمولو آهي ته پورهيت طبقو ايترو ته گهٽو ڪمائي جو سرمائيدارن جون تجوريون پرجي وڃن ۽ چلڪي پون جو اهي بچيل پئسا پورهيت طبقي کي ملندا، نتيجي طور تي پورهيت طبقو غربت جي هيٺين لڪير کان به گذري ويندو ۽ امير کان امير ترين ٿيندو ويندو آهي، آخرڪار بحران جنم وٺندا آهن، جنهن جي خطرناڪ شڪل 18 آڪٽوبر 2008ع تي سڄي دنيا ڏسي چڪي آهي.

هي پهريون دفعو ناهي جو دنيا مالياتي بحران جي ور چڙهي آهي پر ان کان اڳ به 1929ع ۾ وڏو بحران (Great Depression) آيو هو، فرق ڇا هو جو شيون تڏهن سستيون هيون. پر انهن کي ڪو خريد ڪرڻ وارو ڪونه هو. ڇو ته ان وقت عوام وٽ ايترو فالتو پئسو موجود ڪونه هو، هاڻي سموري دنيا وٽ پئسو آهي پر شيون تمام گهڻيون مهانگيون ٿي ويون آهن جو ماڻهن جي قوت خريد گهٽجي ويئي آهي. ماڻهن ۾ قوت خريد پيدا ڪرڻ لاءِ قرض ڏيڻ جو وسيلو پيدا ڪيو ويو، يعني سرمائيداري هڪ بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ سؤ بين بحرانن کي جنم ڏيندي آهي، قرض ڏيڻ واري روايت کي عام ماڻهن جي ضرورت بڻايو ويو آهي. خود آمريڪا جي اندر کپت جو ابار (Consumer Boom) اوڌر (Credit) وسيلي پيدا ڪيو ويو آهي، قرضن ۾ مختلف ڪيٽيگريز ٺاهيون ويون آهن. جنهن ۾ پهريائين وڏي اهميت وارا ڪسٽمر (Prince Customer) جن کي قرض وٺڻ ۽ واپس ڪرڻ جي تمام سگهه موجود هوندي آهي. جڏهن ته ٻيا (Sub Prince Customers) گهٽ اهميت وارا ڪسٽمر جن کي قرض واپس ڪرڻ جي سگهه مڙيو ئي گهٽ هوندي آهي. قرض واپس نه ڪرڻ جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي، ان جي وياج جي شرح وڌيڪ هوندي آهي، نتيجي طور تي قرض وسيلي عوامي ۾ قوت خريد ته پيدا ڪئي ويندي آهي پر اها به گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪري سگهندي آهي. ڪارل مارڪس چواڻيءَ ته ”سرمائيدار ناٽي وسيلي ناڻو

ڪمائيندو آهي.“ اهو ئي ڪارڻ آهي جو اڄ آمريڪا جا 3 امير ترين ماڻهو دنيا جي 60 سيڪڙو عوام کان وڌيڪ ملڪيت رکن ٿا. آمريڪا جي 358 ارب پتن وٽ اڌ دنيا يعني 3 ارب عوام کان وڌيڪ ملڪيت آهي. آمريڪا جي 50 بئنڪن کي دنيا جي 70 سيڪڙو سرمائي کي هلائڻ جو اختيار آهي، سرمائيدار جي سامراجي شڪل سبب اڄ خود آمريڪا جو مالي خسارو 90 هزار ارب ڊالر تي ويو آهي. ان جو پبلڪ خسارو هڪ لک 70 هزار 900 ڊالرن کان به وڌيڪ چڙهي ويو آهي. آمريڪا ۾ هڪ ڪروڙ 90 لکن کان وڌيڪ بيروزگار ٿي ويا آهن.

آمريڪا ۾ بي گهرن جو تعداد 200000 تي ويو آهي. ماڻهن خيما قائم ڪري ڇڏيا آهن، جڏهن ته برطانيه ۾ 2010ع تائين 15 لکن کان وڌيڪ ماڻهو بيروزگار ٿي چڪا آهن، جاپان ۾ 55 لک ماڻهو بيروزگار ۽ جرمني ۾ 51 لک ماڻهو بيروزگار ٿي چڪا آهن. اٽلي جي مرڪزي بئنڪ مالي نقصان کان بچڻ لاءِ 700 ملازمن کي برطرف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. 80 لک ماڻهو هر سال غربت جي ڪارڻ مرن ٿا، هي سرمائيداري جي انتهائي ڀيانڪ شڪل آهي، جيڪا تاريخ جي انتهائي بدترين شڪل چئي وڃي ٿي. هاڻي بينڪيت سامراج (Colonial Impalism) مالياتي سامراج (Financial Impalism ) جي شڪل وٺي رهيو آهي، جيڪو اڄا دنيا کي مڪمل طور تي تباهي طرف وٺي ويندو.

پاڪستان جي معيشت جيڪا خود اڳ ۾ ئي ڏيوالي جي شڪار هئي، سا هاڻي اڃا به وڌيڪ بدترين شڪل اختيار ڪري رهي آهي، ملڪ جي معيشت مان 65 سيڪڙو ملٽي نيشنل ڪمپنين 25 سيڪڙو فوج ۽ 10 سيڪڙو سول سرمائيدارن جي هٿ وس آهي، ملڪ جي معيشت جا مکيه 44 ادارن سميت ڪل 700 ادارا وڪرو ڪري ڇڏيا آهن، باقي به 16 ادارا بچيا آهن، جن مان اسٽيل مل، پورٽ قاسم، پي آءِ اي، قادر پور گئس فيلڊ وڪري ڪرڻ لاءِ موجوده حڪومت رٿابندي ڪري ڇڏي آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته حڪومت عوام نه پر عالمي ادارن، سرمائيدارن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي رحم ڪرم تي هلي رهي آهي.

آمريڪي جنرل جارج مارشل ٻي عالمگير جنگ ڪانپوءِ مارشل پلان ڏنو هو (Don’t Fight the Problem) مسئلن سان ويڙهه نه ڪريو. پهرين انهن کي سمجهو ۽ پوءِ حل ڪريو. هتي به پهرين مسئلي کي سمجهڻو پوندو پوءِ ئي ان جي حل لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ملڪ کي ڏيوالي کان نڪرڻ لاءِ غلط فارمولا استعمال ڪندي معاشي بحران کان بچڻ لاءِ حڪومت IMF کان 7.6 بلين ڊالر قرض ورتو آهي، جنهن ۾ چاٽايو ويو آهي ته ملڪ ڊفالٽ کان بچي ويو، حقيقت ۾ ملڪ وڌيڪ ڊفالٽ ۾ ايندو، چاڪاڻ ته قرض بنا شرط جي نه ملندو آهي، ان ڪري جيڪڏهن IMF يا ٻيو ڪو ادارو پئسا ڏيندو ته پاليسيون به ان جي مرضيءَ سان ٺهنديون. وقتي طور تي معيشت کي بچايو ويندو پر مستقبل ۾ ملڪ اقتصادي طور تي مڪمل طور تي تباهيءَ جو شڪار ٿي ويندو. جنهن کي شايد دنيا جي ڪا به طاقت بچائي نه سگهندي. جيڪڏهن ملڪ کي معاشي بحران مان ڪيڍڻو هو ته سمنڊ پار پاڪستانين وٽ 184 ارب ڊالر ڪيش ۾ موجود آهن، پاڪستانين جا 14.7 ارب ڊالر پرڏيهه ۾ جڏهن ته ملڪ ۾ 131 ارب ڊالر مخصوص ماڻهن وٽ آهن. جڏهن ته ملڪ کي صرف 10 ارب ڊالرن جي بحران مان نڪرڻ جي ضرورت آهي. رڳو پارليامينٽرين ۽ سياستدان ئي صرف هڪ مهيني لاءِ پرڏيهه ۾ رکيل ناڻو ملڪ ۾ جمع ڪرائن ته هوند بحران مان نڪري سگهجي پيو. پر هتي بنا ڪنهن منصوبابندي جي سفر ڪرڻ سبب يقينن ملڪ کي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ کان فرشتا به بچائي نه سگهندا. جڏهن ته اربين روپيا ملڪ جي وڏين بلائن وٽ ڪرپشن جي صورت ۾ موجود آهن، جنهن جو عڪس اين آر او ۾ ڏسي سگهجي ٿو، هي ته اهي ماڻهو هئا، جيڪي حساس ادارن جي نظر ۾ اچي ويا، پر ان ڪانسواءِ به ملڪي معيشت جو وڏو ناڻو انهن ادارن کان اوجهل

آهي. جن جي واپسي پڻ ڪي قدر عوام جي مفادن ۾ ڪم اچي سگهي ٿي. پر احتساب ڪندڙ ادارا پڻ احتساب جا مستحق آهن، ان ڪري هي رياست گهڻ طرفي خطرن ۾ وڪوڙجي ويئي آهي. دهشتگردي، ڪرپشن، عالمي سازشن کان وٺي آئيني توڙي فوجي سازشن جي گهيري ۾ رهندڙ هي رياست گهڻو وقت جٽاءُ ڪري اهو ممڪن نظر نہ ٿو اچي. ان ڪري هنن حالتن ۾ آزادي پسند ڌريون جيڪڏهن تنظيمي طرح منظم انداز ۾ اڳتي وڌي اچن تہ رياست هن کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ ايترو ڪمزور نہ رهي آهي، جيڪا بنا ڪنهن نظرئي، رٿابندي جي سفر آهي. ان کي منطقي نتيجي تي پهچائڻ لاءِ حالتون مڪمل طرح سان سازگار آهن، پر ڇا اهي ڌريون سنجيده ۽ منظم آهن. جيڪي حالتن جي تبديلي ۽ انقلاب جي ڳالهہ ڪن ٿيون؟!

# ٽوڙهي ڦاٽڪ سانحو ۽ شاگرد سياست

17-آڪٽوبر سنڌ جي تاريخ جو اهو ڏهاڙو آهي، جنهن سڄي سنڌ کي سياسي طرح لوڏي ڇڏيو هو. خاص ڪري سنڌ ۾ شاگرد سياست ۾ 4 مارچ کانپوءِ 17-آڪٽوبر جو ڏهاڙو اهم حيثيت رهي ٿو. باشعور قوم پنهنجي شهيدن جا ڏهاڙا ملهائي پنهنجي سجاڳيءَ جو ثبوت ڏيندا آهن. ڏهاڙا ملهائڻ جا مکيه ٻه مقصد هوندا آهن، هڪ سبب اهو هوندو آهي ته ان جدوجهد، تحريڪ، واقعي ۽ ان ۾ شامل ڪردارن کي ميٽا ڏجي ته جيئن ايندڙ نسل ان مان اتساهه وٺي، جيئن تاريخ ۾ اهڙي قسم جو پيهر ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي. ٻيو سبب ان تحريڪ جدوجهد ۽ ان جي خوبين توڙي خامين کي اڳيان رکي مستقبل جي رٿابندي ڪري نيون حڪمت عمليون ٺاهجن، پر هتي اسان وٽ روايتي انداز ۾ ڏهاڙا ملهائي واهه واهه ڪري ٻه ٽي لڙڪ وهائي ماتم ڪري گهر ويهي وڃي آرام ڪجي ۽ بس، نتيجي ۾ سنڌ ۾ قومي فڪر توڙي قومي تحريڪ مثبت رخ اختيار ڪرڻ بجاءِ روايتي انداز ۾ لفاظي ۽ ماضيءَ تي فخر ڪرڻ تائين محدود ٿي وئي آهي.

## شاگرد سياست جو پسمنظر:

مهاتما گانڌيءَ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”ڪنهن به سماجي تبديلي لاءِ عدم تشدد لازمي اخلاقي اصول، حڪمت عملي هجڻ گهرجي ۽ شاگرد سياست ان اصول جي سياسي نقش آهي.“ معنيٰ ته شاگرد تعليم ۽ قوم وسيلي پنهنجي قوم جو وڏيڪ باشعور طبقو ٿئي ٿو. ان ڪري قوم جي تقدير جي تبديليءَ جو بار ان جي ڪلهن تي وڌيڪ پوي ٿو. شاگرد پنهنجي جوهر ۾ جيترو وڌيڪ باشعور ۽ علم سان آراسته هوندو، اوترو ئي جلد قوم پنهنجي پيرن تي بيهندي آهي. اهو سبب آهي جو ڏکڻ ايشيا، ايسٽ تيمور، وينزويلا، انڊونيشيا، يوگو سلاويا ۾ جيڪي تاريخي تبديليون برپا ٿيون آهن انهن ۾ شاگردن جو اهم ڪردار رهيو آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي آزادي هجي يا بنگلاديش جي آزادي انهن ۾ شاگردن جي ڪردار کي ڪنهن به طرح سان نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.

## سنڌ ۾ شاگرد سياست:

هونئن ته سنڌ ۾ شاگرد سياست جو سنڌ جي تاريخ ۾ ڊگهو سفر رهيو آهي، ترخانن، ارغونن، توڙي مغلن جي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻولي خاطر پنهنجي زندگيءَ جو نذرانو ڏيئي، پنهنجون زبانون ڪٽرائي، پنهنجي ارڏائي ۽ بهادريءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ شاگرد سياست جا بنياد وڌيڪ مضبوط هيمون ڪالاڻيءَ قائم ڪيا. سکر ۾ جنم وٺندڙ هيمون ڪالاڻي 23 آڪٽوبر 1942ع ۾ گرفتار ٿيو، 2 مهينا 25 ڏينهن انگريز سامراج جي ٽارچر ۾ سختيون سٺيون. ڪيس ليٽ جي لڪڻ سان اگهاڙي جسم تي ڪُٽڻ کانسواءِ کيس برف جي بلاڪ تي ليٽايو ويندو هو کيس چيو ويو ته جيڪڏهن هو پنهنجي غلطيءَ جي معافي وٺي ته سندس سزا معاف ڪري سگهجي ٿي. پر هن ارڏي انسان آڻ نه مڃي ۽ آخرڪار 21 جنوري 1943ع تي کيس ڦاهي ڏني وئي. اڄ جيڪڏهن هيمون ڪالاڻي تڪليفون ۽ سختيون نه سهي ها ۽ موت کي لبيڪ نه چوي ها ته هو اڄ شاگردن لاءِ اتساهه جو سبب نه بڻجي سگهي ها. شاگردن جي جدوجهد هيمون ڪالاڻيءَ جو رت پي اڳتي سفر ڪيو آهي.

## 4-مارچ 1967ع جو واقعو:

4 مارچ جو ڏهاڙو جڏهن ڪنن تي گونجندو آهي ته شاگردن توڙي سڄي سنڌ جي رت جي گردش تيز ٿي ويندي

آهي. ائين ڪٿي چئجي ته 4 –مارچ شاگرد جدوجهد جي عروج جو زمانو آهي هن دؤر ۾ شاگرد سياست سنڌ جي مڙني طبقن تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. هن دؤر ۾ جڏهن سنڌ کي سابق سنڌ لڪڻ ۽ سنڌي پڙهائڻ تي بندش، مداخلت ۽ ون يونٽ ۾ سنڌ مڪمل طور تي پنجاب جي بيئڪيت تي وئي ته شاگردن پنهنجي حق جو علم بلند ڪيو، پنهنجي جدوجهد جو نعرو حيدرآباد جي ڪمشنر کي هتايو هٽي شاگردن زبردست تحريڪ هلائي. ڪمشنر حيدرآباد خلاف هلايل تحريڪ سنڌ جي قومي تحريڪ جو اهجاڻ تي وئي. آخرڪار 4–مارچ 1967ع ۾ حيدرآباد جي شاگردن جي احتجاج تي ڪڙڪي پئي. شاگردن جو رت رستن، گهٽين، توڙي گهرن ۾ ريلا ڪري وهڻ لڳو، ڪيترائي شاگرد ٽارچر سيلن ۾ واڙيا ويا. شاگردن جي انهن قربانين جو نتيجو هو جو ون يونٽ جهڙو قهري ڪوٽ ڪري پيو. هي شاگرد سياست ئي هئي جنهن سنڌ ۾ قومي تحريڪ کي سگهه بخشي ۽ اتساهه ڏنو ۽ سڄي قوم کي قومي ڌارا ۾ ڪٺي ڪري بيهاريو. اهو ئي سبب آهي جو سائين جي ايم سيد شاگردن جي جدوجهد، ولولي ۽ قرباني جي جذبي کان متاثر ٿي آزاد سنڌ جو بار شاگردن تي رکيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آزادي جي نعري کانپوءِ پهرين تقرير ۾ واضح چيو ته ”مان سنڌ جي وڏيرن، پيرن، جاگيردارن کي آزمائي چڪو آهيان، مون کي سنڌ جي آزادي ۽ آجپي جي واهه ڪٿي نظر نه آئي. ان ڪري مان سنڌ جو ڪيس توهان شاگردن اڳيان ڪٺي آيو آهيان.“ سائين جي ايم سيد تاريخ جي وڏن تجربن مشاهدن کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو ته سنڌ ۾ وارثي ۽ مالڪي جيڪڏهن ڪري سگهن ٿا ته اهي شاگرد ئي آهن. ان کانپوءِ اهو ثابت ٿيو ته شاگردن نه صرف تاريخ جي ڦيٿي کي اڳتي وڌايو پر ان تاريخي عمل کي نوان گس ۽ موڙ به ڏنا.

## 17–آڪٽوبر واقعي جو پس منظر:

17 آڪٽوبر 1984ع اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن شاگردن پنهنجي زندگيءَ جو پليدان ڏئي سڄي سنڌ کي واسي ڇڏيو. هي اهو دؤر آهي جو سنڌ ۾ ايم آر ڊي توڙي مڙني مڪتبِ فڪر سان تعلق رکندڙ ڌريون عملي طور تي ويڙهاند ۾ رڌل هيون. هر تحريڪ ۾ شاگردن نمايان ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. خاص ڪري جيئي سنڌ جي سموري قيادت، اڳواٽي شاگردن وٽ هئي. ان ڪري قومي تحريڪ ۾ شاگردن جو نئون جوش جذبو ۽ قومي فڪر سان سرشار قافلو جڏهن سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا 150 شاگرد بسن م سوار ٿي 3.00 وڳي منجهند ٽوڙي ڦاٽڪ وٽ پهتا ته ڦاٽڪ بند هيو ۽ چؤطرف سانت ڇانيل هئي. سول ڊريس ۾ قانون نافذ ڪندڙ اداري جي سربراهه قافلي کي انڊس هاءِ وي کان هيٺ لهڻ لاءِ جيئن ئي حڪم ڪيو ته ريلوي بند جي چؤطرف لڪل قانون نافذ ڪندڙ اداري جي هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا. 5 ڄڻن جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ باقي بين زخمين کي بڪتر بند گاڏين ۾ ڪٺي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ڪيو ويو، جتي به کين سخت تڪليفن سان منهن ڏيڻو پيو. هي سنڌ جي 35 منٽن جي مختصر جنگ هئي. جتي تند تلوارن سان وڙهي هئي.

## اڄڻ جو مقصد:

شاگرد 17–آڪٽوبر تي پنهنجين اکين ۾ ”مهين جي دڙي“ جي بچاءَ جا خواب ڪٺي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ ”مهين جو دڙو بچايو“ سيمينار ۾ شرڪت لاءِ روانا ٿيا هيا، چاڪاڻ ته انهن باشعور شاگردن ڄاتو ٿي ته مهين جو دڙو سنڌ جي عظمت جو تاريخي دستاويز آهي جنهن جو تحفظ ڪرڻ معنیٰ سنڌ جو تحفظ ڪرڻ آهي، جڏهن دنيا اڃا پنهنجو انگ ڍڪڻ نه ڪي هئي ته تڏهن سنڌ پنهنجي فن، ادب، آرٽ، موسيقي، تجارت، سائنس، ٽيڪنالاجيءَ ۾ سڄي دنيا جي امامت ڪري رهي هئي. ان ڪري دڙي کي بچائڻ کي ماضي جي شاندار حصي کي بچائي خوشحال ۽ آزاد سنڌ اڏڻ برابر آهي. ڇو ته قومون پنهنجي ماضي جي تجربن، مشاهدن ۽ قومي ورثن

ڪي سامهون رکي پنهنجي مستقبل جي اڏاوت ڪنديون آهن.

## ميڊيا جو ڪردار:

ان وقت ميڊيا ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سرڪاري ميڊيا ٻي وطن پرست ميڊيا، سرڪاري ميڊيا جنهن جو گهڻي قدر اليڪٽرانڪ ميڊيا يعني ريڊيو، ٽي وي ۽ ٿوري قدر پرنٽيڊ ميڊيا تي واضح اثر هيو، سرڪاري طور اها پروپئگنڊا ڪئي پئي وئي ته ڏوهارين سان پريل يونيورسٽيءَ جون ٻه بسون لاڙڪاڻي وينديون، پوليس سان مقابلي ۾ 5 ڏوهاري مارجي ويا ۽ ڪيترائي ڏوهاري گرفتار ڪيا ويا آهن. سرڪاري ان پروپئگنڊا جو سنڌ ڪانسواءِ ٻين صوبن توڙي عالمي سطح تي وڏو اثر پيو، ٻئي طرف سرڪاري ٻولڙيا سنڌي عوام کي گمراهه ڪندا رهيا، تنهن باوجود به پرنٽيڊ ميڊيا ۾ ڪجهه وطن دوست اخبارن توڙي صحافين سنڌ جو ڪيس انتهائي ايمانداريءَ سان وڙهيو ۽ اهي باور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا ته اهي نج سياسي شاگرد هئا نه ڪي ڏوهاري، جيڪي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي شهيد ۽ گرفتار ڪيا ويا آهن، انهن وطن پرست اخبارن ۽ صافين جي مثبت ڪردار سبب سڄي سنڌ اٿلي پئي.

## عوام جو ڪردار:

عوام سرڪاري پروپئگنڊا جو شڪار ٿيڻ بجاءِ سڌيءَ طرح سان شاگردن ڏانهن پنهنجون سڀ محبتون منسوب ڪيون. اهو ئي سبب آهي جو سڄي سنڌ ڪيترائي ڏينهن ان سوڳ ۾ ورتل نظر آئي ۽ عوام روڊن، رستن، تي سراپا احتجاج بڻجي نڪري آيو ۽ سرڪار خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي. سموري سنڌي قوم هن غم، غصي ۽ سوڳ ۾ متحد ٿي وئي جنهن جو سنڌ جي تاريخ ۾ مثال مشڪل ملي ٿو.

# 17-آڪٽوبر جا شهيد:

## 1- شهيد عبدالمالڪ خشڪ:

هن شهيد ٺٽي ضلعي جي تعلقي گهوڙا ٻاري جي ڳوٺ درويش ۾ جنم ورتو، سندس پيءُ جو نالو محمد عيسىٰ خشڪ هو. ذهانت جي لحاظ سان سندس هاڪ شروعاتي تعليم کان ملي ٿي، هن پنجين درجي ۾ ذهانت جو امتحان ٺٽي ضلعي ۾ پهريون نمبر کٽي پاس ڪيو ۽ ان کانپوءِ ميٽرڪ توڙي انٽر ۾ اي گريڊ کٽي پاس ٿيو ۽ ان کانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي جساف جو باضابطہ ميمبر ٿيو، جتي هن جون سياسي سرگرميون عروج تي پهچي ويون. اهو ئي ڪارڻ هوجو سياسي سرگرمين سبب هڪ دفعو ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو، تنهن باوجود بہ هن جي جذبي، محبت ۾ ذري برابر بہ ڪمي نہ آئي.

## 2- شهيد ذڪريا ميمڻ:

شهيد ذڪريا ميمڻ مهراڻ يونيورسٽي جو شاگرد هيو، هن جو جنم 7 فيبروري 1962ع تي ٺٽي ضلعي جي دڙي شهر ۾ ٿيو، نائين درجي تائين ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين، ڏهين درجي ۾ بنورو هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين، انٽر ۾ بهترين پوزيشن حاصل ڪرڻ کانپوءِ مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو، جتي جساف جو باضابطہ سرگرم اڳواڻ رهيو. سياسي سرگرمين سبب ڪيس هڪ دفعو ريسٽيڪيٽ پڻ ڪيو ويو، پر پوءِ اهو آرڊر 1983ع ۾ واپس ورتو ويو، تنهن باوجود هن جون تعليمي سياسي سرگرميون جيئڻ جو تيئن جاري رهيون.

## 3- شهيد انور علي عباسي:

شهيد انور علي عباسي جو تعلق ڳوٺ پڪي تعلقي قمبر سان هو، سندس جنم 12-آگسٽ 1962ع تي سندس والد علي محمد عباسي جي گهر ۾ ٿيو، پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾، ڇهين کان ڏهين درجي تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڳڻ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ٻارهين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان ڪيائين. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪامرس شعبي ۾ داخلا ورتائين. شهادت وقت فائنل ييئر جو شاگرد هيو. 17-آڪٽوبر تي گولين لڳڻ ڪري سندس سڄو منهن ۽ جسم چچرجي ويو هو، جنهن سبب سندس سڃاڻپ ڪرڻ انتهائي مشڪل هئي. اهو ئي سبب هيو جو ڪيس لاوارث ڄاڻائي واپڊا ڪالونيءَ ڄامشورو ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو.

## 4- شهيد امان الله وسطڙو:

نوشهروفيروز ڳوٺ مچر ۾ حزب الله وسطڙو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ شهيد امان الله وسطڙي پرائمري تعليم موري ۾، سيڪنڊري تعليم شهدادڪوٽ مان حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽي جي جيالاجي جي شعبي ۾ داخلا ورتائين. جساف جو ميمبر ٿيڻ کانپوءِ هن باضابطہ سياسي سرگرميون شروع ڪيون. هن جي ولولي ۽ جذبي جو انداز سندس هن آخري آٽوگراف مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ"منهنجي آخري تمنا آهي تہ سنڌ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ شهادت ماڻيان." ۽ هن جي ان خواب جي آخرڪار 17-آڪٽوبر تي ساپيان ٿي.

## 5- مٺو بليدي:

مٺو بليدي سنڌ يونيورسٽي جو چوڪيدار هو. هن جي مزار ڄامشوري ريلوي اسٽيشن جي ويجهو آهي. 17-

آڪٽوبر جي شهيدن ۾ منو بليدي جو ڪردار سڀ کان اهم هيو. ڇاڪاڻ ته هو سرڪاري ملازم هوندي به ڌرتيءَ جي محبت هن جي نس نس ۾ سمايل هئي ۽ آخري دم تائين ڌرتيءَ جي آجپي لاءِ ڪردار ادا ڪندو رهيو. يونيورسٽي ۾ سمورا شاگرد اڳواڻ توڙي ڪارڪن سندس سحر ۾ هوندا هئا. سرڪار جڏهن به ڪا شاگردن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ايندي هئي تڏهن هي هڪدم اها خبر شاگردن تائين پهچائيندو هو، جنهن سبب ڪيترائي دفعا شاگرد ڳري نقصان کان بچي ويا.

## شاگرد سياست جي ناڪام ٿيڻ جا سبب:

انقلاب ڪي آڻڻ لاءِ جيستائين انقلابي فڪر سان ڳنڍ انقلابي پارٽي نه هوندي آهي ته تيستائين انقلاب جي اچڻ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. سنڌ ۾ انقلابي فڪر سان تعلق رکندڙ سيني ڌرين وٽ خاص ڪري سنڌ جي محور ۾ ڪم ڪندڙ ڌرين وٽ انقلابي فڪر ته هو پر انقلابي پارٽي نه هئي، جنهن سبب سموريون سياسي پارٽيون گهڻي وقت تائين سياسي ميدان تي جتاءُ نه ڪري سگهيون. پارٽيون تيستائين نتيجا نه وٺي سگهنديون آهن، جيستائين انهن ۾ پورهيت جو ڪردار نه هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته پورهيت انقلاب ۾ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندا آهن، جنهن وٽ وڃائڻ لاءِ صرف زنجير ئي هوندا آهن ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا هوندي آهي. سنڌ ۾ بدقسمتيءَ سان قومي فڪر سان تعلق رکندڙ سيني ڌرين پورهيت جي تاريخي ڪردار کان لاتعلق ٿي انقلاب جو سمورو بار شاگردن جي مٿان رکيو ويو. جيئن ته شاگرد هڪ عرصي تائين شاگرد هوندو آهي. ان ڪانپوءِ شاگرد زندگي جي ٻئي شعبن ۾ داخل ٿئي ٿو. ان ڪري انقلاب لاءِ شاگردن تي پوري طرح بار سٽو سنئون ثابت نه ٿيو آهي. انقلابي پارٽي نه هجڻ سبب انهن سياسي شاگردن جي تعليمي ادارن مان نڪرڻ ڪانپوءِ سنڀال نه ٿي سگهي ۽ اهي سماج ۾ اچي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ مصروف ٿي ويا. انقلاب لاءِ معاشي مفاد اهم هوندا آهن، ڇو ته معاشي مفاد ويڙهه لاءِ اتساهه پيد اڪندا آهن، ان ڪري انقلابي ويڙهه ۾ مڪمل طرح سان شاگردن تي ڀاڙڻ سيني پارٽين جي وڏي غلطي ثابت ٿي آهي، پيو ته رياست شاگردن جي سياسي ڪردار کي ڪرمنل فيڪٽر ۾ ملوث ڪري ڇڏيو ته ڪن کي ايجنسين خريد ڪري ڇڏيو.ڪن کي ڪلاشنڪوف ۽ نشي جي ڌنڌي ۾ لاٿو ويو، نتيجي ۾ جيڪي سنجيده ۽ باعمل شاگرد هئا اهي به انهن جي گهيري ۾ اچي ويا، جيڪي ڳهربل نتيجا نه ڏئي سگهيا ۽ ڏسندي ڏسندي شاگرد سياست پنهنجو اثر وڃائي ويٺي آهي.

## هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

لينن چواڻي "One step forward, two step backward" يعني "هڪ قدم اڳتي ۽ ٻه قدم پوئتي." پنهنجي هڪ قدم کي بچائڻ لاءِ ٻه قدم پوئتي موٽڻ خراب ڳالهه نه آهي. ڇو ته سياست ڏاڍي بي رحم ٿيندي آهي. جنهن جي سيني ۾ ڪا به دل ناهي ٿيندي. سياست جا پنهنجا ماڻا ماپا هوندا آهن ان ڪري سياست ڪنهن جي خواهشن جي نه پر مادي حالتن جي تابع ٿيندي آهي. مادي حالتن جي تبديليءَ سان سياست ۾ نوان رخ، رستا، راهون تيار ڪبيون آهن، سنڌ جون حالتون ان نتيجي تي پهتيون آهن ته سيني کي هڪ دفعو ٻيهر پنهنجو ۽ پنهنجي سياسي پارٽين جو جائزو وٺي سنڌ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي، سنڌ ۾ سياسي تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي پارٽي کي پورهيت طبقي سان ڳنڍي پورهيتن کي انقلاب جو محرڪ قوت سمجهي سياسي حڪمت عملي تيار ڪرڻي پوندي. شاگرد هن تحريڪ ۾ ڪنهن حد تائين سياسي پارٽين لاءِ ڪارگر ثابت ٿي سگهن ٿا پر مڪمل طرح سان پنهنجون پارٽيون شاگردن جي اڳواڻي ۾ ڏيڻ هڪ دفعو ٻيهر اسان جي تاريخي غلطي هوندي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاگردن جي سياسي تربيت لاءِ ادارا قائم ڪيا وڃن، جيڪي شاگردن جي تربيت ڪن ۽ شاگرديءَ جي دور پوري ٿيڻ ڪانپوءِ به سياست ۾ انهن کي پارٽي جي ماتحت ٻڌائجي ۽ شاگردن کي منظم ڪرڻ کان اڳ پارٽي جي انقلابي ٻيهڪ ضروري آهي. جيڪڏهن انقلابي پارٽي نه هوندي ته انقلاب لاءِ رستو هموار ڪرڻ مشڪل نه پر ناممڪن هوندو.

# سنڌ ۾ تاريخي ٻوڏ: سبب ۽ حل ....

ٻوڏ جي تباهيءَ سبب، سنڌ زبردست معاشي ۽ سماجي طرح سان متاثر ٿي آهي. ان کان اڳ ۾ سنڌ ايتري حد جي لڏپلاڻ ۽ تباهيءَ کانہ ڏٺي آهي. 1947ع ۾ جيڪا لڏپلاڻ ۽ سنڌي ماڻهن جو هڪ ٻئي کان وڇوڙو ٿيو، ڏسجي ته ان کان به وڌيڪ هاڃا هاڻي ٿيا آهن. ٻوڏون پاڻيءَ جون هجن، معاشي بحران جون هجن آباديءَ جون اهي گهٽائي نقصان ۽ سوال کڻي ٿيون اچن. سنڌو درياءُ جتي سنڌي تهذيب ۽ تمدن ۽ سنڌي قوم جي خوشحاليءَ جو ڪارڻ رهيو آهي، اتي ڪيئي تباهيون به پاڻ سان کڻي آيو آهي. وادئ سنڌ جي تهذيب جي اڏاوت ۽ بربادي‌ءَ جا سبب به سنڌو دريا جي ڪاتي ۾ اچن ٿا. هيءَ ٻوڏ جنهن کي سنڌي ماڻهون صدين تائين وساري نہ سگهندا، انهيءَ جي تباهيءَ جا سبب قدرتي گهٽ پَر هٿرادو وڌيڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌو درياء جي موجن، مستين تي بند ٻڌڻ ۽ ان کي پنهنجي مرضيءَ سان سڪائڻ ۽ آباد ڪرڻ به ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو.

## ٻوڏ جا سبب:

ڪل ست درياءَ آهن جيڪي سنڌو درياءَ جي پيٽ ڀرڻ لاءِ پنهنجو رخ دريا ڏانهن رکن ٿا. جنهن ۾ ٽي درياءَ ستلج، بياس ۽ راوي هندستان کي پاڪستان سرڪار ايوب خان جي زماني ۾ وڪرو ڪري ڏنا. جنهن جو ملندڙ پئسو پنجاب کي ڏنو ۽ باقي ٻن دريائن مان اٽڪ وٽ ڪابل درياءَ، جهلم، چناب درياءَ ۽ سنڌو درياءَ ۾ ٻوڏ جي پاڻيءَ لاءِ رستو ملي ٿو. پر ان کان به وڏا سبب به اونهاري ۾ پيل برف ۽ گليشيرن جو تيزيءَ سان ڳرڻ، ميداني علائقن ۾ مينهن پوڻ ڪري نئن جي رستي سان داخل ٿيڻ آهي. جڏهن تہ بنگال ۾ مون سون هوائن جو جبلن تي مينهن وسائڻ، هوا ۽ داٻ (Pressure) گهٽ ڪري مون سون جي بارشن جو سلسلو جون کان سيپٽمبر تائين هوندو آهي، جنهن سبب به سنڌو درياءَ پنهنجي اوج ۽ موج سان سفر ڪري ٿو.

## ٻوڏ جي سطح:

آبپاشي جي لحاظ کان ڏسجي تہ ٻوڏ جي سطح جا مختلف پئمانا مقرر ڪيل آهن، جنهن ڪري اسان اڪثر ڪري ٻوڏن جي سطح جي پرک نہ ڪري سگهندا آهيون. ٻن کان ساڍن ٽن لکن تائين ڪيوسڪ پاڻي ڪٽي ايندڙ درياءَ ۾ هيٺين سطح واري ٻوڏ Low Flood چئبو آهي. ساڍن ٽن کان پنجن لکن تائين ڪيوسڪ پاڻي کي مٿين درجي واري ٻوڏ High Flood چئبو آهي. پاڻي جا وهڪرا جڏهن ستن لکن کان نَون لکن تائين هجن تہ ان کي مٿئين سطح واري ٻوڏ Very High Flood چئبو آهي ۽ جڏهن پاڻيءَ جا وهڪرا نَون لکن کان مٿي اچن تہ ان کي سپر فلڊ (Super Flood) چئبو آهي. گدو بئراج جي رڪارڊ مطابق پاڻيءَ جا وهڪرا 1967ع کان 1972ع تائين ڇهہ لک ڪيوسڪ، 1973ع ۾ سپر فلڊ جا وهڪرا ڏهہ لک 83 هزار ڪيوسڪ، 1975ع ۾ ٻي سپر فلڊ ڏهہ لک 52 هزار ڪيوسڪ، 1976ع ۾ چوٿيءَ وارو وهڪرو ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1978ع ۾ چوٿيءَ وارو وهڪرو ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1978ع ۾ چوٿيءَ وارو وهڪرو ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1986ع ۾ ٻارنهن لک ڪيوسڪ، 1988ع ۾ پاڻيءَ جا وهڪرا ٻارنهن لک، 62 هزار، 1989ع ۾ پاڻيءَ جا وهڪرا نوَ لک 44 هزار ڪيوسڪ، 1992ع ۾ ڏهہ لک 88 هزار ڪيوسڪ تائين پاڻيءَ جا وهڪرا رهيا آهن. جڏهن تہ ان کانپوءِ 2009ع تائين ڪابہ سپر فلڊ نہ آئي آهي.

ان عرصي دؤران وڏ ۾ وڏ پاڻيءَ جا وهڪرا 5 لک يا 6 لک ڪيوسڪ رهيو آهي. هن سال پاڻيءَ جو وهڪرو 11 لک 48 هزار ڪيوسڪ رهيو آهي. ڏٺو وڃي تہ اهو ڪو ايڏو وڏو پاڻي جو وهڪرو نہ آهي

جيڪو سنڌ نہ ڏنو هجي پر اصل مسئلو 14 سالن کان وٺي آبپاشيءَ وارن جي لاپرواهي ۽ بدانتظاميءَ سبب سنڌ کي وڏيڪ پوڳڻو پيو آهي. نہ تہ هوند گهٽ نقصان ۾ پاڻيءَ کي گذاري سگهجي پيو.

## ٽوڙيءَ جو معاملو:

1932ع ۾ سکر بئراج ٺهڻ کانپوءِ انگريز سرڪار جيڪو آبپاشيءَ جو زبردست نظام ترتيب ڏنو اهو سنڌ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. جيتوڻيڪ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ درياءَ جي پاڻيءَ کي درست استعمال لاءِ ڪلهوڙن واهن جو بهتر چار وڇايو پر انگريزن جي دانائي جو ڪو مثال ئي ڪونهي. انهن ڄاڻايو آهي تہ جيڪڏهن پاڻيءَ جا وهڪرا وڏي وڃن تہ علي واهڻ کان ڪٽ ڏئي گهٽ کان گهٽ نقصان کان ڪم وٺي سگهجي ٿو. روهڙيءَ کان اها چندڻ، هاڪڙي درياءَ تائين وڃي پوندي آهي. سانگهڙ مان گذري تر جي واريءَ جو ڪس ڏئي ڪنري تعلقي جي اولهہ ورندو ۽ بدين ضلعي جي ڏکڻ کان ڏيپلي تعلقي جي الهندي ڪنڌ تي سمنڊ ۾ وڃي ڪرندو آهي. جيتوڻيڪ ان پاسي کان ڪافي آبادي بہ ٿي ويئي آهي. چندڻ روهڙي مان نڪري اچڙي تر ۾ داخل ٿئي ٿي. اچڙي تر ۾ واريءَ جي ڍيڻ آهي جنهن ڪري پاڻي گهڻي قدر اتي جذب ٿي وڃي ٿو. واريائي علائقي ۾ 60 سيڪڙو کان وڏيڪ تہ پاڻي جذب ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ هن رستي سان 120 ڊيڊيون اچڙي تائين، ان کان پوءِ 90 ڊيڊيون هتونگو اچڙي کان اڳتي آهن. هن رستي سان ٽي لک ڪيوسڪ پاڻيءَ گذاري سگهجي پيو. پر پنو عاقل ڇانوڻيءَ اينگرو جي فيڪٽرين ۽ منسٽر جي 6000 ايڪڙ زمين ۽ 3 فيڪٽرين کي بچائڻ لاءِ ٽوڙي کان غلط ڪٽ ڏياريو ويو يا گهاءُ لڳڻ ڏنو ويو. بي بي سي جي خصوص نمائندي مطابق جڏهن ٽوڙي بند ۾ گهارو هڪ فوٽ هيو تہ جيڪب آباد جو ڊي سي او ان کي بند ڪرائڻ لاءِ پهتو پر رينجرس وارن کيس اهو ڪم ڪرڻ کان روڪيو ۽ پاڻي غوثپور، ٺل، جيڪب آباد تائين اڪ چنب ۾ پنهنجي پوري جوبن سان اچي پهتو تہ اتان جي هڪ وزير ان کي بلوچستان لوڙهڻ چاهيو جتي اڳوڻو وزيراعظم ظفر الله جمالي پنهنجي هٿياربندن سان اچي پهتو پر ان جي وَئي کانپوءِ بيهر پاڻيءَ کي اوڏانهن ڪٽ ڏنو ويو. پاڻي جعفرآباد، اوستا محمد ٻوڙيندو، قبو سعيد خان، شهدادڪوٽ، قمبر، گاجي کهاوڙ وارهہ، دادو جا گس وٺيو اڌ سنڌ کي ٻوڙيون، بيحال ۽ بي گهر ڪيون بنا ساهيءَ جي پنهنجي سفر تي روان دوان رهيو.

## پنجاب جا مفاد:

ٻوڏ خيبر پختونخواهہ، پنجاب ۽ سنڌ کي زبردست نقصان پهچايو آهي. خيبرپختونخواه جو جاني نقصان تہ سنڌ کان بہ وڏيڪ ٿيو آهي. پنجاب جا بہ ٽي ضلعا تباهيءَ جو شڪار ٿيا آهن. انهيءَ سموري تباهيءَ جو ذميوار پنجاب خود ئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻوڏ کان اڳ ۾ ڊيم ڀرڻ ۽ ڪئنال وهائڻ جو زبردستي حڪم ڏيندڙ پنجاب، ضرورت وقت سنڌ سڄي سڪندي رهي ۽ پنجاب سي.جي ڪئنال وهائڻ جا زبردستي نادري حڪم جاري ڪيا. جڏهن تہ 1945ع جي معاهدي ۾ ۽ 1991ع واري تڪراري پاڻي معاهدي ۾ بہ واضع لکيل آهي تہ ٻوڏ جي واڌو پاڻيءَ وقت ڪئنال ۽ ڊيم ڀريا ويندا پر ان ٺاهہ جي ابتڙ زبردستي ڪندڙ پنجاب سڪايو بہ سنڌ کي ۽ ٻوڙيوبہ سنڌ کي. جيڪڏهن هن ٻوڏ واري صورتحال ۾ ڪئنال ۽ ڊيم ڀرجن ها تہ هوندي ڪنهن بہ طرح ايترو گهڻو نقصان نہ ٿئي ها ۽ هي ٻوڏ قدرتي زحمت بجاءِ رحمت جا پيغام ڪٺي اچي ها! پر هي ملڪ شايد ٺهيو ئي پنجاب جي مفادن جي تحفظ لاءِ آهي. ڏاڍي جي لٺ کي پہ مٿا جيڏانهن هڻ تيڏانهن ڪُپي وڃي.

## سنڌ حڪومت جي غير ذميواري:

سنڌ حڪومت جيڪا سنڌ جي پئسن تي بہ ان لاءِ پلجي ٿي تہ جيئن سنڌ جي حقن جو تحفظ ڪري سگهي. پر هن سڄي خطري واري صورتحال ۾ بہ سنڌ حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي رهي. آبپاشي کاتو.

جنهن ڪاتي جو ڪم ئي صرف اهو آهي ته جيئن سنڌ جي آبپاشي نظام کي بهتر هلائي سگهجي، جڏهن ٻوڏ جا وهڪرا داخل ٿيا ته آبپاشي عملو ڪٿي به نظر نه آيو. ماڻهو پنهنجي مڙسيءَ تحت بندن جا گهارا پٽيندا رهيا، بندن جي چؤڪسي به ڏينهن رات عام ڳوٺاڻا ماڻهو ڏيندا رهيا. جڏهن هر ڪم عام ماڻهو ڪري رهيو آهي ته باقي حڪومت يا ان جي ادارن جي هئڻ يا نه هئڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ڪيترائي وزير ته ٻرن ۾ وڃي لِڪا، ڪيترن ئي وزيرن کي گهارا هٽائيندي ڏٺو ويو ته آخرڪار هيءَ حڪومت مرض ڪهڙيءَ جي دوا آهي؟ ماڻهو پاڻيءَ ۾ ڦاٿل رهيا، انهن جي ڪڍڻ جو ڪوبه مناسب انتظام نه هو، ٽرانسپورٽ جو بندوبست به ڪٿي نظر نه آيو. ٻه ويلا ماني ڏيڻ، خيمن جو بندوبست ڪرڻ، دوائون ڏيڻ، تحفظ ڏيڻ تائين سنڌ حڪومت بيوس نظر آئي، ڪراچيءَ ۾ ته سنڌي ماڻهن جي آمد کي روڪڻ لاءِ ڪيترن ئي ٻوڏ متاثرن تي گوليون هليون، ڪيترائي شهيد ڪيا ويا. هيتري بيوَسي ۽ لاچاري ڏسي سنڌ حڪومت تي ترس اچي رهيو آهي!!

جاگيردارن پنهنجون ڪيٽيون ۽ زمينون بچائڻ ۽ آباد ڪرڻ لاءِ درياءَ ۽ ڪئنالن جا بند ڏاڪا ۽ ٺاهيا آهن. ٻيلن مان ڪاٺ جي وڍ ٽڪ ۾ جاگيردارن بيوروڪريٽس سان گڏجي ڪئي آهي. جنهن سبب سنڌ جا ٻيلا مڪمل طور تي تباهيءَ جو شڪار آهن.

انگريزن بندن تي وڻ پوکرايا هئا ڇاڪاڻ ته وڻن سان بند مضبوط رهن ٿا. اهي سڀ وَڻ اڪثر ڪري آبپاشي عملدارن ۽ جاگيردارن ملي ٺيڪ ڪري گڏجي وڍرايا. جنهن جو نقصان به سنڌ کي ڀلڻ پيو. ٻيو ته درياءَ جي اندر پوکون ڪرائڻ، ٽيوب لڳائڻ، شڪارگاهون ايتري قدرجو پنهنجا بنگلا به درياءَ جي پيٽ ۾ ٺهرائي ڇڏيا آهن. درياءَ مان واري ڪڍڻ لاءِ ڏينهن رات ٽريڪٽر هلندا رهيا. جنهن سبب به درياءَ جي ڪپرن کي

نقصان پهتو جنهن جو به ازالو ٿيڻ گهرجي.

## پرڏيهي سازش:

ٻوڏ جي تباهيءَ جا جيڪي سبب سامهون اچي رهيا آهن. انهن ۾ هڪ دانشور طبقي ۾ هي بحث به هلي رهيو آهي ته هن ٻوڏ پٺيان پرڏيهي هٿ ملوث آهن. آمريڪا موسميات ٽيڪنالوجي ذريعي گليشيئرن کي ڳارڻ لاءِ پاڪستان جي اترين علائقن ۾ طالبن ۽ القاعده کي شڪست ڏيڻ لاءِ افغانستان ۽ هندستان سان گڏجي هتراڏو ٻوڏ ڪرائي آهي. ته جيئن القاعده ۽ طالبان جا خيبرپختونخواهه ۾ هٿيار تباهه ڪري سگهجن. پاڪستان جي فوجي ڇانوڻين ۽ ايٽمي اثاثن کي نقصان ڏئي سگهجي. ٻيو ته پاڪستان جا چين سان گهرائي وارا تعلقات متاثر ڪجن. پاڪستان ۽ چائنا شاهراهه قراقرم جي رستي سان ڳنڍيل آهن. ٻوڏ سبب چين ۽ پاڪستان ڪيترن ئي ڏينهن کان هڪ ٻئي سان ڪٽيل رهيا ڇاڪاڻ ته شاهراهه قراقرم مڪمل طور تي پاڻي هيٺ هو. جنهن سبب ٻنهي ملڪن کي ڪروڙن اربن جو نقصان پڻ پهتو آهي. ٽيون ته هترادو تباهي آٽي حڪمرانن تان عام ماڻهن جو ويساهه کٽائجي ۽ بک بدحاليءَ سبب گهرو ويڙهه ٿيندي ان جا فائد عالمي قوتون پنهنجي حَق ۾ ڪٽي وٺنديون. هن بحث تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي حڪمت عملي تيار ڪرڻ کپي.

## دانشورن، سياسي، سماجي تنظيمن جو تاريخي ڪردار:

هن ڏکئي گهڙيءَ ۾ سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جي ڪردار کي وساري نه ٿو سگهجي جن عوام کي اڪيلائي جي احساس کان آجو ڪيو. سياسي ۽ سماجي تنظيمن ته هنگامي بنيادن تي ماڻهن لاءِ ٻه ويلا ماني، دوائون، خيما ۽ ٽرانسپورٽ جي سهولت لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون. ڀهراڙيءَ کان ڪراچي ۾ ويندڙن کي آباد ڪرڻ لاءِ قومپرست جماعتن جي تاريخي جدوجهد آهي. جن ڏينهن رات هڪ ڪري عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. سرڪاري سطح تي عوام کي آسرا ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه پلئه نه پيو ڪجهه ڏرين ته رينجرس ۽ پوليس جي مدد سان ٻوڏ متاثرين مٿان گوليون هلائي، سنڌي ماڻهن کي ڪراچيءَ مان بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر قومپرستن پنهنجي سر تي اهو بار کڻي سنڌين کي ننڌڪائي کان بچايو

جيتوڻيڪ تنظيمي ڍس ۾ منظم نہ هئڻ باوجود بہ هي ڪوششون وساري نہ ٿيون سگهجن. ان ڪان بہ وڌيڪ عوام وانڍائپ جو شڪار ٿيڻ ۽ حڪومت جي مدد لاءِ واجهائڻ بجاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت بہ ڏينهن رات هڪ ڪري مصيبت ڪان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري هن سڄي عرصي ۾ جتي مايوسيون پلئہ پيون آهن. اتي اتساهيندڙ ڪردار ۽ عمل بہ سامهون اچن ٿا. مثال طور تي ويهڙ (ڏوڪري لڳ) جي بچاءِ بند کي ٻڌندي عبدالجبار ملاح ۽ عبدالجبار ڪانڌڙي پنهنجي زندگيءَ جو دان ڏنو ۽ انهن جا لاش لڱندڙ جهلي بند جي روڻ ۾ وڃي ڦاٿا ۽ روڻ بند ٿي ويئي، جنهن سبب ڳوٺن جا ڳوٺ وڏي نقصان ڪان بچي ويا. اهڙا ڪيترائي ڪردار سامهون آيا جن جون بي لوث ۽ اڻ ٿڪ ڪوششون ڪنهن بہ طرح وساري نہ ٿيون سگهجن ۽ اهڙن ڪردارن کي ميجتا ڏيڻ لاءِ بہ اسان کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

## هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

¨ ٻوڏ سبب سنڌ جا 19 ضلعا زبردست متاثر ٿيا آهن. جنهن م تقريباً فصل لڙهي ويا آهن. هڪ اندازي مطابق 10 ڪربن جو نقصان ٿيو آهي ۽ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. ان ڪري سنڌ کي آفت ستيل قرار ڏئي سيئي ڍلون ۽ ٽئڪسون معاف ڪيون وڃن.

¨ پرڏيهي توڙي ڏيهي ملندڙ امداد جو 50 سيڪڙو سنڌ کي ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هن ٻوڏ جو سڀ ڪان گهڻو نقصان بہ سنڌ جو ٿيو آهي ۽ ان امداد جي ورهائڻ کي صاف شفاف بنائڻ لاءِ بااعتماد ادارن کي اڳتي آڻڻ گهرجي.

¨ ڪراچيءَ ۾ لڏي ايندڙن جي مستقل رهائش ۽ روزگار لاءِ حڪومتي سطح تي اپاءَ ورتا وڃن. ڪراچيءَ ۾ ڌارين جي قبضي ۾ آيل پلاٽ ۽ جڳهون سنڌين کي ڏنيون وڃن ۽ صنعتي ادارن ۾ سنڌين کي ترجيحاتي بنيادن تي اپاءَ ورتا وڃن تہ جيئن ٻوڏ جي اثرن ڪان عوام کي جلد رليف ڏئي سگهجي.

¨ نظرياتي، تنظيمي، سياسي ۽ شخصي اختلافن باوجود بہ سيئي ڌريون سنڌي ماڻهن جي حادثاتي لڏپلاڻ واري عمل کي تاريخ جو موقعو تسليم ڪندي، ڪراچيءَ کي سنڌي ماڻهن جو مورچو بنائي. ”ڪراچي سنڌ آهي.“ نعري کي عملي روپ ڏيارڻ جو هن وقت ڪان وڌيڪ ڀيو ڪو موقعو ٿي نہ تو سگهي.

¨ آبپاشي کاتي جي ناقص ڪارڪردگي ڏسڻ ڪان پوءِ فوراً آبپاشي سڄي عملي کي تبديل ڪري نئون عملو مقرر ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ نئون عملو نئين جوش ۽ ولولي سان ايندو. ٻي صورت ۾ آبپاشي کاتي کي بند ڪيو وڃي جيڪو ادارو ڪم نہ ڪري سگهي، ان کي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

¨ نقصان جو ڪاٿو ڪرڻ لاءِ بااعتماد ادارن ڪان سروي ڪرائي وڃي ۽ ان نقصان جي ازالي لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن.

¨ جن وزيرن، جاگيردارن يا فردن پنهنجي مفادن خاطر گهارا هٽايا يا هن ڏکي گهڙيءَ ۾ عوام جو سهڪاري ٿيڻ بجاءِ پرن ۾ وڃي لڪا. انهن کي احتساب جي عدالت ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي تہ جيئن ايندڙ وقت ۾ ڪو اهڙا عمل نہ ڪري سگهي.

¨ جن فردن توڙي ادارن عوام جي مفادن ۽ سهولت لاءِ قربانيون ڏنيون انهن جي حوصلا افزائي لاءِ مناسب اپاءَ ورتا وڃن.

¨ درياءَ جي جهلي بندن جي مرمت لاءِ مخصوص بجيٽ جاري ڪئي وڃي ۽ بندن کي مضبوط ڪري ٻيهر وٽڪاري ڪرائي وڃي. ٻوڏن ۽ برساتن ڪري جهنگلي جيوت لاءِ گاهہ ٻوٽا جهجهي انداز ۾ ٿيندا ۽ ٻيلا ٻڻ ٻيهر اسرندا انهيءَ لاءِ حڪومتي سطح تي ڪوششون ورتيون وڃن تہ جيئن ٻيهر جاگيردار ۽ بيورو ڪريٽ وڻن جي واڍي نہ ڪن تہ فطرت کي وڌ ڪان وڌ بچائي سگهجي.

- ارسا (IRSA) جي جوڙجڪ نئين سري سان ڪئي وڃي ته جيئن ٻوڏ ڪان سواءِ ڊيمن ۽ ڪئنالن ۾ پاڻي نه وهايو وڃي ۽ پنجاب جي بالادستي پاڻيءَ تي نه رهي سگهي.
- ٻوڏ ۾ 4 هزار ڪان وڌيڪ اسڪول ٻڏي ويا آهن ۽ جڏهن ته 7 هزار اسڪول اڳ ۾ ئي بند هئا. جنهن ڪري لکن جي تعداد ۾ ٻار تعليم ڪان محروم ٿي ويا آهن انهيءَ ڪري انهن جي ڪولرائٽ لاءِ جلد عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن ٻارن جو مستقبل تباهه ٿيڻ ڪان بچائي سگهجي.
- ٻوڏ ۾ آمري ميوزم سميت سنڌ جي ننڍن وڏن ثقافتي شين کي زبردست نقصان پهتو آهي ان ڪري ثقافت کاتي کي اهڙن تاريخي شين جي سنڀال ۽ تحفظ لاءِ پڻ متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# ”ذوالفقار آباد“ سنڌ دشمن رٿا

سنڌ ۾ هن وقت سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڌرين جي وچ ۾ ذوالفقار آباد جو منصوبو زيرِ بحث آهي. سرڪاري سطح تي سمورا وسيلا ذوالفقار آباد شهر اڏڻ لاءِ راهه هموار ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن، جڏهن تہ سرڪار سان باقي اتحاد ۾ شامل ڌريون يا تہ خاموش آهن يا مصلحت خاطر پنهنجي موقف کي اڻ چٽو پيش ڪري رهيون آهن. ٻئي طرف سنڌي عوام سان پنهنجو رشتو جوڙيندڙ ڌريون پنهنجو چٽو ۽ واضح موقف پيش ڪري رهيون آهن. انهن جي چوڻ موجب تہ سنڌ کي نئين غلامي ۾ داخل ڪرڻ لاءِ نوان شهر اڏي سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. ان ڪري سنڌ ۾ ان رٿا متعلق عوامي سطح تي بہ مونجهارا پيدا ٿي رهيا آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي محسوس ٿي رهي آهي تہ ان رٿا متعلق سهي ۽ تز ڳالهہ عوام تائين پهچائجي.

دنيا جي تاريخ ۾ نوان شهر ٺهڻ ۽ ڊهڻ جوسلسلو اوائلي دؤر کان جيئن جو تيئن جاري آهي. ڪي شهر قدرتي آفتن تہ ڪي انساني حملن ۽ انساني سماج جي وحشي پڻي جو شڪار بڻجي تباهہ ٿي وڃن ٿا تہ ڪي نوان شهر اڏي انساني تهذيب ۽ تاريخ جي سفر کي اڳتي وٺي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ تہ شهر ئي تهذيبن جو مرڪز ٿين ٿا. جتي تهذيب واڌ ويجهہ ڪري ٿي ۽ پنهنجو سفر جاري رکي ٿي. اهو ئي سبب اهي جو دنيا جي ست ارب آباديءَ مان 4 ارب آبادي شهري زندگي بسر ڪري رهي آهي. ڳوٺن ۾ سهولتن جي اڻاٺ سبب اڪثر آبادي شهرن ڏانهن روزگار، تعليم ۽ صحت جي سهولتن خاطر تيزي سان منتقل ٿي رهي آهي.

هن خطي ۾ جيڪا آبادي شهرن ۾ داخل ٿي آهي اها اڪثر ڪري ڌاري آبادي آهي. جيڪا گهڻو ڪري جنگي حالتن سبب لڏ پلاڻ ۽ ڌڪار ڪري هتي سفر ڪري پهتي آهي ۽ ڪجهہ لڏپلاڻ سامراجي تسلط کي قائم ڪرڻ لاءِ ڇاٽي واٽي ڪرائي پئي وئي آهي. جنهن سبب خصوصاً سنڌ ۾ ڌاري آباديءَ جو ايترو تہ دٻاءُ وڌي رهيو آهي جو سنڌي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي ويا آهن. جنهن ڪري جيڪا شهرن کي تهذيبي اڏاوت ڪرڻي هئي اها سامراجي سازشن جي ور چڙهي وئي. سنڌ جي شهرن ۾ ڌاريا واپار، صنعت ۽ گذرِ معاش تي قابض ٿي ويئا تہ ٻئي طرف سياست ۾ انهن پنهنجو چڱو خاصو اثر پيدا ڪري ورتو. نتيجي طور تي سنڌ جي معاشي، سياسي ۽ سماجي صورتحال ۾ زبردست تبديلي آئي آهي.

سنڌ کي تاريخي طور تي جيڪو سفر جاگيرداري سماج کان سرمائيداري سماج ۾ ڪرڻو هو اهو پنهنجو رخ تبديل ڪري ويو، نتيجي ۾ سنڌ جا صنعتي شهر ڌارين جي حوالي ٿي ويا، صنعت تي اهي ڌريون قابض ٿي ويون ۽ سنڌي سماج جاگيرداري سماج ۾ اڃان بہ وڌيڪ ڦاسي پيو. جيتوڻيڪ رياست جاگيرداري سماج کي پنهنجي جياپي جو اصل سبب سمجهي ٿي. ان ڪري سنڌ جيستائين جاگيردارن وٽ يرغمال هوندي تيستائين ان کي غلام رکڻ وڌيڪ آسان ۽ سؤلو ٿي پوندو. هڪ طرف صنعتي شهر ڌارين جي قبضي ۾ آهن تہ ٻئي طرف جاگيرداري پنهنجي پيانڪ شڪل اختيار ڪري رهي آهي. انهن حالتن ۾ نون شهرن اڏڻ جو منصوبو سامراجي سازشن جو هڪ حصو آهي.

## عالمي قوتن جا مفاد ۽ تضاد:

جيستائين سويت يونين هئي اوستائين دنيا جي طاقت جو توازن برقرار هو. مظلوم قومن ۾ طبقن جو سڀ کان وڏو سهارو سويت يونين هو، جيڪو سڌي اڻ سڌي طرح سان مظلوم قومن ۽ طبقن کي مدد ڏئي رهيو هو. 1991ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ طاقت جو مرڪز آمريڪا ئي بڻجي ويو ۽

باقي دنيا جي مختلف خطن ۾ هلندڙ سامراج مخالف تحريڪون ۽ بغاوتون مائار جون شڪار تي ويون. اهو ئي ڪارڻ هو جو سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ اشتراڪيت جي راهه تي گامزن چائنا پنهنجون پاليسيون تبديل ڪري سرمائيداري طرف جهڪاءُ پيدا ڪيو، جيڪو چائنا مائوزيتنگ ۽ چو .اين.لاءِ ٿاهڻ پئي گهريو اهو چائنا هڪ ماضيءُ جو خواب بڻجي ويو ۽ طاقت جي ڊوڙ ۾ سرمائيدارين سان وڃي ڪلهو هنيو. اڄ چائنا جا آمريڪا سان تضاد ته آهن پر اهي تضاد به دنيا جي خطن تي قبضا ڪرڻ ۽ معيشت جي بازار ۾ ڏاڪو ڄمائڻ لاءِ آهن. چائنا ٽريڊ وار (Trade War) ۾ ايترو ته اڳتي وڌي ويو آهي جو آمريڪا جي معيشت خود ڏيوالي جو شڪار بڻجي ويئي آهي. چائنا پنهنجي سستي شين جي اگهن جي ڪري خود آمريڪا جي منڊيءَ ۾ وڏو واپاري بڻجي ويو آهي. ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن (World Trade Organization) ۾ شامل وڏا مانگر مڇ، هڪ هٽيءَ جي ڊوڙ ۾ چائنا کان خوفزده آهن، جنهن ڪري يورپي يونين ۽ آمريڪا هڪ طرف ته ٻئي طرف چائنا منڊيءَ ۾ سيني کان ڳورو آهي.

هن خطي ۾ معيشت ۽ سياست تي چائنا جو اثر رسوخ آهي. ڇاڪاڻ ته هو خطي ۾ واپار جو مرڪز بڻجي ويو آهي، جنهن ڪري هي خطو تضاد جو به مرڪز بڻجي ويو آهي. ايشيا ٽائين واپار لاءِ چائنا کي بندرگاهه کپي، جنهن لاءِ پاڪستان جي ساحلي پٽي تي چائنا پنهنجو ڏاڪو قائم ڪرڻ گهري ٿو. پاڪستان جي 11–سئو ڪلوميٽر ساحلي پٽي تي ڪراچي اهم ۽ واحد مرڪز آهي، جنهن تي به آمريڪا جو زبردست ضابطو آهي. جنهن ڪري چائنا گوادر پورٽ ٺاهڻ گهريو پئي پر مستقبل جي خطرن سبب آمريڪا عموماً ۽ خصوصاً بلوچن جي دورانديشي ڪري گوادر پورٽ پايءِ تڪميل تي پهچي نه سگهيو. ان لاءِ ئي چائنا، شانزن شهر جي طرز تي ذوالفقار آباد اڏڻ چاهي ٿو. شانزن شهر جي آبادي پهريائين 4 هزار هئي جيڪا هاڻي هڪ ڪروڙ جي آباديءَ ۾ تبديل ٿي ويو آهي. جتي هاڻي چار وڏا پورٽ به ٺهي چڪا آهن. ان پسمنظر کي سامهون رکندي چائنا هتان جي ملٽري سرمائيدار قوتن سان ٺاهه جوڙ ڪري ذوالفقار آباد اڏڻ لاءِ مڪمل طور تي تياري ڪري ڇڏي آهي، جنهن لاءِ سِول حڪومتن کي مُهري طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي.

## ترقيءَ جو سراب:

چيو پيو وڃي ته ذوالفقار آباد رٿا مڪمل ٿيڻ سان سنڌ ۾ کير جون نديون وهنديون، ان شهر ۾ 22 هزار ڪارخانا قائم ڪيا ويندا، 2 هزار ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي ويندي. اسڪول، اسپتالون قائم ڪري سنڌ کي ترقي جي اعلىٰ منزلن تي پهچايو ويندو، ۽ جيڪا زمين سمنڊ ڳڙڪائي رهيو آهي ان کي به روڪيو ويندو. اهڙي قسم جي پروپيگنڊا لاءِ پ پ پ کي عمل جي ميدان ۾ لاٿو ويو آهي، جنهن جي اڳواڻي پ پ پ اڳواڻ تاج حيدر ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ پهرين مرحلي ۾ مهم هلائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ سول سوسائٽي جي ماڻهن سان ملاقات ڪري، انهن کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کان بعد ۾ 29–جون 2012ع تي تاج حيدر اسيمبلي ميمبرن کي گهرائي، اعتماد ۾ وٺڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ به ڏسجي ٿو ته 169 ميمبرن جي ايوان مان صرف 17– ميمبر ۽ باقي ميمبر شريڪ ئي نه ٿيا. جنهن ۾ به چيو پئي ويو ته اسان سنڌ جي خوشحالي چاهيون ٿا پر سنڌ جا قومپرست ترقي مخالف آهن ۽ هي ترقي نٿا چاهين. اهڙي قسم جا مختلف الزام هڻڻ پٺيان ڪهڙا سبب ۽ محرڪ آهن اچو ته انهن جو مختصر جائزو وٺون ته تاريخ جي رڪارڊ جي درستگي ٿي سگهي.

¨ پهريون الزام اهو هنيو پيو وڃي ته قومپرست ترقي مخالف آهن. جڏهن گوادر پورٽ جي اڏاوت شروع پئي ڪئي ويئي ته ان وقت بلوچستان تمام گهڻا خدشا ڏيکاريا ته اسان اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا سين ۽ سيني ڏٺو پئي ته گوادر پورٽ جي زمين جي وڪري جا اشتهار چائنا، آمريڪا، يورپي يونين ۽ عربن جي اخبار ۾ ڏڌا ڏڌ شايع ٿي رهيا هئا. ڏسندي ڏسندي زمين جو ملهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

بلوچن خطرو محسوس ڪيو ۽ ان عمل خلاف زبردست مزاحمت ڪئي ته مشرف سرڪار چوڻ لڳي ته ”بلوچ سردار بلوچستان جي ترقي نه ٿا چاهين اهي ترقيءَ جا وڏا دشمن آهن.“ پر جڏهن بلوچن مزاحمت جي ذريعي ان منصوبي کي وڌڻ نه ڏنو ته اڄ ساڳي منصوبي جي پايا تڪميل لاءِ سنڌ جي قومپرستن خلاف واويلا ڪئي پئي وڃي. سنڌ جا قومپرست جيڪڏهن ترقيءَ جا مخالف آهن ته پ.پ.پ سرڪار ٻڌائي ته ان سنڌ ۾ چار ڀيرا اقتدار ۾ رهڻ دوران ڪهڙا ترقيءَ جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن جو سنڌ جي تعليم، صحت، سماجي ترقي مڪمل طور تي تباهه حال ۾ آهي. سنڌ جا 49-هزار اسڪول مان 10-هزار اسڪول بند پيا آهن. باقي اسڪولن جي حالت ۾ ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. هڪ لک ويهه هزار ڳوٺن مان 18-هزار ڳوٺن کي صرف گئس ملي آهي. جڏهن ته پنجاب جا سمورا وڏا صنعتي شهر ۽ علائقا سنڌ جي گئس ٻاري رهيا آهن. سنڌو درياهه تي پنجاب جي بالادستي هئڻ خلاف پ.پ.پ سرڪار سنڌ کي ڇا وٺي ڏنو آهي جو ڀاشا ڊيم سميت ڊيمن لاءِ بجيٽ رکي پئي وڃي. اقتدار کان ٻاهر رهندي ٿل ڪئنال جو اڳواڻ قائم علي شاهه صاحب اڄ ٻڌائي ته ٿل ڪئنال تارو تار وهي پيو ان لاءِ انهن جو ڪردار ڇا آهي؟ سنڌ جا ڪربين روپين جا معدني ۽ قدرتي وسيلن جي ڀيل ۾ پ.پ.پ سرڪار ڇا پئي ڪيو آهي. هن وقت تائين!؟ سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي روزگار ۽ تعليم تي بندش خلاف ٻڙڪ ٻاهر نه ڪيندڙ ڌريون ڇون ٿيون ته قومپرست ترقيءَ جا مخالف آهن؟ ان جي معنيٰ ته عالمي قوتن ۽ ملٽري سرڪار جي وانگر وهڻ لاءِ قومپرستن خلاف پروپيگنڊا ڪري، هن سنڌ دشمن رٿا کي پايهءِ تڪميل تي پهچائڻ جي پ.پ.پ سرڪار ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي.

¨ تاج حيدر چواڻي ته سنڌي اقليت ۾ تبديل نه ٿيندا ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهو ٻار گهڻا پيدا ڪري رهيا آهن. مجيوسين ته سنڌي ماڻهو ٻار گهڻا پيدا ڪري رهيا آهن پر سنڌ ۾ جيڪا آبادي آهي اها سنڌي ماڻهن جي پيدا ڪيل ته نه آهي، اهي ته روز ريلن ۽ ڪوچن وسيلي هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۾ اچن ٿا، انهن کي روڪڻ بجاءِ پ.پ.پ سرڪار انهن جي لاءِ 1973ع جي آئين ۾دروازا کولي ڇڏيا آهن. جڏهن ته باقي ۾ ڌارين جي لاءِ ڪابه قانون سازي نه لڪت ۾ آهي نه عمل ۾. نتيجي طور تي سنڌي ماڻهو فلسطينن وانگر پنهنجي سرزمين تي وانڙائپ، ننڊٽڪائپ جي زندگي گذاري رهيو آهي. انهن لاءِ ڪو مستقل روزگار ۽ ترقيءَ جو ڪو رستو کولڻ بجاءِ پروپيگنڊا جي ذريعي ماڻهن جي ذهنن کي مسخ ڪرڻ ڪنهن گهري سازش جو حصو آهي. جنهن کان پليءَ پيت واقفيت رکون ٿا.

¨ ٿيون اهو چيو ٿو وڃي ته سمنڊ سنڌ جي زمين ڳڙڪائي رهيو آهي، ان کي روڪڻ لاءِ 230 ڪلوميٽر پيت Dyke اڏي ري ڪليم ڪئي ويندي. ديوار قائم ڪري، سنڌ کي تباهيءَ کان بچايو ويندو. ياد رکڻ ڪپي ته هن وقت تائين سمنڊ سنڌ جي 24 لک ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. روزانو 32-ايڪڙ زمين سمنڊ جي ور چڙهي رهي آهي. ان لاءِ ”اُٺ تڏهن تي رڙيا، جڏهن ٻوريا تي سبيا.“ وانگر سنڌي ماڻهن شروعات کان وٺي دانهون پئي ڪيون آهن ته سمنڊ ۾ پاڻي جو مقرر مقدار داخل ڪيو وڃي ۽ سنڌو دريا تي ڊيم ۽ ڪئنال نه اڏيا وڃن پر پنجاب جي بالادستي سبب ڊيم ۽ ڪئنال ۾ پاڻي ڇڏڻ، ۽ 1960ع ۾ پنجاب جا 3- دريا وڪرو ڪري هندستان کي ڏيڻ سبب سنڌو دريا سڪي نيٺ تي ويو آهي. ان لاءِ جڏهن ۾ سنڌي ماڻهن آواز بلند پئي ڪيو آهي تڏهن

انهن کي الزام تراشي ڪري چپ رهڻ جا سبق پئي ڏنا ويا آهن. هاڻي سرڪاري سطح تي اعتراف ڪرڻ ڪانپوءِ ان جو ازالو ڪرڻ بجاءِ اهو چوڻ ته ذوالفقار آباد ٺهڻ کان پوءِ اهو مسئلو حل ٿي ويندو. اهو سراسر سنڌي ماڻهن کي سراب ڏيکارڻ برابر آهي. چاڪاڻ ته ان سان 10-لک ايڪڙ زمين ري ڪليم ڪرڻ سان 300-ڪرب روپين جي ضرورت پيش ايندي. جڏهن ته سنڌ جي موجوده بجيٽ 5-ڪرب مشڪل سان آهي ته سنڌ جي 50- سالن جي بجيٽ به وڌ ۾ وڌ 300- ڪرب ٿيندي.

هن سڄي صورتحال ۾ عالمي ۽ علائقائي قوتن جي گڏيل مفادن سبب سنڌ ۾ ڊيموگرافيڪل تبديلي ۽ جاگرافيڪل ورهاڱي جا امڪان وڌيڪ واضح ۽ چِٽا ٿي سامهون آيا آهن. جنهن ڪان سنڌ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سمورن سنڌ دوست ڌرين کي گڏيل لائحہ عمل طئہ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

ڪارل مارڪس چواڻي ته، ”جڏهن ماڻهو اهڙن خيالن جي ڳالهه ڪن جيڪي سماج ۾ انقلاب آڻين تڏهن اهي پيو ڪجهه به نہ پر ان حقيقت جو اظهار ڪن ٿا ته پراڻي سماج اندر هڪ نئين سماج جا عنصر پيدا ٿي چڪا آهن. ان ڪري سنڌي سماج ۾ جيڪا خطري جي لهر پيدا ٿي آهي ان لهر ۾ سنڌي سماج کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ منظم انقلابي پارٽي ۽ منظم مزاحمت جي اهميت کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. ٻيو ذوالفقار آباد رٿا جي تڪميل لاءِ پ پ پ، پنهنجي اتحادين سان حصيدار آهي. ان ڪري اهي رٿا جي تڪميل لاءِ آخري حد تائين وڃي سگهن ٿا. ان سنڌ دشمن عمل خلاف عملي طور تي سنڌ جا قومپرست ئي ڪو بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ٻي صورت ۾ سنڌ جي وجود کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ کان بچائڻ جا ڪي ٻيا امڪان نظر نہ ٿا اچن.

# سماج جي ترقيءَ ۾ تعليم جو ڪردار

سماج ۾ جيتري قدر فرد جي تعلق جو سوال آهي ته فرد سماج لاءِ (Foundation Stone) جي حيثيت رکي ٿو. فرد گڏجي پنهنجي خاص مقصد لاءِ سماج کي جنم ڏين ٿا. سماج لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Socio مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ساٿي. فرد تنها زندگي جي سمورن ضرورتن کي پورو ڪري نه ٿو سگهي. انهن ضرورتن جي پورائي لاءِ فرد سماج کي جنم ڏنو. معنيٰ ته:

"A group of people who join together for particular purpose"

يا ايئن ڪٺي چئجي ته:

"A particular community of people who share the same customs Law"

گڏجي رهڻ پر ڪنهن خاص مقصد لاءِ پر جيڪڏهن انهن جي گڏجي رهڻ جو ڪو مقصد ڪونهي ته پوءِ اسان ان کي سماج نه پر ماڻهن جو مجموعو (Crowd) چونداسين. انسان جڏهن ڪائنات ۾ قدم رکي ۽ آسپاس جي ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان جي زندگيءَ جون ضرورتون وڌڻ لڳيون ته آهستي آهستي انسان هڪٻئي جي ويجهو اچڻ لڳو. گڏيل زندگي بسر ڪرڻ لڳو ته انسان جو گڏجي رهڻ لازمي امر ٿي ويو ته ان کي اسان سماج چئون ٿا.

اسان جنهن Community کي سماج چئون ٿا، ان سماج جي ترقيءَ ۾ جيترو تعليم جو حصو آهي اوترو شايد ٻئي ڪنهن شعبي جو مشڪل هجي. سڀ کان اول اهو به سمجهڻ گهرجي ته ترقي خود آهي ڇا؟ ترقي آهي "Work on progress" يعني جتي توهان بيٺا آهيو، ان کان ٻه قدم اڳتي وڌڻ، بهتر کان بهتر ترين ڏانهن وک وڌائڻ کي اسان ترقيءَ جو نالو ڏيون ٿا. ان ترقيءَ جا پير تعليم آهي. جيڪڏهن تعليم جي اهميت ۽ افاديت لنوائي ڇڏيون ته سماج جي ارتقا جي رفتار سست ٿي ويندي. ڇاڪاڻ ته تعليم انسان کي شعور ڏيئي ٿي، زندگي، فطرت ۽ سماج کي سمجهڻ لاءِ. پر اسان جڏهن لفظ ايجوڪيشن کي ڏسون ٿا ته ان جي معنيٰ بيهي ٿي ٻاهر ڪڍڻ (Draw out) يعني ٻارن جي اندر جيڪي خوبيون ۽ صلاحيتون موجود آهن انهن کي ٻاهر ڪڍي حقيقت جو جامو پهرائڻ، لڪل خوبين کي نروار ڪرڻ نه صرف اهي پر ٻار (فرد) کي زندگي گذارڻ جو ڍنگ ڏسڻ تعليم جو بنيادي مقصد بيهي ٿو.

Aristole چوائي ته :

"Education is the preparation of body and soul of life"

(تعليم جسم ۽ روح کي سنوت ۾ آڻڻ آهي) نه صرف اهو پر تعليم جو مقصد فرد جي ذهني، جسماني ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ آهي. تعليم جو ڪم محض معلومات فراهم ڪرڻ نه آهي پر مڪمل طور تي زندگي لاءِ زهن ۽ جسم جي افزائش ۽ فطرت جي اخلاقي تربيت ڪرڻ آهي. ڪنهن ڏاهي جي چوائي مطابق "تعليم جو مقصد رڳو ڄاڻ ڏيڻ نه پر سماج مان جهالت ختم ڪرڻ آهي."

جهالت ان ڪري موجود آهي جو تعليم موجود ڪونهي. ايئن ڪٿي چئجي ته اونده جو وجود روشني جي غير موجودگيءَ سبب آهي. تعليم ڏيئي مثل آهي. جتي به اونداهي ۾ انساني پؤ محسوس ڪري ٿو، اونده ڊپ جو سبب بڻجي ٿي، اتي تعليم انسان لاءِ آٿت جو ذريعو بڻجي اچي ٿي. اونداهي سماج ۾ هڪ تعليم اها آهي جيڪا انسان ٻين کان حاصل ڪري ٿو ۽ ٻي تعليم اها آهي جيڪا انسان خود پنهنجو پاڻ کي ڏيئي ٿو. ٻنهي حالتن ۾ انسان پاڻ کي پرسڪون ۽ ڪارگر محسوس ڪري ٿو.

اوائلي دؤر جي انسان جڏهن شعور جي اک کولي ته هن فطرت جي رازن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، اها ئي سوچ جي ارتقا جي سفر ۾ لاڀائتي ثابت ٿي، جنهن ۾ انسان پنهنجي جياپي کان سواءِ ٻين معاملن ۽ زندگي توڙي فطرت جي ڳجهه کي سمجهڻ لاءِ اڳتي آيو. ان دؤر کان اڄ جي جديد دؤر تائين انسان جي تعليم حاصل ڪرڻ جا مکيه ذريعا هي رهيا آهن:

i. مذهب ii. سائنس ۽ iii. فلسفو

انسان پنهنجي وس آهر نه صرف معاملن کي سمجهڻ شروع ڪيو پر ارتقا جي ڏاڪڻ تي به چڙهڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي انسان فطرت سان ويڙهه ڪندي پنهنجي زندگيءَ جي بقا واري ويڙهه ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪائنات جي ڳجهن ۾ هٿ وڌا. جيتوڻيڪ مذهب انسان جي خوف ۽ بي سمجهيءَ سبب وجود ۾ آيا پر وقتي طور تي انسان جي اندر ۾ پيدا ٿيل بيچينيءَ کي اطمينان ۾ رکڻ ۾ ڪامياب هٿيار طور تي استعمال ٿيو ۽ اڳتي هلي مذهب انسان جي ذهني پرورش ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ جڏهن ته سائنس انسان جي وهمن جي حقيقت کي سمجهڻ ۽ زندگيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ انساني زندگيءَ کي آرامده بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. فلسفي وري ڪائنات جي مسئلن جي سمجهاڻي صاف ۽ تز ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. فلسفي مبهم مسئلن جو منطقي انداز ۾ مطالعو ڪيو. سُٺَ جيان منجهيل سوالن حل ڪرڻ بجاءِ مذهب عقيدت جي دنيا ۾ ئي انسان کي ڦاسائي ڇڏيو. سائنس موجوده Matter تي غور ويچار ڪيو ۽ فلسفي سمورن شين جو گڏيل نموني شعور جي اک سان انسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سيکاريو. اهي ٽئي علم انسان جي لاءِ هر دؤر ۾ رهنما ثابت ٿيا آهن.

انهن ٽنهي علمن حاصل ڪرڻ جا ذريعا هڪ رسمي آهن ۽ ٻيا غير رسمي. رسمي تعليم اسان کنهن مخصوص ٿيل اداري ۽ طئه شده نصاب ذريعي حاصل ڪريون ٿا ۽ غير رسمي تعليم اسان مٿين لوازمات کان ٻاهران پرايون ٿا. غير رسمي تعليم جو ڏِگهو تاريخي پسمنظر آهي ۽ رسمي تعليم جو پسمنظر چند صديون پُٺتي ملي ٿو. اسان رڳو جيڪڏهن سنڌ تي نظر وجهنداسين ته سنڌ جا ڪيترائي عظيم ڏاها غير رسمي تعليم حاصل ڪرڻ باوجود به علم و ادب جي افق تي اڄ تائين جڳ مڳائيندا رهن ٿا. انهن ۾ شاهه لطيف، شاهه عنايت شهيد، جي ايم سيد، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي سميت ڪيترائي ڏاها انساني تاريخ جا روح روان آهن، جيڪي محدود وسيلن هوندي به سماج جي اڏاوت ۾ مثالي ڪردار ادا ڪري ويا. پر اڄ وقت جي نزاڪت کي سامهون رکندي رسمي تعليم ئي جديد دنيا پنهنجي مستقبل جي جوڙجڪ ڪري ٿي.

چيني قول آهي ته "هڪ سال جي منصوبابنديءَ لاءِ اناج پوکيو، ڏهن سالن جي منصوبابندي سان باغ لڳايو ۽ سؤ سالن جي منصوبابندي لاءِ پنهنجا ايندڙ نسل پڙهايو." اهو ئي سبب آهي جو چيني قوم پنهنجي اڏاوت صدين جي تعليمي منصوبابندي تي عمل ڪري سڄي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اها قوم

جيڪا 1949ع جي انقلاب کان اڳ آفيم ۽ ويهي نه سگهڻ سبب سمهي استعمال ڪندي هئي. اڄ اهي دنيا جي سموري اقتصاديات تي ڏاڪو ڄمايون ويٺا آهن. اڄ چين ۾ 86 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو تعليم يافته آهن ۽ دنيا ۾ گهٽي کان گهٽا اقتصاديات جا ماهر چين جا آهن. چين پرائمري تعليم کي بنيادي حيثيت سمجهي، دنيا ۾ گهٽي کان گهٽا پرائمري اسڪول قائم ڪري، پنهنجي قسمت کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

ٻي مهاڀاري (1939–1945ع) جنگ ۾ جنهن قوم جو حد کان وڌيڪ نقصان ٿيو اها جپاني قوم هئي. جنهن جا اهم شهر هيرو شيما ۽ ناگاساڪي اک ڇنب ۾ سڙي خاڪ ٿي ويا. جپان مڪمل طور تي تباهيءَ جي ڪناري تي پهتو پر جپاني پنهنجي ٿيل نقصان تي ماتم ڪرڻ بجاءِ، حوصلو هاري ويهڻ کان پنهنجي ملڪ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ جنبي ويا. دنيا جڏهن جپانين ڏانهن امداد موڪلي رهي هئي ته انهن دنيا کي چيو ته "اسان کي خيرات تي نه هيرايو، جيڪڏهن توهان جي اسان سان واقعي ۾ همدردي آهي ته اسان کي سٺا استاد ڏيو، جيڪي اسان جي ايندڙ نسلن کي پڙهائين." هنن صحت ۽ تعليم جي شعبن کي سڌاريو ۽ ڏسندي ڏسندي هو پنهنجي پيرن تي بيهي ويا. ڇاڪاڻ ته هنن کي خبر هئي ته تعليم کان سواءِ ڪنهن به قوم جي خوشحاليءَ جو تصور ئي نه ٿو ڪري سگهجي. اڄ جپان دنيا جي خوشحال ملڪن ۾ صفِ اول تي آهي.

1980ع ۾ ملائيشيا ۾ مهاتير محمد جي اچڻ ڪانپوءِ ملائيشيا پنهنجي خوشحاليءَ جو راز تعليم ۾ پروڙي تعليمي ادارن ۾ سڌارا پيدا ڪيا. جيستائين تعليم بهتر نه هوندي ته واپار، صنعت، ڪلچر، سياست، ادب، سماج ۽ زندگيءَ جي مڙني شعبن ۾ ترقي محال نظر اچي ٿي ۽ اڄ ملائيشيا پنهنجي محدود وسيلن هوندي به پاڻ پرو ٿي گلوبلائيزيشن ۾ داخل ٿي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي.

ڪراچي جي علائقن لالو کيت ۽ ناظم آباد جيتري ملڪ سنگاپور جي بجيٽ پاڪستان جي بجيٽ جي برابر آهي. ان جو بنيادي سبب به تعليم جي شعبي ۾ سنگاپور جو پاڻيرو هئڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنگاپور ۾ 92 سيڪڙو تعليمي شرح آهي. سائوٿ ڪوريا تعليم جي شعبي ۾ 1950ع ۾ پرائمري تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ نجي ادارا قائم ڪيا. 1970ع جي ڏهاڪي ۾ انجنيئرنگ تي صلاحيتون استعمال ڪيون. 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ تحقيق تي پنهنجي ملڪي توانايون استعمال ڪري پاڻ کي ترقي يافته ملڪن جي صف ۾ بيهاريو آهي.

پر اسان جيڪڏهن پاڪستان جي حالتن جو غور ڪنداسين ته اسان کي تعليمي ڏس ۾ خاص ڪري مايوسي پلئه پوندي. هن وقت پاڪستان جي تعليمي شرح 36 سيڪڙو کان به گهٽ بيٺي آهي. ڇاڪاڻ ته ملڪ ٺهڻ کان وٺي هن وقت تائين تعليم تي ڌيان ڏيڻ فضول پئي سمجهيو ويو آهي. قومن جي عالمي اداري (U.N.O) جي چارٽر مطابق تعليم تي ملڪي بجيٽ جو 4.5 سيڪڙو خرچ ڪرڻ لازمي آهي. پر اسان وٽ ان جي ابتڙ 2.4 سيڪڙو خرچ ڪيو پيو وڃي. جنهن سبب پاڪستان دنيا جي 206 ملڪن مان انهن 20 بدنصيب ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جي تعليمي شرح گهٽ کان گهٽ آهي. تعليم ۽ صحت تي خرچ ڪرڻ بجاءِ بچاءِ جي شعبي تي 73 سيڪڙو خرچ ڪرڻ سبب پاڪستان جا 8 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان به هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن ۽ 18 سالن کان گهٽ عمرجا ڏيڍ ڪروڙ ٻار

تعليم ۽ صحت جي سهولتن کان محروم آهن. وڏي ڳالهه ته غربت جي شرح 20 سيڪڙو کان وڌيڪ 46 سيڪڙو تي پهچي چڪي آهي. انهيءَ غربت سبب پنجن کان نَون سالن جي عمر جا 80 لکن کان وڌيڪ ٻارَ اسڪول وڃي نٿا سگهن. ملڪ کي جيڪڏهن تعليم کان اڃان به محروم رکيو ويو ته عين ممڪن آهي ته اسان اڃان وڌيڪ تباهيءَ جو شڪار ٿيون. تعليم کي جيڪڏهن اسان ترجيحات ۾ نه رکيو ته دنيا جي موجوده چئلينجن کي خاص طور تي گلوبلائيزيشن جي راڪاس کي اسان توهان منهن ڏئي سگهون، اهو مشڪل نه پر ناممڪن نظر اچي ٿو.

# سنڌو درياءَ تاريخ جي آئيني ۾

## سنڌو تي نالو ۽ ان جي معنيٰ:

جيالاجي جي ٽئين زماني ۾ Tertiary age ۾ سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو وڏو حصو ٿيٽيا نالي سمنڊ هو. هڪ اهڙو دور آيو جو هماليه جبل ۾ اهڙا خطرناڪ زلزلا ٿيا جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي ڏيهان ڏور ٿي ويو. وقت بوقت تيز طوفان لڳڻ سبب واري پکڙجندي رهي. مينهن سبب واري وهندي رهي، زمين جا حصا وڌا ٿيندا رهيا. پاڻي نهڻ سبب جيڪو زمين جو وڏو حصو مٿي ابري آيو، اهو ”سنڌ“ جي نالي سان اڳي هلي تاريخ ۾ رقم ٿيو. زميني ۽ ساموندي تبديلين سبب سنڌ جو وجود ۾ اچڻ تاريخ جو وڏو اتفاق هو. سنڌ نالو سنڌو درياءَ جي ڪري پيو آهي. سنڌو ندي رواجي ندين کان تمام گهڻو وڏي هوندي هئي. سمنڊ جيان ڏيک پيئي ڏيندي هئي. سنسڪرت ۾ سنڌو جي معنيٰ ”وڏو سمنڊ“ آهي. سنڌو لفظ اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو شبد آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وهڻ. انهيءَ پسمنظر ۾ سنڌوءَ جي بنيادي معنيٰ آهي اها ندي جيڪا سدائين وهندي رهي. سڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس هتي آيا انهن بہ هن ماڻريءَ ۾ رهندڙن کي سنڌو (هندو) اُچار ڦيرائي انڊس (Indus) ڪيائون انڊيو، انڊوئي (Indoi) ۽ ندي کي سڏيائون انڊس (Indus) ۽ پوءِ سڏيائون انڊوڪوس ۽ بعد ۾ لاطيني ٻولي ڳالهائيندڙن انڊوس جو اچار ڦيرائي ڪيو ”انڊس“ ۽ هندستان کي ”انڊيا“ سڏيائون.

## سنڌوءَ جا مختلف نالا:

تبيٽ ۾ هي ندي سنگي ڪباب يعني شينهن ندي جي نالي سان مشهور آهي. پاڪستان ۾ مهراڻ ۽ سنڌو ندي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پارسين جي زند اوستا ۽ ٻين ڌرمي پستڪن ۾ سنڌوءَ لاءِ ”وهہ“ لفظ جو هاڻوڪو پارسي اچار ”ٻهہ“ معنيٰ چڱو ڪتب آندل آهي. قديم ايراني لوڪ ”مهراڻ“ ”مهرا“ اچاريندا آهن. چاڪاڻ تہ ايراني لوڪ ”ڻ“ جو لفظ اچاريندا ئي ڪونہ آهن. قراقرم ۽ هماليه جي وچ واري حصي کي جتي وهڪرو سوڙهو ۽ اونهو هوندو آهي. اتي پورو درياءَ سڏيو ويندو آهي. جبل مان نڪرڻ کان پهرين هن سان ڪيترائي وهڪرا اچي ملندا آهن. تنهن ڪري اتان جا ماڻهو هن کي ”اباين“ يعني ندين جو پيءُ ڪوٺيندا آهن. چوڙ وارا ماڻهو هن کي مٺي پاڻي جو سمنڊ سڏيندا آهن.

## سنڌو جي شروعات ۽ پڄاڻي:

سنڌو ندي جي شروعات متعلق مختلف ماهرن جا مختلف رايا آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌو دريا مانسرور ڍنڍ مان نڪري ڪشمير مان وهندو سنڌ جي ڏکڻ ڪناري ٽائين 1700 ميل سفر ڪري سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. حقيقت ۾ سنڌو ندي جي شروعات مانسرور ڍنڍ کان ٽيهہ ميل پري سنگي ڪباب جي برفاني ڏارا مان ٿئي ٿي. مانسرور ڍنڍ نيپال جي اولهہ واري ڪنڊ جي اتر ۾ تبت جي سرحدن ۾ آهي، اهو علائقو تبت جو ڏکڻ آهي. اتي ڪئلاش پربت واقع آهي. جنهن جي اوچائي 6714 ميٽر يا 22028 فٽ آهي. ڪئلاش جبل جو رنگ گهرو واڱڻائي آهي، پر اهو ڪارو ڏسجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ان کي ڪئلاش يا ڪالاش سڏين ٿا. ڪئلاش جبل جي 15000 فوٽ اوچي ماڻري ۾ ٻہ وڏيون ڍنڍون آهن هڪ مانسرور ۽ ٻي راڪاس تال. سنگي ڪباب تبيٽ ۾ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ”شينهن جو منهن“ جنهنڪري اهو وڌيڪ ٻڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو ندي تبيٽ کان پنهنجو سفر شروع ڪري ٿي. تبيٽ مان آبي ذريعي مان پاڻي ڪٺي ٿي ٻہ سئو ميل هڪ ويڪري ۽ پٿريلي ماڻري مان ڏاٽي واري شڪل ۾ پارت ۾ لداخ وٽ پهاڙن کي چيري پنج سئو ميل وهڪرو ڪري پاڪستان جي سرحدن ۾ داخل ٿي پنجاب کي سرسبز ڪندي ڪشمور کان سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿي.

پاڪستان ۾ سنڌو جي ڊيگهه هڪ هزار پنجاهه ميل آهي. هلندي هلندي عرب ساگر(سنڌي سمنڊ) کي پنهنجو پاڻ ارپي ٿي.

### سنڌو ۾ چوڙ ڪندڙ دريا واهه ۽چشما:

سنڌو ٿبيٽ کان ڏکڻ لهنوارو ٿي سمنڊ ڏانهن وهندو آهي، ٿبيٽ کان تما واهه جي شڪل ۾ هوندو آهي. پر هلندي هلندي ڪيترائي چشما، نديون واهه ۽ مينهن جو پاڻي درياهه ۾ ملي سنڌو جي چاڻي کي ويڪرو ۽ وسيع ڪن ٿا. ايرندي ڪناري کان چناب، راوي، بياس، ستلج ۽ جهلم درياهه سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪن ٿا. قديم دور ۾ گهگهر، جنهن کي هاڪڙو ۽ اچڪلهه نقشن ۾ ان کي سرسوتي درياهه، جنهن کي وهند ۽ واهڙ به چيو وڃي ٿو، سو به سنڌو ۾ چوڙ ڪندو هو. هي درياهه هند ۽ سنڌ جي سرحد سمجهيو ويندو هو. جيڪو اڳتي هلي واريءَ ۾ زميني تبديلين سبب گم ٿي ويو. سنڌ جي اتر اولهه طرف کان وري ڪابل درياهه اٽڪ ۽ زوب (زاب) درياهه ديري اسماعيل خان وٽ سنڌوءَ ۾ اچي ڪرندا آهن.

### سنڌو جي پاڻيءَ جو مقدار:

سنڌو طاس جي سيني درياهن جو گڏيل پاڻي 170 ملين ايڪڙ آهي، پاڪستان سرڪار پاران 1960ع ۾ سنڌو طاس معاهدو ڪري بياس، ستلج ۽ راوي جو 33 ملين ايم اي ايف ايڪڙ فوٽ هندستان کي وڪرو ڪري ڏنو ويو، جنهن سبب هاڻ سنڌو ۾ ڪل پاڻي 137 ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

### سنڌو ۾ پاڻيءَ جو چاڙهه ۽ لاٿ:

سنڌو ۾ چاڙهه مارچ کان آهستي آهستي شروع ٿيندو آهي، سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ لهڻ لڳندو آهي. آگسٽ ۾ چاڙهه چوٽ تي هوندو آهي. هر طرح پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو آهي. سنڌو سمنڊ جيان ڏيک پيو ڏيندو آهي. پاڻيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار فيبروري ۾ ٿيندو آهي، سمورو سيارو سنڌوءَ ۾ پاڻي تري ۾ نظر ايندو آهي. سانوڻ ۾ چؤماسي جي برساتن ۽ گليشرن جي ڳرڻ سبب سنڌو پنهنجي مستيءَ ۾ اچي ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌو هُن مند ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي سيني درياهن کان وڏو نظر ايندو آهي.

### سنڌو جا جاگرافيائي رخ:

جاگرافي توڙي جيالاجي جي ڏس ۾ سنڌ کي اوپر سنڌ ۽ اولهه سنڌ ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اوپر سنڌ سنڌو درياهه جي اوپر ورو حصو ۽ اولهه سنڌ وارو پاڳو سنڌو درياهه جي الهندي پاسي وارو علائقو آهي. جنهن جو کيرٿر جي اتاهين چوٽين جي حصي ۾ اچي ٿو ۽ ڪڇهه حصي تي ندي وهي ٿي. هن نديءَ جا وري ٽي جاگرافي رخ آهن پهريون جابلو جيڪو ڪالاباغ تي ختم ٿئي ٿو، ٻيو ميداني ۽ ريگستاني جيڪو ٺٽي جي لڪ پڪ ختم ٿئي ٿو، ٽيون ٺٽي، بدين ۽ ڪراچي ساموبڊ کان ڪارين تي پڊل ڪارين وارو علائقو آهي. سمنڊ کان سٺ ميل پري ۽ ٺٽي کان پنج ميل هيٺ سنڌو ٻن شاخن ساڄي طرف بگهاڙ ۽ کاٻي طرف ساتا (Sata) ۾ ورهائجي ٿو. ساتا جي موکر هڪ هزار ڪن ٿيندي سمنڊ ۾ چوڙ مهل ستن شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. بگهياڙ ٻن واهڙن پٽي ۽ پيٽاٽي ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

### سنڌوءَ جي پوڄا:

سنڌو جتي انساني زندگي جي جياپي جو ڪارڻ آهي، اتي روحانيت جو سبب به ثابت ٿيو آهي، چاڪاڻ ته

ماڻهو سنڌو درياهه کي ان داتا سمجهن ٿا. جيڪڏهن سنڌوءَ جو پيٽ سڪي وڃي ته هوندي لکين بلڪ ڪروڙين انسانن جو جياپو کسجي وڃي. رگ ويدن ۾ به سنڌو کي ديوتا ڪري پوڄڻ جا آثار واضح نظر ۾ اچن ٿا. هندو ته نريلن، گنگا ۽ ڪرشنا جيان سنڌوءَ جي پوڄا ڪندا آهن. مسلمانن ۾ خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪرڻ گناهه ڪبيره مثل آهي، پر تنهن باوجود به مسلمان سارين جي ٻيجي سان پريل ڏيڻ ٻڌي سنڌوءَ کي ارپيندا آهن ته جيئن سنڌو موج ۾ اچي ۽ سڪار پيدا ٿئي. مهاڻا سنڌو کي سلامي ڏيڻ لاءِ پنهنجي ٻتيلي ۾ سنڌوءَ جو پاڻي هاري رسم ادا ڪندا آهن. عورتون پنهنجي ورن جي واپسيءَ لاءِ ڏيئا موهڻ ۽ جر کي جاٽون ڏيئي اچڻ جا سانگ سجائيندڀون آهن، جنهن جو عڪس ڀٽائي جي هنن سِٽن ۾ پَسي سگهجي ٿو:

جا جَرَ جاٽون نه ڏئي، ڏيا نه موهي،
سڏون ڪوهه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون،

*

اُپيون تڙ پوڄين، وَهُون وڻجارن جون،
جر تر ڏيا ڏي، وڻن ٽڻ ٻڌي وائيون،
جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ پوڄارا پوڄئا.

## سنڌو سبب سنڌ جي تباهي ۽ سنڌ تي حملا:

سنڌو جتي سنڌ جي تهذيب ۽ ترقيءَ جو رکوالو ثابت ٿيو آهي، اتي سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ به بڻيو آهي. موهن جي دڙي کان وٺي سنڌ جون سموريون تهذيبون سنڌوءَ جو رخ تبديل ٿيڻ سبب پنهنجو شاندار وجود وڃائي ويٺيون آهن. آرين جي حملي کانپوءِ اٽڪل هڪ هزار سال کن پوءِ ايران جي حڪمران سائرس اوپرندي ڏانهن پنهنجي حڪومت وڌائي اچي هندوڪش سان دنگ ڪيو هو. سنڌو ماٿريءَ جي وچ واري حصي کان فتح ڪري پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو آهي. ايشيا جي وحشي ماڻهن اوپر ڏانهن وڌي سنڌو پار اڪري ۽ ان جي ڀنهي ڪنڌئين تي وسندڙن کي ڦريون لٽيو ۽ هزارين ماڻهن جا ڪنڌ ڪپيا، هندو راجائن به هن درياهه جي ڪنار سان شڪار ڪيا. ٻڌ ڀڪشوئن ۽ گروئن هن جي ڪنڌين تي مٺ، مڙهيون ۽ اسٽوپا اڏيا. مقدونيا جي سڪندر به پنهنجي گهل سان سنڌو پار ڪيو هو. عرب به سنڌو ماٿريءَ تي ڌوڪي آيا. عوام کي لٽيو ڦريو. افغانستان جي جابلو قبائيلن به سنڌو جي ڪنڌين ۽ ڪنارن کي تباهه ڪيو. مغل حڪمرانن دهلي ڏانهن وڌندي درياهه پار ڪيو. انگريزن پر ائٽلانٽڪ جي ٻيٽن تان هلي اچي سنڌو تائين پهتا ۽ پوري صدي عوام کي ڦريو ۽ ورهاڱي وقت به ڪٽلن جو رت سنڌوءَ ۾ شامل ٿيو. انهن سيني ڳالهين هوندي به سنڌو جي سونهن، تاريخ، تهذيب ۽ جياپو هن دريا سان وابسته آهي ۽ خود سنڌي قوم جو وجود به هن سان لاڳاپيل آهي، تنهن ڪري سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ سان هن تاريخي درياهه جو وجود خطري ۾ آهي. هن درياهه جي تباهه ٿيڻ سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جو وجود داءَ تي لڳل آهي، جنهنڪري درياءَ جو وجود بچائڻ هن وقت جو سڀ کان وڏو مسئلو ۽ سوال آهي جنهن لاءِ انتهائي سنجيدگي سان مستقبل کي نظر ۾ رکندي فيصلي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

# سنڌو ماٿر تهذيب جو عظيم اهڃاڻ
# ” موهين جو دڙو “

بنيادي طور تي انسان وٽ اڪيلائي واري زندگي ترڪ ڪري اجتماعي زندگي بسر ڪرڻ پٺيان ٽي مقصد هئا. هڪ فطرت ۽ جانورن کان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ، ٻيو هم جنس وارن سان جماعت ۾ رهڻ ۽ ٽيون انساني نسل جي بقا لاءِ پار جي پيدائش ۽ پرورش ڪرڻ. انهن ٽنهي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي سماج اڏڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اها ضرورت ئي هئي جو انسان هڪٻئي جي ويجهو آيو. تهذيب توڙي تمدن جو هن ڪره ارض تي بنياد وڌو ۽ انسان هڪ تهذيب يافته زندگيءَ جو آغاز ڪيو. هونئن به جيڪڏهن اسان تمدن لفظ کي ڏسنداسين ته اهو عربي ٻوليءَ جو لفظ ”مدينة“ ۽ ”مدن“ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي شهر. تمدن جي معنيٰ آهي پاڻ کي شهري بنائڻ يا شهري زندگي گذارڻ. ان کي سنسڪرت ۾ ”سڀيتا“ يعني جماعتي زندگي چيو ويو آهي. جيڪڏهن انسان شهري زندگي گذاري ٿو ته، تهذيب جا بنياد پون ٿا. تهذيب لاءِ علامه آءِ آءِ قاضيءَ وضاحت ڪندي چيو آهي ته، ”تهذيب لفظ ”هذب“ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”سنوارڻ“. تهذيب جي معنيٰ آهي شائستگي.“ جنهن لاءِ هيٺين ڳالهين جو هئڻ لازمي امر آهي.

1. گفتگو جو انداز
2. علم
3. هنر ۽ فن جي تربيت
4. اصول ۽ نظريا.

تهذيب انساني سماج جو معراج هوندي آهي. جتي انسان زندگي گذارڻ جا سڀئي هنر ڄاڻندو ۽ سکندو آهي، جتي انساني زندگي سڦلتا ڏانهن سفر ڪندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو برٽرينڊ رسل تهذيب جي تشريح ڪندي چيو آهي ته، ”تهذيب مان مراد آهي، سائنس جو غلبو ۽ ترقي.“ جنهن جي وسيلي ماڻهو پنهنجي زندگي آرام ۽ خوشيءَ سان گذاري سگهي. تهذيب يافته سماج ۾ انسان جي ترقيءَ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي. پر جڏهن اها تهذيب افراتفريءَ جو شڪار ٿيندي آهي ته، اها پنهنجي موت پاڻ مري ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته تهذيب آزاديءَ ۾ سفر ڪري وڌندي ۽ ضابطن توڙي ترتيب ۾ جوان ٿيندي آهي. پر جڏهن سماج انتشار جو شڪر ٿيندو آهي ته تهذيب جو موت فطري هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته منتشر سماج ۾ تهذيب جي ارتقا سست ٿي ويندي آهي ۽ تهذيب جي زوال جو آغاز ٿي ويندو آهي. انساني تاريخ جي سڄي سفر ۾ ٽي وڏيون تهذيبون ڳڻيون وڃن ٿيون.

1. مصري تهذيب
2. سميري تهذيب
3. سنڌو ماٿر جي تهذيب

ٽنهي وڏين تهذيبن جي حوالي سان الڳ بحث ڪرڻ بجاءِ اسان صرف سنڌو ماٿر جي تهذيب تي بحث ڪنداسين ته آخرڪار هيڏي وڏي دنيا جي تهذيب تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪيئن پهتي؟ پر ان کان به وڏو الميو اهو آهي ته، اسان هن تهذيب جي اڄان نالي جو تعين به نه ڪري سگهيا آهيون.

**دڙي جـو نـالـو:** سرڪاري ڪاتي وارا سمجهن ٿا ته موئن جو دڙو (Mound of Dead) نالو ئي درست آهي، هو چون ٿا ته ”مئن جو دڙو“ غلطي کان ”مئن“ بدران ”موهن“ لکيو ويو آهي، ان جو صحيح اچار

مهين جو دڙو ۽ ڪي مُهن جو دڙو چون ٿا. پر ٻنهي جي معنيٰ آهي، مات ٿيلن جو دڙو. ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته سنڌي ۾ ماهو معنيٰ ”خون يا ڪوس“ ڪٽي لٽ لڳي ۽ ماڻهو مري پئي ته چوندا آهن، ماهو ٿيو. ماهو جو ڌاتو سنسڪرت لفظ مش معنيٰ ڪهڻ يا ناس ڪرڻ آهي. پراڪرت ۾ ان جو اُچار ”مهہ“ ۽ سنڌي ۾ ”مهو - ماهو“. ان جو واحد ٿيندو ”مهي- ماهي“ جمع ٿيندو ”مهن، ماهن پر مهين“ بہ چيو وڃي ٿو. انهيءَ پسمنظر ۾ ڏسبو ته مهن جو دڙو معنيٰ مات يا خون ٿيلن جو دڙو (Mound of the Killed) پر هتي هن انومان کي ان ڪري بہ درست نہ ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته هن شهر جي ٿيل ڏهہ سيڪڙو کوٽائيءَ مان لاشن جو تعداد آڱرين تي ڳڻن جيترو مس وڃي بيهندو.

سراج چواڻي ته دڙي مان لڌل ٽي چار مهرون اهڙيون آهن جن جي پڙهڻي ”ڪوٽ مون“، ”ڪوٽ غل مون“ ۽ ”ڪوٽ مهن“ لفظ لڳن ٿا. هن جي خيال مطابق دڙي جي پوئين دؤر ۾ يا ٻئي يا ٽئين تهہ واري ڪنهن شهر کي تل مهن، يا تل مون سڏيندا هئا. جنهن کي سميرين ۾ دل مون (دلمون) سڏيو ٿو وڃي. ڪن تاريخدانن اهو بہ ٻڌايو آهي ته، جڏهن آريا سنڌ ۾ اول آهي ته انهن سامونڊي ڪناري سان سفر ڪندي سنڌو دريا جي چوڙ کان داخل ٿي، سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آباد ٿيڻ شروع ڪيو ۽ جنهن جاءِ تي آرين اول رهائش اختيار ڪئي، ان جاءِ کي Mohan Jo Daro نالو ڏنو ويو هو. موهن آرين قبيلي جي سربراهہ جو نالو سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته دڙي (Daro) جو مطلب پتڻ (Port) آهي. جنهن کي سنڌي ۾ موهن جو پتڻ چئجي ٿو. اهو قبيلو ڪنهن طرح سان ان نالي سان اسان وٽ مروج نظر اچي ٿو، جنهن ڪري ان کي مهين جو دڙو سڏڻ بهتر سمجهيو وڃي ٿو. سر ٻئنرجي ان نالي کي انگريزيءَ ۾ (Mohain) يا (Mohen_Jo_Daro) لکيو هو. ڇاڪاڻ ته انگريزن جڏهن کوٽائي ڪرڻ يا ان کان اڳ جڏهن عام ماڻهن کان دڙي جي باري ۾ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن عام لوڪ انهن کي مهين معنيٰ سامهون (Infront) جو دڙو (Mound) ٻڌائيندا هئا. اڄ بہ توهان ڪنهن عام ماڻهو کان پڇندا ته اهي، ان کي ان مهين جو دڙو ڪري سڏيندا آهن ۽ عام ماڻهو جڏهن دڙي تي گهمڻ ويندا آهن، ته اهي چوندا آهن ته، اسان مهين تي پيا وڃون. اهوئي ڪارڻ آهي جو، دنيا جا مڙيو ئي آرڪيالاجيءَ جا ماهر ان کي مهين جو دڙو ڪري لکن ٿا. ڇاڪاڻ ته جيستائين دڙي جي نالي جي حقيقت پڌري نہ ٿي ٿئي، تيستائين لوڪ ڏاهپ (Folk Wisdom) کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. باقي هن کي مئلن جو دڙو سڏڻ تاريخ سان هٿ چراند آهي. ڇاڪاڻ ته هتي لاشن جو انگ ايترو مليو ئي ڪين آهي ته ان لفظ کي بگاڙي پيش ڪرڻ درست عمل نہ ٿو چئي سگهجي. هونئن بہ ڏسجي ته جيڪي بہ قديم دڙا آهن اهي سڀ مئلن جا دڙا آهن جيئرن جا دڙا ٿيندا ئي ناهن ته رڳو هن کي مئلن جو دڙو چوڻ غير عقلي، غير سائنسي ڳالهہ آهي.

## مُهين کي آباد ڪندڙ:

هتان جا اصل رهاڪو ڪولرين يعني ڪولهي، مهاڻا ۽ گهٽ ذات وارا هئا. پر سائنسي بنيادن تي چون ٿا ته مهين جي دڙي جي هن عظيم شهر جي رٿابندي ڪندڙ دراوڙ هئا، جن دکن مان نڪري سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ ڪلدانيا تائين بيٺڪون قائم ڪيون. دڙي مان لڌل ڍانچن جي مشابهت سمنڊ جي اوير ڪنارن تي رهڻ وارن قديم ماڻهن سان ملي ٿي پر حقيقت ۾ دراوڙ اصل هتان جا ئي سنڌي هئا. سنڌي هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ آباد هئا. ممڪن آهي ته اهي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا هجن. ڇاڪاڻ ته هي اقتصادي طور تي شاهوڪار هئا. ان ڪري ڏور ڏيساورن سان واپاري ناتا ۽ شين جي مٽاسٽا جو بندوبست بہ ڪري سگهندا هئا. سنڌو ماٿر جا رهواسي صاف سٿرا،

شاهوڪار، فلاحي ۽ منظم سماج جا مالڪ هئا. ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته هن شهر جي اڏاوت آرين ڪئي آهي. جيڪا ڳالهه درست نه ٿي چئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته آريا بنيادي طور تي ڳوٺاڻا ماڻهو هئا. جڏهن ته دڙي جا ماڻهو شهري ۽ تهذيب يافته هئا. انهن باقاعده رٿابندي ڪري شهر جي اڏاوت ڪئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن شهر جي اڏاوت ڪندڙ دراوڙ ئي آهن.

## فصل، پوکون ۽ جانور:

هتان جا ماڻهو ڪيترين ئي پوکون به ڪندا هئا. جنهن ڪري هن تهذيب يافته ماڻهن کي شهري زندگيءَ سان گڏوگڏ زرعي حوالي سان به ماهر سمجهيو وڃي ٿو. ربيع جي فصل جا ته آثار واضع نظر اچن ٿا. پوک اڪثر ڪري سيلابن تي ڪندا هئا. دڙي جي کوٽائي مان ڪڻڪ ۽ جَوَن جا داڻا به مليا آهن. جيڪي ربيع جا فصل آهن، خريف جي فصل ۾ ڪپهه جو فصل سڀ کان اهم ۽ دلچسپ آهي. ڪپهه ۽ ڪپهه مان ٺهيل سوٽي ڪپڙي کي سوميري سنڌو، يوناني سينڊان ۽ مصري سندال ڪري سڏيندا هئا. دڙي جي کوٽائيءَ مان سوٽي ڪپڙي جا ٽڪرا به مليا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جا ماڻهو ڪپهه جهجهي انداز ۾ ڪندا هئا. هي علائقو گرم رهيو آهي. جنهن سبب دڙي جي هر گهر ۾ کوهه ملي ٿو. مرڪزي تلاءَ ڍنڍون ڍورا به جهجهي انگ ۾ ملن ٿا. هتي پوکيءَ لاءِ جن اوزارن جا نشان مليا آهن، انهن مان ڏاٽو ۽ هَرُ اهم آهن. ڪوڏر ۽ ڪوڏڻ جي رنبي جهڙا اوزار به مليا آهن. هر ڪاهيندڙ ڍڳي جون تصويرون به مليون آهن. جڏهن ته مينهون، گينڊا، چيتا، شينهن، ڦاڙها ۽ هاٿي وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. ٻلهڻ، ٻلهڻيون (Dolphins) ۽ واڳون درياءَ ۾ عام جام هوندا هئا. درياهن ۽ ڍنڍين ڍورن ۾ مڇي عام هئي. جنهن ڪري هتان جا رهواسي مڇي کائو (Fish Eater) به سڏيا ويندا آهن.

## مذهب:

مذهب جي ڏس ۾ دڙي جي کوٽائي مان ڪنهن به حصي ۾ اڃ تائين ڪوئي مندر، نه ڪوئي عبادتگاهه ۽ نه وري ڪو اهڙو دستاويز مليو آهي، جنهن جي بنياد تي اهو پڪ سان چئي سگهجي ته، اتان جي ماڻهن جو مذهبي عقيدو ڪهڙو هو؟ باقي اتان لڌل مجسمن، مهرن، پٿرن ۽ نقشن جي آڌار تي قياس آرايون ڪيون ويون آهن. ڪيترن ئي ديوين جا بت توڙي ماتا ديوي جا بت لڌا ويا آهن، جن کي ڌرتي ماتا يا ماتا ديوي جا بت سڏيو وڃي ٿو. هن خطي ۾ ماتا جو تصور (Matri Archal) اوائلي زماني کان ملي ٿو. هو سمجهندا هئا ته ڌرتي اسان جي جياپي ۽ بقا لاءِ مهربان ماءُ وانگر ان ۽ جل ڏئي ٿي. هن وقت هندو ان ديويءَ کي امبا درگا ۽ ٻين نالن سان سڏين ٿا.

دنيا جي ملڪن ۾ اڃ تائين وڻن ۽ ٻوٽن جي پوڄا به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٿيندي نظر اچي ٿي. جيئن عيسائي نال جي وڻ ڪرسمس ٽري، يهودي شجرالحيات ۽ هندو سوم کي مقدس سمجهي ان جي پوڄا ڪندا آهن. دڙي مان پڻ ڪيترين ئي مورتيون مليون آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته، اتان جا ماڻهو وڻ جي، خاص ڪري پپر جي پوڄا ڪندا هئا. نم جي وڻن جا به آثار پوڄا واري حالت ۾ مليا آهن. هتي وڻن کي پوڄڻ جا ٻه طريقا مروج نظر اچن ٿا. هڪ وڻ کي سڌي طرح پوڄيو ويندو هو، ٻيو وري وڻن کي روحن ۽ ديوين / ديوتائن جي جاءِ سمجهندا هئا.

جانورن کان خوف سبب انسان جانورن جي به پوڄا ڪندا هئا اوائلي دؤر ۾ خد اجو تصور خوفناڪ جانور يا ديوتا وانگر هو. سنڌو ماٿر جا رهواسي ڍڳي، سانهه، چيتي، هاٿي، گينڊي ۽ واڳونءَ کي ديوتا سمجهندا هئا. ڪن لڌل ثبوتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته، نانگ کي به ديوتا سمجهندا هئا پر مان سمجهان ٿو

ته هن تهذيب جا رهواسي اڪثر ڪري پاڻيءَ جا پوڄاري (Water worshiper) رهيا آهن. چاڪاڻ ته پاڻي انساني جياپي جو وڏو ڪارڻ رهيو آهي. پاڻيءَ جي پوڄا عالمگير مذهبي اعتقاد رهيو آهي. جيئن هندو گنگا، جمنا کي ديوين جي حيثيت ڏيندا آهن. سنڌو ماٿر جا رهواسي به پاڻيءَ کي پاڪ ۽ پوتر سمجهندا هئا. ان جو اندازو هن مان به لڳائي سگهجي ٿو ته، هتي هر گهر ۾ کوهه، غسل خانا، وهنجڻ جي جاين ۽ پين پاڻيءَ جي استعمال جي شين ۾ ڪيئن نه محتاط نموني ۽ احترام سان منصوبا بندي ڪئي اٿئون. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌو ماٿر جي رهواسين لئه قرآن ۾ ذڪر "اصحاب رس" جي نالي سان ذڪر سورة "فرقان" ۽ سورة "ق" ۾ عاد، ثمود ۽ ٻين قومن سان گڏ آيو آهي. "اصحاب رس" ان قبيلي يا ماڻهن لاءِ چيو ويو آهي، جن جو کوهه (يا کوهن) سان واسطو هجي.

## دڙي جي کوٽائي:

راکلداس بئنرجي قديم آثارن واري کاتي جي سپرنٽينڊنٽ جڏهن سڪندراعظم جي پارنهن ٿلن، جن تي يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ نوشتا اڪرايا هئا، تن جي ڳولا ۾ بيڪانير ۽ بهاولپور رياستن جا دورا ڪندو، مهراڻ يا هاڪڙي جا سڪل پيٽ ڳوليندو سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. تڏهن 1922ع ۾ لاڙڪاڻي جي پاسي دڙي جي آسپاس اچي ٽانيڪو ٿيو هو. جڏهن هتي جي ماڻهن انهيءَ کي ٺڪر جي ٿانون ٽوڙي ڀين لڌل شين جا ڪجهه ٽڪرا ڏنا ته هن ان مان اندازو لڳايو ته، هت ڪا قديم ترين تهذيب لڪل آهي. بئنرجي سياري ۾ اتي کوٽائي شروع ڪرائي. قديم آثارن وارا اڪثر ڪري کوٽائي سياري ۾ ڪرائڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. چاڪاڻ ته موسم سرد هئڻ سبب کوٽائي ڪرڻ ۾ تڪليف گهٽ ٿيندي آهي. کوٽائي دوران بئنرجي کي عظيم سپيتا جون ڪيتريون ئي يادگار شيون مليون. ان وقت هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل هو. هن اهي شيون گهرائي، انهن جا فوٽا السٽريٽيڊ لنڊن نيوز ۾ ڇپايا: جنهن سڄي دنيا جو هن عظيم تهذيب طرف پنهنجو ڌيان ڇڪايو. ان ڪانپوءِ ان جي وڏيڪ کوٽائي لاءِ 1922ع اٽڪل هڪ هزار مزدور رکيائين. جن مان اڪثر ڪري بروهي ذات سان تعلق رکندڙ هئا. ڪِن ڪمائي خاطر ته ڪِن هن عظيم ورثي سان محبت خاطر ڏاڍو پيار سان پورهيو ڪيو. انهن مزدورن جا نالا ٽوڙي ايبريسون گم آهن. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته، انهن پورهيتن کي مان ڏيڻ لاءِ ڪونه ڪو يادگار قائم ڪري انهن جا نالا ۽ ايبريسون لکرايون وڃن. هن وقت تائين اٽڪل 33 ايڪڙ زمين جي کوٽائي ٿي سگهي آهي. جڏهن ته دڙي جو وڏو حصو اڄ تائين کوٽائي کان محروم آهي. سرڪار 20-اپريل 1953ع تي دڙي کي 655 گهنٽا ايراضي الاٽ ڪئي هئي. جنهن مان هاڻ چوطرف قبضا ٿي ويا آهن. 43 ايڪڙ 22 گهنٽا سول ايوي ايشن وارن جي قبضي ۾ آهن. 11 ايڪڙ 16 گهنٽا ايريگيشن وارن والاري درياءَ جو بچاءِ بند اڏي ڇڏيو آهي، باقي به عملدارن ڪافي ايراضي ڪپائي ڇڏي آهي. اتي مقامي ماڻهو آبادي ڪن ٿا، جنهن سبب دڙي جي ايراضي ننڍڙي ٿيندي وڃي ٿي.

## تباهيءَ جا سبب:

دڙي جي قدامت جا ڪل 9 دؤر آهن. جڏهن ته هن وقت تائين 8 سائيٽن جي ٽن دؤرن تائين کوٽائي ممڪن ٿي سگهي آهي. هن وقت تائين ٿيل ڏهه سيڪڙو کوٽائيءَ مان هن دڙي جي تباهيءَ جا جيڪي سبب معلوم ٿيا آهن اهي به آخري ته نه آهن، پر اصل سبب تائين پهچڻ لاءِ، راهه هموار ڪرڻ لاءِ بنياد ضرور ثابت ٿيا آهن. هڪ اهو سبب به برسات جي پاڻيءَ جي چوٽن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. يا درياءَ جي رخ تبديل ٿيڻ ڪري هي شهر ان جي وَر چڙهي ويو آهي. ٻوڏن هن شهر کي ڪيترائي دفعا لوڙهيو هو ۽ ساڳي رٿابنديءَ مطابق ٺاهيو ويو هو. ٻيو

سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته سم ۽ ڪلر سبب شهر ويران ٿيو آهي ۽ ماڻهو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. لڏ پلاڻ ڪرڻ جو سبب اهو به تصور ڪيو وڃي ٿو ته، جڏهن شهر جي رهواسين جو واپار ختم ٿي ويو ته ڪاروبار به بند ٿي ويو. جنهن ڪري شهر ويران ٿي ويو. هڪ انومان اهو به آهي ته آرين اچي شهر تي حملو ڪيو. حملي آور جيئن ئي شهر ۾ داخل ٿيا ان ڪان اڳ ۾ ئي ڪافي ماڻهو شهر ڇڏي ويا هئا. آخري دؤر ۾ مردن، عورتن توڙي ٻارن جا گهٽين ۽ جاين ۾ گڏيل ڪجهه لاش مليا آهن. جن ۾ ڪيترن تي گهرا گهاوَ به آيل آهن. انهيءَ ڪان به وڌيڪ زور سان آخري سبب اهو ڇاڻايو وڃي ٿو ته، هن شهر ۾ ڪا خطرناڪ بيماري داخل ٿي آهي، جنهن سبب ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهندي هتان هجرت ڪري دنيا جي مختلف خطن ۾ ويا آهن.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو دنيا جي مختلف خطن ۾ هن تهذيب جي باشندن جا آثار اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود آهن. ڪجهه به هجي، پر اڄ تائين هن دڙي جي پڇاڙيءَ جا سبب مڪمل طرح سان معلوم نه ٿي سگهيا آهن. هر محقق پنهنجي انداز سان انومان ظاهر ڪري رهيو آهي.

# ”بکر“ تاريخ جي پرهه ڦٽي

انسان جي سموري تاريخ جنگين جي تاريخ آهي. ايترو انسان ڪي ٻي ڪنهن مخلوق نقصان ناهي رسايو جيترو خود انسان هڪ ٻئي کي پهچايو آهي. سگمنڊ فرائيڊ جي اها چواڻي درست ثابت ٿئي ٿي ته، ”تهذيب انسان کي راس ناهي آئي“، اهو ئي سبب آهي جو انسان پنهنجي ترقيءَ لاءِ ايترو پورهيو ناهي ڪيو جيترو تباهيءَ لاءِ سامان ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي آهي. انسان جي وحشي دؤر کان وٺي هن جديد دؤر تائين اهو سلسلو جيئن جو تيئن جاري آهي. جتي انسان جنگي تباهيءَ جا گر هر دؤر ۾ نوان سکي ٿو اتي جنگي بچاءَ لاءِ پڻ ڪوششون وٺندو رهيو آهي. ڪوٽ ۽ قلعا به ان پسمنظرڪي سامهون رکندي ٺاهيا ويا. ڪوٽن ۽ قلعن ۾ هڪ ته انسان پنهنجو تحفظ ڳوليندو آهي ٻيو اتي ويهي جنگ ڪرڻ لاءِ مضبوط مورچو سمجهي آرام سان، جنگي تدبيرون جوڙيندو آهي. بکر جو قلعو به ان انساني ڪوشش جي هڪ ڪڙي آهي.

بکر جو شهر روهڙي ۽ سکر کان به پراڻو شهر آهي. اروڙ جي ويران ٿيڻ ڪانپوءِ اڪثر اتان جا رهاڪو هتي لڏي آيا. جنهن ڪري بکر جو مقام وڌي ويو. هي شهر سکر ۽ روهڙي وچ تي، سنڌو درياءَ جي ڪشادي پيٽ ۾، ٻيٽن جي هڪ لڙهيءَ مان وڏي ٻيٽ تي اڏيل آهي. هي ٻيٽ چن جي پهاڙيءَ جو آهي. جنهن جي ماپ اولهه اوڀر 800 گز ۽ 300 گز موڪري آهي. ديگهه 25 فٽ کن اتس. اروڙ جي تباهيءَ کان فوراً اروڙ جي ڦٽل آثارن مان سرون ڪٺائي بکر جو قلعو تعمير ڪرايو ويو. بکر جي نالي جي ڏس ۾ چيو وڃي ٿو ته سيد محمد شجاع مشهد مقدس ان ۾ رهندو هو. اتان حرمين شريف جي زيارت لاءِ سير ڪندي شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو مريد ٿيو. فرزنديءَ جو تعلق حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڳتي هلي سنڌس نائي بڻيو. سيد محمد شجاع جو فرزند سيد محمد مڪي، شي صاحب جي معصوم نياڻيءَ جي اولاد هو. جيڪو مڪي شريف ۾ ڄائو. جڏهن سيد محمد مڪي بکر باک ڦٽڻ مهل داخل ٿيو تڏهن چيائين ته، ”جعل الله بکرتي في القلعة المبارکة“ (الله تعالىٰ منهنجو صبح مبارڪ جاءِ ۾ ڪرايو آهي.) جو اڳتي هلي لوڪ ۾ ”بکرة“ مشهور ٿي ويو. جو بکر ۾گهٽي قدر مروج ٿي ويو. کن جو چوڻ آهي ته سيد صاحب کان کن پڇيو ته ڪٿي نڪاٽو ڪندي ته وراڻيائين ته جتي باک ڦٽڻ مهل بقر (ڏڳي) جو آواز پڌڻ ۾ ايندو. لفظ وقت سان گڏ عام ۾ پنهنجو لهجو ۽ اچار تبديل ڪندا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ”بقر“ مان ”بکر“ ٿي ويو. هوئنن عربيءَ ۾ بکر معنىٰ صبح ۽ بقر معنىٰ ڏڳو. ٻنهي لفظن جو اچار ساڳيو آهي. جيڪو اچ تائين ساڳي نالي سان هلندو پيو اچي. نه ته ان کان اڳ ۾ بکر کي ”فرشتہ“ نالي سان سڏيو ويندو هو. پراڻن ڪتابن ۾ هن کي منصوره به چيو ويندو هو. 1544ع ڌاري شير شاهه سوريءَ چڙهائي ڪري ان جو نالو شير ڳڙهه رکيو. ستت سنڌس قلعي تي قبضو ختم ٿيو ۽ قلعي جو نالو ساڳيو ئي برقرار رهيو.

بکر جيڪو سکر ۽ روهڙي جي وچ تي قديم وقت کان اهم فوجي اڏو هو. بکر جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ جا ڪيترائي دور رهيا آهن. بکر واري قلعي جي ڏس ۾ چيو وڃي ٿو ته 60ع ڌاري هڪ يوناني ليکڪ هن هنڌ کي بيهڪر (Behkar) جو ذڪر ڪيو آهي، معنىٰ ته انتهائي پراڻو آهي. 876ع ڌاري بغداد جي حاڪم هارون الرشيد هن قلعي کي نئين سري سان اڏايو. ٻيٽ جي اوچائي 25-فٽ جنهن تي 30-35 فوٽ اوچيون ديوارون ٺاهيون ويون. قلعي کي ڏکڻ ۽ اوڀر طرف به در هئا. قلعي جي مرمت ان کان اڳ نواب غلام صادق خان جي زماني 90-780ع ڌاري پڻ ٿي هئي. سامان مرمت لاءِ اُچ مان گهرايو ويو هو. محمود غزنوي جي سپهه سالار عبدالرزاق هي قلعو 1020ع ۾ فتح ڪيو هو.

شاهه بيگ ارغون بکر جي قلعي کي نئين سري سان تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪانڊيرن واري زمين کي هن ساداتن کي روهڙيءَ ۾ جاگيرون ۽ سندون ڏيئي اروڙ جي قلعي ۽ جاين مان پڪيون سرون ڪيرائي 25 فوٽ اونچي ٽڪريءَ مٿان پٿي ديوارن سان قلعو تعمير ڪرايو هو. مٿس ڪنگرا تعمير ڪرائي، قلعي جي اوپر ۽ ڏکڻ جي ڪنڊ تي هڪڙوبرج اڏايو . جنهن تان مجرمن کي هيٺ ڪيرايو ويندو هو، جنهن کي اڄ به خوني برج چيو ويندو آهي.

بکر جي قلعي کي پٿي ديوار هئي پوءِ سلطان محمود ٽين ديوار ڏياري قلعي کي ست برج تعمير ڪرايائين، ست دروازا هٽايائين، جنهن سبب قلعو انتهائي مضبوط ٿي ويو. همايون 1536ع ۾ چوسا ۽ قنوج جي ٻن جنگين ۾ شير خان سوريءَ کان شڪستون کائي لاهور ۽ پوءِ روهڙيءَ پهتو. هن قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ بکر جي پرسان ٻيرلوءِ جي چار باغ ۾ 18 هزار چورس فوٽن جي چانوٽي هٽي ويٺو پر هن لاءِ بکر کي فتح ڪرڻ انتهائي مشڪل بڻجي ويو. نيٺ نااميد ٿي سيوهڻ جي قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

1590–91ع ڌاري اڪبر بادشاهه بکر جو علائقو مير معصوم شاهه کي جاگير طور ڏيئي ڇڏيو. هن بکر جي قلعي کي نئين سر تعمير ڪرائڻ لاءِ باضابطه ڪم شروع ڪرايو. قلعي سان داراشڪوهه جي نسبت به جوڙي وڃي ٿي. 1658ع ۾ دارا شڪوهه توبخاني، حرم ۽ ڪارخاني سميت لاهور آيو ۽ اتان ٻيڙين وسيلي سامان ڪٽائي قلعي ۾ اچي ترسيو هو. 1739ع ۾ نادر شاهه ڪابل کان لاڙڪاڻي آيو. ان ڪانپوءِ بکر جي قلعي کي ڪيرائي ان جي نئين تعمير پڻ ڪرايائين. هي قلعو ڪلهوڙن ڪانپوءِ ٽالپرن جي قبضي م پڻ رهيو. 1838ع ۾ انگريزن جي قبضي ڪرڻ وقت 25 زبون عمارتون ۽ 115 ڊٺل عمارتن جا ڍڙا، جن مان ڪي زمين کان 15 ۽ ڪي 20 فوٽ اوچا هئا. مغلن جي دؤر ۾ عمارت، جنهن کي انگريزن پنهنجي بارود رکڻ جي لاءِ موزون سمهيو. انگريزن 35 هزارن جي خرچ سان قلعي جي مرمت ڪرائي، ان کي جنگي هٿيارن ٺاهڻ جو ڪارخانو قائم ڪيو. پهرين افغاني ويڙهه جي خاتمي کان پوءِ انگريزن هن قلعي کي سياسي قيدين لاءِ جيل طور تي ڪتب آندو. جنهن ۾ 320 قيدين رکڻ جي گنجائش رکي ويئي.

بکر جي مٿئين حصي ۾ درياهه جي هيٺ لهڻ سان ٻيٽ ظاهر ٿيندو آهي. هي ننڍڙو ڳتيل ٻيٽ جنهن ۾ خواجه خضر جو ٿان چيو وڃي ٿو. خواجه خضر لاءِ اهو تصور ڪيو وڃي ٿو ته مسلمانن جي ندين جي اٿل ۽ پاٽيءَ جي واسطي نگهبان آهي. اڄ تائين خصوصاً مسلمان ان کي باس ۾ ڏيئا ۽ گل ڏيندا آهن. درياءَ جي سوڪڙي پلي لاءِ به اها ڳالهه مروج آهي ته پلو بکر جي قلعي کان مٿي ڪونه ٿو چڙهي. پر اهو خواجه خضر کي سلامي ڏيڻ لاءِ اوڏانهن ويندو آهي.

# مڪلي: خاموش تاريخ

مڪلي جنهن جي نانءُ ٻڌڻ سان ذهن ۾ سوين تصور ابري اچن ٿا. مڪلي جيڪا سنڌ جي زنده جاويد تاريخ جو اڻٽوٽ حصو آهي، جنهن ۾ بظاهر ته خاموش قبرن، مقبرن جون قطارون آهن پر ان ۾ سنڌ جي جيئري جاڳندي تاريخ بيٺي آهي. جيڪڏهن ڪو تاريخدان هن ٽڪريءَ تي ئي صرف تحقيق ڪرڻ گهري ته هوندي سندس سموري ڄمار گذري وڃي پر تاريخ مڪمل نه ٿيندي. مڪليءَ جي ڪک ۾ جتي سنڌ جي عظمت جا رکوال آرامي آهن، اتي اڻ ڳڻيون قبرون اهڙيون به آهن جن سنڌ جي سينڌ ڪي ميرو ڪيو، داغدار ڪيو پر پوءِ به مڪليءَ انهن کي پنهنجي ڪشادي آڳر ۾ ان اميد سان جڳهه ڏني ته جيئن ايندڙ نسل انهن مان ڪا عبرت حاصل ڪري ۽ پنهنجي مستقبل جي اڏاوت لاءِ ڪو رستو هموار ڪري سگهن. سنڌ جي ڇهن سوَن ورهين جي تاريخ هن ٽڪريءَ ۾ محفوظ ٿيل آهي. ڪراچيءَ کان اوڀر طرف اسي ميلن جي پنڌ تي ڪيرٿر جبل جي هڪ دور افتاده ٽڪريءَ جو هي ٽڪرو، نيشنل هاءِ وي تي، ٺٽي کان به ڪوميٽر الهندي، ڏکڻ کان پير پٺي جي مزار کان وٺي، اتر ڏانهن ساموئي تائين 25-ڪلوميٽرن جي ديگهه تائين هن قبرستان ۾ مقبرن، مزارن ۽ قبرن جو تعداد 10 لک کن ٻڌايو وڃي ٿو. هن قبرستان جي حوالي سان چيو وڃي ٿو ته پهريون ماڻهو شيخ حماد جمالي دفن ٿيو. هي هڪ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. وفات کانپوءِ کيس مڪليءَ تي اڏيل مسجد پرسان دفن ڪيو ويو. ان کانپوءِ ٻين ماڻهن به سندس نقل ڪندي مڪليءَ ۾ دفن ٿيندا رهيا. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته هو واحد پهريون ماڻهو هو جيڪو ان ٽڪريءَ تي دفن ٿيو بعد ۾ هر فرقي ۽ هر قبيلي جا ماڻهو اتي دفن ٿيڻ لڳا. ڄام تماچي مڪلي تي وڏي جامع مسجد ٺهرائڻ وارو پهريون ماڻهو هو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو شيخ حماد جماليءَ جو شاگرد هو. جڏهن سلطان فيروز ڄام تماچيءَ کي دهليءَ قيدي بڻايو هو ته ان وقت ڄام تماچيءَ جي ماءُ شيخ حماد جماليءَ وٽ پٽ جي آزاديءَ لاءِ دعا پنڻ ايندي هئي. چيو وڃي ٿو ته ان کان پوءِ ڄام تماچي سترت ئي آزاد ٿي ويو.

مڪليءَ جي نالي جي ڏس ۾ به تاريخ ۾ مختلف حوالا سامهون اچن ٿا. مسلمان هن ٽڪريءَ جي نسبت مائي مڪلي (مڪهه لي) سان جوڙين ٿا. جنهن جي قبر ڄام نظام الدين جي مقبري، ڄام تماچي جي ٺهرايل مسجد جي ٻاهرين پاسي الهندي طرف آهي. ٻي روايت ۾ اهو به اچي ٿو ته هڪ درويش وجد ۾ اچي چيو ته: "هذا مڪهه لي" (يعني هيءَ جاءِ منهنجي لاءِ مڪو آهي." ان کانپوءِ ئي هن ٽڪريءَ جو نالو مڪلي پيو، پر هندو لوڪ مڪليءَ جي ٽڪريءَ کي ڪالي ديويءَ سان منسوب ڪن ٿا. جنهن جو وڏو مندر ۽ تيرٿ آستان، مين روڊ واري وڪڙ ۾ ڏکڻ طرف آهي. جين مذهب ۾ گوسالو ۽ اجيوڪا اهم فرقا سمجهيا وڃن ٿا. انهن مان اجيوڪا فرقي جو باني گوسالو مڪلي پوٽو آهي. مڪلي جي پڙهٽي به جدا جدا پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. مڪلي، منگلي، منڪلي. جڏهن ته گوسالو فرقي جي هڪ شاخ ڊيگامبر، مڪلي ٽڪر ۽ هنگلاج ۾ رهندا هئا. انهن جي آستانن، غفائن ۽ آمد و رفت جي سبب ڊيگامبر فرقي جي باني "منڪلي" جي نالي پٺيان انهيءَ ٽڪريءَ تي مڪلي نالو پوڻ جو تصور پڻ تاريخ ۾ اچي ٿو. اهو لفظ حقيقت ۾ پالي معنیٰ يوگي / يا ننگو فقير آهي.

ڪراچي ويندڙ قومي شاهراهه مڪلي ٽڪريءَ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي. ڏکڻ واري اڌ ۾ عيد گاهه، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ابوالقاسم نقشبندي جلوه گاهه امام پير عالي، سيد محمد يوسف بکري ۽ چيڙي تي ڪلان ڪوٽ جو ڊٺل قلعو ۽ ٻيا عجائبات آهن. اتر واري اڌ حصي ۾ شيخ حماد جمالي، عيسیٰ لنگوٽي، ملان عبدالرحمان عباسي (ملان لٽرا) جامع مسجد، سيد علي شيرازي، شاهه مراد، سمن سلطانن جا مقبرا، ترخانن جا مقبرا، مغلن جون رانڪون ۽ ٻيون تاريخي جڳهون آهن. اڄان به پنهنجي سهولت خاطر هن قبرستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصي ۾ سمن سلطانن جون قبرون ۽ مقبرا آهن ۽ ٻئي حصي ۾ ارغونن ۽ ترخانن جون قبرون آهن. مڪلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سڀ کان پهرين ڪاٻي پاسي هڪ چور ڪوهه آهي، ٻن حصن ۾ سوڙهيون ڏاڪڻيون، هيٺ ڪوهه جي ڪنڌيءَ تائين وڃن ٿيون. ڪوهه جي ڪنڌيءَ تي پهچبو ته چؤطرف ورانڊو نظر ايندو،

وچ ۾ ڪوهه آهي.

مڪليءَ جو نالو مشهور ۽ معروف سمن جي دؤر حڪومت ٿئي ٿو. جڏهن ڄام نظام الدين 866هه کان 914 هه تائين آزاد سنڌ تي حڪومت ڪئي. سنڌي ماڻهو ڪيس پيار مان ڄام نندو سڏيندا آهن. سندس سنڌ لاءِ امن ۽ سڪون، ايمان، اخلاق ۽ خوشحاليءَ جو دؤر سڏيو وڃي ٿو. سما ڄام انهيءَ ۾ ڪيتريون ئي يادگار جايون ڇڏي ويا آهن. جهڙوڪ تغلق آباد عرف ڪلاڪوٽ جو قلعو اهم آهي. مڪمل طور تي برباد ٿيڻ ڪانپوءِ سومرن ڪلانڪوٽ تي عارضي گاديءَ طور تي اڏيو. سمن مڪلي جي اتر ۾ نشيبي علائقي ۾ پنهنجي دارالسلطنت ٺاهيو. جنهن تي ساموئي نالو رکيو. ان جو مطلب آهي ته "سمن جو شهر". بعد ۾ ان کي تغلق يا تغرل آباد، ڪلياڻ ڪوٽ يا ڪلان ڪوٽ ڪوٺڻ لڳا. ڪن وري ان کي ٽڪر آباد به ڪري سڏيو آهي. جنهن جو مطلب آهي مکيه رهائش گاهه، جنهن جي پيڙهه جو پٿر ان وقت جي ٺاڪر رکيو. اهو قلعو هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. جنهن جو اندازو سوا ميل کن ٿيندو. ان قلعي جي چوڌاري قدرتي وڏي کاهي آهي جيڪا پاڻيءَ سان هر وقت ڀريل هوندي هئي پر هاڻ اها مڪمل طور تي تباهه آهي. ميڪرا ڊنڊ، قبرستان جي اتر کان شروع ٿي اوڀر کان ٿيندي ڏکڻ ۾ وڃي ڪلان ڪوٽ واري ڍنڍ سان وڃي ملي ٿي. هي قلعو ڪنهن زماني ۾ ڏکئي وقت دوران شهر وارن لاءِ جاءِ پناهه هو. اهو هاڻ تباهه و برباد ٿي ويو آهي.

سمن جو دؤر جتي سنڌ جي خوشحاليءَ جي علامت طور تي تاريخ ۾ ابري اچي ٿو، اتي سنڌ جي سرحدن ۽ قومي بچاءَ لاءِ ويڙهه جو وڏو مثال ڄام نندي کان پوءِ دولهه دريا خان جو اچي ٿو. دريا خان لاوارث ڇوڪرو هو پر ڄام نندي سندس قابليت ۽ جوهر ڏسي ڪينس پنهنجي تربيت ۾ رکي وڃي وزيراعظم جي عهدي تي رسايائينس. سنڌ جي فوجن جي سپهه سالاري به سندس سپرد هئي. يارهين محرم الحرام تي سنڌ لاءِ سر ڏيندڙ سپهه سالار جي قبر ڄام نظام الدين جي مقبري جي ويجهو اولهه پاسي کان آهي. ان چوڌيواري ۾ ستاويهه قبرون ٻيون به آهن. رومانوي خيال سان تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ڄام تماچي به مڪليءَ جي عظمت ۾ اضافو بڻيل آهي. چريائپ يا جن کي دورا پون تن لاءِ علاج لاءِ عبدالله شاهه اصحابيءَ جو مقبرو پڻ مڪلي جي آڳر ۾ موجود آهي. تغلق ڪوٽ جي نشيبي ۾ ملان لتر (ملان عبدالرحمان) جي قبر پڻ آهي، ستين جو قبرون جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي ست ڀينرون سومريون هيون. سومرن کان سمن جي تخت وٺڻ کان پوءِ اهي پنهنجن کان الڳ ٿي ويون جڏهن شاهي لشڪر سامهون ايندي ڏٺائون ته پنهنجي عزت غير محفوظ سمجهيائون ته عزت جي تحفظ لاءِ دعائون گهريائون ۽ ان ۾ دفن ٿي ويون.

ٻئي حصي ۾ هڪ گمنام ڇتي جاني بيگ جو مقبرو، تغرل بيگ جو مقبرو، باقي بيگ ازبيڪ جو مقبرو اوڀر طرف جان بابا جو مقبرو، سلطان ابراهيم جو مقرو، اهنسا ٻائي، باقي بيگ ۽ عيسىٰ خان ترخان وڏي جا ترتيب وار مقبرا ۽ ڇتيون آهن. سياست ۽ صحافت ۾ سنڌ جو وڏو ڪردار شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جون قبرون پڻ تاريخدانن لاءِ توجهه جو مرڪز رهيون آهن.

ٺٽي جي رهواسين لاءِ اها ٽڪري نه فقط دفن گاهه ۽ عبرتگاهه هئي سندن تفريح جو پڻ وڏو مرڪز هئي. مزارن تي ميلا لڳندا هئا هر مڪتبءِ فڪر جو ماڻهو اتي اچي سڪون محسوس ڪندو هو. سترهين صديءَ ڌاري مڪليءَ تي "ڪير" نالي سان هڪ مٺي پاڻيءَ جو تلاءُ هو. مينهن (برسات) وسڻ سان تلاءُ پاڻيءَ سان ڀرجي ويندو هو. ان وقت هندو توڙي مسلمان قطارون ٺاهي تلاءُ سان پنهنجو ٺڪاڻو اڏيندا هئا.رڌپچاءُ به هتي ئي ڪندا هئا. خوشيءَ جو پهرُ پاسجندي محسوس ٿيندو هو. ڏکڻ اولهه ۾ "عيدگاهه" آهي جتي ٺٽي جا ماڻهو عيد نماز پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. مڪليءَ تي ڪالي مندر ۾ رکيل مورتيءَ کي هنگلاج سڏيو وڃي ٿو. ڪالي مندر ۾ ننڍا ننڍا مندر جن ۾ گڻيش، هنومان ۽ شيو جون مورتيون، هڪ ڌرمشالا، هندن جي مقدس جڳهه طور تي سڃاڻپ رکن ٿيون. جڏهن ته بلوچستان ۾ هندو جوڳين جي مشهور تيرٿ هنگلاج، الهندي طرف ان ماڳ ڏانهن ايندي ويندي ياتري هن ٽڪريءَ تي ڪندا هئا.

آڳاٽي زماني کان اها رسم ٿي ويئي آهي ته هرهڪ طاقت وارو بادشاهه امير يا دولتمند ماڻهو يادگار طور تي

اتي ڪا نہ ڪا جاءِ ٺاهيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ مڪلي مقبرن ۽ قبرن جو مرڪز طور تي سڃاڻپ رکي ٿي پر تاريخدانن لاءِ جهجهو مواد فراهم ڪرڻ لاءِ وٽس انيڪ مواد آهي.

# سياسي، ادبي ۽ سماجي شخصيتون

# هِند ۽ سِنڌ جو سورمو: هيمون ڪالاڻي

شيخ اياز لکيو آهي ته ”مان اجان تائين اهو فيصلو نه ڪري سگهيو آهيان ته تاريخ شخصيتن کي ڳاهيندي آهي يا شخصيتون تاريخ کي ڳاهينديون آهن.“ بهرحال ٻنهي حالتن ۾ تاريخ کي پنهنجي سفر کي جاري رکڻ لاءِ شخصيتن جي قربانين جي ضرورت رهي ٿي. تاريخ جي ارتقا جو سفر جڏهن سست ٿيڻ لڳندو آهي ته تڏهن تاريخ کي رت جي ضرورت پوندي. تاريخ جو جياپو آهي رت ۽ شايد دنيا جي تاريخ کي ڳولي ڏسو توهان کي تاريخ جي وک وک تي شهيدن جي رت جا نشان نظر ايندا. سنڌ ۾ به راجا ڏاهر، دودي سومري، مخدوم بلاول، دولهه دريا خان، هوشو شيدي، سورهيه بادشاهه کان هيمون ڪالاڻي تائين شهيدن جو مقدس رتُ، وک وک تي توهان کي نظر ايندو. سنڌ جي سمورن سورمن کي ڇڏي ڪري اسان صرف اڄ هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت جا پيرا ڪڍنداسين.

## پيدائش ۽ پرورش:

سکر جي ڪالاڻي ڪٽنب ۾ پيسو مل جي گهر ۾ 23-مارچ 1923ع ۾ جنم وٺندڙ هيمو ڪالاڻيءَ جو اصل نالو ”راهي هيمن“ هو پر پيءُ ماءُ جي اڪيلي پٽ هئڻ سبب ڪيس پيار ۽ لاڏ ڪوڏ مان ”هيمون-هيمون“ چوندا هئا. هو تکل ميونسپل اسڪول ۾ پڙهيو. ڪرشن منڊل جيمخانا ۾ ڪسرت ڪندو هو. تيز مينهن ۾ سنڌوندي اڪري پار ڪندو هو. لئنسڊائون پل تان سنڌوءَ ۾ ٽپا ڏيندو هو. سکر ۾ نم جي چاڙهي تي يڪساهي سائيڪل تي چڙهي ويندو هو. ڪبڏي راند ۾ به سندس ڪو ثاني نه هو. ڦاسيءَ تي چڙهڻ وقت هيمون جي عمر 19 سال هئي. پاڻ مئٽرڪ پاس ڪئي هئائين.

## سياسي تربيت:

هيمون جو چاچو منگهارام ڪالاڻي نوجوانن کي سياست، انقلاب ۽ آزاديءَ جي تربيت ڏيڻ لاءِ ”سوراج سينا“ نالي جماعت ٺاهي هئي جنهن ۾ 19-20 کان 25 سالن جي عمر جا نوجوان انهيءَ جماعت ۾ شامل هئا. انهيءَ جماعت جو هيمون ڪالاڻي به ميمبر ٿيو. جتي هن تعليم سان گڏوگڏ ترڻ، ڪثرت ڪرڻ کان علاوه پنهنجي هم عصرن ۾ سياسي سجاڳي آڻڻ لاءِ متحرڪ رهيو. ان ساڳئي عرصي ۾ سکر سينٽرل جيل جي سامهون ڪرڙي جي تاريخي ميدان تي قومپرستن ۽ ترقي پسندن جي ڪانفرنس ۾ محمد امين کوسي جي تقرير سندس ذهن تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا. جڏهن ته سندس آدرشي اڳواڻ ڀڳت سنگهه جنهن جي تصوير سندس گهر ۾ لڳل هئي ۽ ان جا گيت ڳائيندو وتندو. هڪ ڏينهن ته هو پنهنجي ڳلي ۾ رسي وجهي رهيو هو ماڻهن جي سبب پڇڻ تي ٻڌايائين ته مان ڏسڻ گهران ٿو ته ڀڳت سنگهه ڪيئن ڦاسيءَ تي محسوس ڪيو هوندو. اهي سڀ عمل هيمون جي ذهني ۽ سياسي تربيت ڪرڻ ۾ ڪارائتا ثابت ٿيا. جڏهن اجان ائن سالن جو مس ٿيو هو ته پاڻ جيڏن جا ٽولا ٺاهي ترنگو جهنڊو کڻي سکر جي گهٽين ۾ ٻارن سان گڏ آزاديءَ جا نعرا هڻندو وتندو هو. سندس ماءُ به انگريزن خلاف سندس ذهن تي اثر ڇڏيا. آزاديءَ جي هلچل جيئن تيز ٿي ولائتي ڪپڙي جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ته هيمون باندر سئنا سان گڏجي پراڻي سکر ۽ نئين سکر مان روزانو هزارين رپين جو ولائتي ڪپڙو گڏ ڪري ساڌ ٻيلي جي سامهون ساڙڻ ۾ ڀهرو وٺندو هو.

## ”حر گوريلا جنگ ۽ هندستان خالي ڪريو “ تحريڪ جا هيمون تي اثر:

آگسٽ 1942ع ۾ ڪانگريس هندستان خالي ڪريو تحريڪ (Quit India Movement) هلائي، جنهن

گوري سرڪار جون پاڙون اکيڙي ڇڏيون. بيشمار فساد ٿيا. سرڪاري آفيسن ۽ عملدارن تي حملا ڪيا ويا. ٽاٽا ساڙيا ويا. گانڌيءَ جي نعري "ڪرو يا مَرو" (Do or Die) پرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو. سڄي ڀارت ۾ وڏي انقلابي هلچل مچي ويئي ۽ ان ساڳئي عرصي ۾ سنڌ ۾ حر گوريلا جنگ جو آغاز ٿي چڪو هو. پير صبغت الله شاهه پاڳاري انگريزن کي ٽوٽا چبرائي ڇڏيا هئا. سنڌ جي پهرين منظم گوريلا جنگ هئي. هنن ته انگريز سرڪار جو قانون به هٿ ۾ کنيو هو. ٽنڊي آدم (ضلع نوابشاهه) پرسان لاهور ميل کي حُر گوريلن ڪيرائي وڌو هو. اهوئي ڪارڻ هو جو برصغير تي انگريزن پهرين مارشل لا به ڪراچيءَ کي ڇڏي ڪري سنڌ ۾ لڳائي هئي. ان عرصي ۾ سنڌ اندر حر تحريڪ جا ڇاليهه هزار سنڌي شهيد ٿيا ۽ ست هزار سنڌي عورتن جي عصمت دري ٿي. انهن واقعن به هيمون تي انگريزن خلاف زبردست اثر ڇڏيا هئا.

## ٽرين کي ڪيرائڻ جي ڪوشش:

هيمون ۽ ان جي ساٿين کي اطلاع مليا ته انگريز ملٽريءَ سان ڀريل هڪ ٽرين سکر مان لنگهي ڪوئيٽا بلوچن کي ڪچلڻ لاءِ اسلحو ۽ فوجي ڪٽي وڃي رهي آهي. ته هنن اهو فيصلو ڪيو ته ڪنهن به حالت ۾ ٽرين کي اتي پهچڻ نه ڏيندس. ان وقت سکر پراڻي جي شمشان گهاٽ ۾ هنن جي خفيه گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ ڪيترائي ساٿي شريڪ هئا.گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ هيمون اٽي بيهي رهيو ته اهو ڪم مان ڪندس. آخرڪار پرچو وڏيارتي ۽ سندس سؤٽ عيشي وڏيارتي اهي ٽيئي ساٿي گڏجي مخدوم جماڻي پير جي سامهون ڪڙائي سيدن جي گهر وٽ، ريل جي پٽڙي اکيڙڻ لڳا. ٽاٽو ان جي پرسان هو. پرچو وڏيارتيءَ پري کان ماڻهو ايندو ڏسي ساٿين کي ڪسڪي وڃڻ لاءِ چيو پر هيمونءَ ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي، آخرڪار پڪڙجي پيو ۽ جڏهن ته سندس ٻه ساٿي ڀڄي ويا. اها 23-آڪٽوبر 1942 ع جي چانڊوڪي رات هئي ۽ رات جا 12 مڪمل ٿي چڪا هئا. هيمون کي پڪڙائڻ پٺيان پنجابي پوليس وارو فيروز خان هو جنهن انگريزن سان نمڪ حلالي ڪندي سنڌ جي سورمي کي پڪڙايو.

## ڪيس، سزا ۽ جيل ۾ ارڏائپ:

هيمونءَ کي گرفتار ڪرڻ کانپوءِ ڪيس طرح طرح جا عذاب ڏنائون. ايترقدر جو سخت سرديءَ ۾ به هيمو تي برف جي ڪينن (ناديون) تي اگهاڙو 21 ڏينهن تائين سزا ڏيندا رهيا پر تنهن باوجود به ٻاهر ٻاڦ نه ڪديائين. آخرڪار سکر ڪورٽ مارشل لا ۾ هيمون کي عمر قيد جي سزا ڏني ويئي. سندس اهو فيصلو نظرثانيءَ لاءِ حيدرآباد جي مارشل لا ڪورٽ کي موڪليو ويو. جتي انگريز بي رحم رچرڊسن عمر قيد جي سزا کي سزاءِ موت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هن تي مقدمو هلائي پڇيائونس ته توکي ڪجهه چوڻو آهي، چيائين ته، "مونکي افسوس آهي جو مان ٽرين ڪيرائي نه سگهيس." هن کي معافي وٺڻ لاءِ ڀڻ زور رکيو ويو پر چيائين ته،"معافي وٺن ڪنهن ديش ڀڳت جو وڙ نه آهي." جيل ۾ سندس ماءُ به معافيءَ لاءِ آئي هئي پر ان کي به سِڌو چيائين ته،"هڪ تون منهنجي ماءُ آهين ۽ ٻي ڌرتي ماءُ آهي. مون کي ٻنهي جون عزتون پياريون آهن ۽ هاڻي ڌرتيءَ جي عزت خاطر قربان ٿي رهيو آهيان. مون کي نه روڪ." هن جي ماءُ به ان عمل مان خوش ٿي ۽ کيس چيائين ته، "مون کي توتي فخر رهندو ۽ جيڪڏهن تون شهيد به ٿي وئين ته مون کي ڪو ارمان نه رهندو."

آخر اهو 21- جنوري 1943 ع وارو ڏينهن به آيو جڏهن پرهه ڦٽيءَ جو هيمون کي تختِ دار تي آندوويو. ڦاهي جي ويل، سوير اٿيو، "گيتا" پاٺ ڪري، ڦاهيءَ جي جاءِ تي جلاد کان رسي وٺي پاڻ پنهنجي هٿن سان ڳچيءَ ۾ وڌائين. ڦاسيءَ تي چڙهڻ وقت "انقلاب زنده باد" جا نعرا هڻي ڦاهيءَ کي سرخرو ڪري ويو.

## ڀارت ۾ هيمون کي مڃتا:

1947ع ۾ ورهاڱي ڪانپوءِ هيمون ڪالاڻيءَ جا ماءُ پيءُ چيمپور ڪالوني بمبئي ۾ رهائش پذير ٿيا. اتي 1951ع ۾ شهيد هيمون ڪالاڻي يادگار منڊل قائم ڪيو ويو. ان منڊل پاران هر سال هيمون جي شهادت جو ڏهاڙو ملهائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. اتي اکل ڀارت سنڌي پنچائت فيڊريشن بمبئي وارن جي محنت سان چيمپور ڪالوني ۾ هڪ هزار وال پلاٽ تي هيمون جو يادگار قائم ڪرايو ويو ۽ سندس امڙ ماتا جيٺي مائيءَ کي "سنڌو ماتا" جو لقب ڏنو ويو. سندس امڙ 1986ع ۾ 90- سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويئي. جڏهن ته سندس جيئري سڀ کان وڏو اعزاز ڀارت جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ جي ڪوشش سان 1984ع ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي نالي سان يادگار ٽڪلي جاري ڪرائي. اڄ به سڄي ڀارت ۾ سنڌي رهن ٿا، هيمون ڪالاڻيءَ کي پنهنجو سورمو سمجهن ٿا ۽ انهيءَ جا ڏهاڙا پڻ ملهائين ٿا.

سنڌ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ کي سڀ سنڌي مسلمان خواه هندو پنهنجو سورمو تسليم ڪن ٿا ۽ ان جا ڏهاڙا ملهائڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هيمون هند ۽ سنڌ جو سورمو آهي ۽ رهندو. عبدالحڪيم ارشد جي هن خوبصورت سٽن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي هيمون کي ڀيٽا ڏئي سگهجي ٿي ته:

اڄ ٻي تنهنجي ياد اچي ويئي،
اڄ ٻي منهنجا لڙڪ لڙي پيا.
اڄ ٻي تنهنجون ڳالهيون ساريم،
اڄ ٻي ساڳي جنگ لڳل آ،
اڄ ٻي ساڳي باهه ٻري پيئي.
اڄ ٻي سنڌڙي سڏڪي پيئي،
اڄ ٻي قاهي ماندي آهي.
اڄ ٻي ڌرتي ماتا جي دانهن،
مون کي جهنجهوڙي جاڳايو،
هيمون منهنجا دوست!
مان تنهنجي روح کي سامهون آڻي،
سنڌڙي سان تو قول ڪريان،
جيجل جيسين جيئر رهندس،
تيسين تو لئه لکندو رهندس!

# ويهين صديءَ جو باغي شاعر: شيخ اياز

شروعاتي دؤر ۾ انسان ٻوليءَ کي رابطي جو ذريعو بڻايو، ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ وسيلي اسان پنهنجي خيالن، خوابن، جذبن، احساسن ۽ ضرورتن کي ٽڪڙو اظهاري سگهون ٿا. هونءَ ته موسيقي، مصوري، ڊانس، فنون لطيف سان لاڳاپيل سمورا موضوع به اظهار جو ذريعو آهن پر ان اظهار سان گهڻي دير ۾ مشڪلات پيش اچي ٿي. جنهن سبب انسان ٻوليءَ کي وڌيڪ ترجيح پئي ڏني آهي. ٻوليءَ جون پاڙون به سماج ۾ ئي هونديون آهن. سماج کان سواءِ ٻوليءَ جو وجود به باقي نه ٿو رهي. ٻوليءَ جي تبديلي سماجي ۽ معاشي تبديليءَ سان مشروط هوندي آهي. سماجي ۽ معاشي تبديليءَ سان نه صرف ٻولي پنهنجي جوهر ۾ ان تبديلي کي ڪٺندي آهي پر ان تبديليءَ لاءِ اهم ڪردار ادا پڻ ڪندي آهي. ٻولي جڏهن ادب جو رخ اختيار ڪري ٿي ته ان جي وسعت اڃان به وڌيڪ گهري ۽ اهم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته ادب نه صرف سماج جو مطالعو ڪري ٿو پر سماج کي هٿڻ ڪيئن گهرجي، ان جو تخيل به پيش ڪري ٿو. ان ڪري ئي ادب جو سماج جي سموري تاريخي سفر ۾ اهم حصو ڳڻي سگهجي ٿو. ادب کان سواءِ ڪڏهن به سماج توڙي قوم جي تڪميل جو سوال اڻپورو پاسجي ٿو. جيتوڻيڪ سماج توڙي قوم کي پايهٔ تڪميل تي سياست وٺي وڃي ٿي پر ان جا ڏڳ، پيچرا ۽ مقصد توڙي منزل ادب متعين ڪري ٿو. ان ڪري سماج جي تبديليءَ ۾ ادب جو سهارو وٺي جن تاريخ جي وڏن ماڻهن ڪردار ادا ڪيو آهي انهن ۾ ويهين صديءَ جا سنڌ ۾ ٻه وڏا نالا، جي ايم سيد ۽ شيخ اياز جي صورت ۾ سامهون اچن ٿا. ويهين صدي سنڌي ادب جي ڏس ۾ اهم صدي ليکي ويندي آهي ڇاڪاڻ ته هن صديءَ ۾ سنڌي ادب عروج جي بلندين کي وڃي ڇهيو آهي. جي ايم سيد سنڌي نثر ۾ اهم ۽ وڏو نالو آهي جنهن وقت جي ضرورت کي محسوس ڪندي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي دستاويزي شڪل ۾ شناخت ڏني. هن جي قلم جا موضوع صرف ۽ صرف قوم جي خوشحالي ۽ مستقبل جي اڏاوت رهيا آهن. اياز به ويهين صديءَ ۾ جيڪا سنڌي ادب کي وسعت بخشي آهي اها لطيف کان پوءِ ٻئي ڪنهن دؤر ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي پئي اچي. اياز ۽ جي ايم سيد ان ڪري وڏا ليکڪ نه آهن ته انهن گهڻا ڪتاب لکيا آهن پر ان ڪري به وڏا ليکڪ آهن ڇاڪاڻ ته انهن مروج ريتن، رسمن خلاف بغاوت ڪري سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج ۾ جدت پسنديءَ جا نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن. اڄ اسين هتي صرف شيخ اياز جي شاعري ۾ جيڪي بغاوت جا اولڙا نظر اچن ٿا، انهن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته اياز جديد سنڌ جو باغي شاعر آهي.

## سماج سان بغاوت:

سماج انساني ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ جنم ورتو آهي. شروعاتي دؤر ۾ انسان پنهنجي طريقي ۽ پنهنجي مفادن لاءِ جيئندوهو. اڳتي هلي انسان جون ضرورتون وڌيون فطرت ۽ وحشي جانورن جي خوف سبب اڪيلي سر انهن کي منهن ڏيڻ انتهائي مشڪل ٿي پيو ته ان ضرورت ۾ انسان هڪٻئي جي ويجهو اچڻ شروع ٿي ويا. ائين سماج ٺهيا ۽ سماج جون ريتون رسمون توڙي قانون ٺاهيا. اهي سڀ قانون ۽ ضابطا انسان کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا پر اڳتي هلي اهي انساني آزادي ۽ جياپي لاءِ زنجير بڻجي ويا. جيئن روسو چيو آهي ته ”انسان آزاد ڄائو آهي پر هو هر هنڌ سنگهرن ۾ ٻڌل آهي.“ ان حالت ۾ انسان پنهنجي حالتن جي تبديليءَ لاءِ بغاوتون به ڪيون آهن. خصوصاً هر جينيئس سماج سان بغاوت جو علم ڦهريائين ڪوڙينيدو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر جينيئس پنهنجي دؤر جي متنازعہ شخصيت بڻجي

ويندو آهي. چاڪاڻ تہ جيئن عام ماڻهو سوچيندو آهي ائين سماج اندر جينيئس ماڻهو ناهي سوچيندو. جينيئس ماڻهو زمان يا مڪان جون بندشون ٽوڙيندو آهي سچي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي.

”اياز بہ جينيئس هو. يقيناً سماج سان بغاوت ڪان ڀاڻ ڪي ڪنهن بہ طرح بچائي نہ سگهيو. سندس ادبي، سياسي توڙي شخصي زندگيءَ مان سماج سان بغاوت جا عڪس چٽي طرح سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيئن چوي ٿو:

باغي آهيان، باغي آهيان تنهنجو آءٌ سماج،
توسان وڙهندو رهندو منهنجو هرهڪ رت ڦڙو.

اياز جي هي بغاوت سماج کي ڏوڏي ڇڏي ٿي، سماج ۾ هوندي بہ جيئڻ جا ٻہ رستا آهن يا تہ سماج سان Compromise ڪري ڇڏجي يا بغاوت ڪجي، اياز پوئين رستي کي اوليت ۾ رکيو. هن جي سموري تخليقي سفر جو مواد ”سماج“ مان ڦٽي نڪري ٿو. پر ”لوڪ وهي لهنوارو ۽ تون ايو وهہ اوڀار.“ واري فلسفي کي رهنما بنائي اياز عمر ڀر سماج سان وڙهندو رهيو ۽ يقيناً اياز هن ويڙهہ ۾ ڪٽيو. جيڪڏهن اياز سماج سان Compromise ڪري ها تہ اياز صدين جو پڙاڏو بنجي نہ سگهي ها پنهنجي فتح کي محسوس ڪندي اياز چوي ٿو:

نانءُ ڇڏيوسين،
ڌرتيءَ تي تر ٿانءُ ڇڏيوسين
پنهنجي من جي پيڇي ڪارڻ
ڏن جو پيڇو ڪونہ ڪيوسين
نيڻ پيچي پيا ويڻ پڌاسين.
ڪجھ بہ ورائي ڪونہ چيوسين.
ڪيئي ورهيہ وهہ پيتي آهي
ماڻهن ليکي هارائي آ،
سچ تہ بازي جيتي آهي
اي دل – هاڻي بس ڪر.

استحصالي قوتن خلاف بغاوت:

انسان مٽيءَ مان ٺهيو آهي. مٽيءَ سان محبت فطري آهي، جنهن مٽيءَ جي سڳنڌ کي نہ سڃاتو اهو وقت جو وڏو منڪر تصور ڪيو ويجي ٿو. جيڪو ماڻهو مٽيءَ سان محبت خاطر پهنجي زندگيءَ کي قربان ڪرڻ لاءِ آتو رهي ٿو. اهو ئي انسان مٽيءَ جو حق ادا ڪري ٿو. مِٽيءَ جي سڳنڌ لٽيندڙ قوتن خلاف انهن ماڻهن جي رت ۾ بغاوت جا عنصر هميشہ گردش ۾ رهن ٿا. خصوصاً اديب اهڙن استحصالي قوتن خلاف آواز بلند ڪن ٿا چاڪاڻ تہ شاعر اديب مٽيءَ جي عظمت جا رکوالا ٿين ٿا. اياز جي شاعريءَ ۾ اهڙن استحصالي ڌرين خلاف بغاوت جي چٽنگ دکندي نظر اچي ٿي، جيئن اياز چوي ٿو:

اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ، تو نيهن اياز نڀايو آ،
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاٿا زنگ ضميرن جا.

جنهن دؤر ۾ ڌرتي جي مان ۽ عظمت جي ڳالھ ڪرڻ ڪاريھر تي پير رکڻ برابر هئي. اياز ان دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ کي زرھ بڻائي وڙهيو. هن پنهنجي ذات وسيلي تلوارن سان ويڙهہ ڪئي. انقلاب ۽ آزاديءَ جو نانءُ وٺڻ سان ماڻهو ڇرڪندا هئا. پر ”اياز“ پنهنجي شاعري کي ايڏو تہ رومانٽڪ انداز ۾ پيش

ڪيو جو ڳاڙها ڳيرو پنهنجي سرن تان سانگو لاهي سندرو ٻڌي ميدان عمل ۾ لهڻ لاءِ تيار ٿيو وڃن جيئن چوي ٿو:

ڪو ڪيئن نہ ڊوڙي مقتل ڏي،
آ رَتُ ۾ خوشبو ميندي‌ءَ جي،
ڪم ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي،
ٿا زلف چڪن زنجيرن جا.

اها اياز جي ڪماليت هئي جو هو نہ صرف انهن استحصالي قوتن خلاف پاڻ بغاوت ڪئي پر پنهجي قوم کي پڻ ان بغاوت ۾ ساڻ ڪٺي وڙهيو.

هن ڪائنات کي هلائڻ پنيان پورهيت جا هٿ آهن. پورهيت انساني زندگي‌ءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهي ٿو. سماج ۾ جڏهن ذاتي ملڪيت جو تصور اڀريو ان ڏينهن کان طبقاتي سماج جا بنياد پيا. بنيادي طور تي ذاتي ملڪيت سبب ئي انسانن جي وچ ۾ ويڇا وڌيا. انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ ۾ طبقاتي نظام خلاف جن جدوجهد پئي ڪئي آهي. اياز انهن سان پنهنجو رشتو جوڙيو آهي. لينن چواڻ تہ، ”صحيح انقلابيت مان مراد حقيقي حالتن ۾ صحيح پاليسي جي چونڊ ڪري سگهڻ آهي.“ اياز انهن حالتن کي سمجهي پروڙي ۽ درست پاليسيءَ تي عمل ڪندي پورهيت کي سجاڳيءَ جو پيغام ڏيندي چوي ٿو تہ:

ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
جيئن زمين آسمان
جي کلي پئي زبان
زندگي اٿي چئي
انقلاب - انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.
ڏوڏ هن سماج کي
لوڏ سامراج کي
ٿاهہ ڪو نئون نظام
جو چڱو چوي عوام
هي نظام آ خراب
انقلاب - انقلاب، ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.

اياز هر استحصالي قوت خلاف هو. استحصال ڪهڙي بہ شڪل ۾ چونہ هجي اياز ان خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ پورهيت کي سنيهو ڏنو آهي. موٽڻ کي مهٽو سمجهي ٿو هونئن بہ جيڪي انسان وڙهندي ماريا وڃن ٿا ۽ ترقيءَ تان واريا وڃن ٿا. اهي ئي انسان تاريخ کي پنهنجي سفر تي روان رکڻ ۾ محرڪ ڪردار طور تي ابري اچن ٿا. هڪ انقلابيءَ کي ميدان جنگ ۾ وڙهندو ڏسي اياز چوي ٿو.

واجهہ نہ وجهہ تون وَڍِ ڏي، رت وهي تہ بہ رڙهہ،
پوئين وير بہ وڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.

## رجعت پسندن خلاف بغاوت

تاريخ ۾ مذهبن انساني بهتريءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انساني ذهن ۾ جڏهن ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ خيال پيدا ٿيو، ان وقت ڏنڌلا تصور خوف ۽ عقيدت جي شڪل وٺڻ لڳا ۽ اڳتي هلي عقيدت ۽ خوف مذهب جي شڪل اختيار ڪئي ۽ سماج ۾ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ مسئلن کي مذهب جي ڇٽي هيٺ آڻي انسان کي سڪون ۽ آٿت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پوءِ اڳتي هلي مذهب کي

سماج جي استحصالي قوتن پنهنجو مورچو ٺائي سماجي ارتقا کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نتيجي طور تي سماج ۾ بغاوت اٿڻ تي پئي. هر دؤر ۾ سماج جي اندر ڏاهن ماڻهن مذهبي رجعت پسنديءَ خلاف بغاوت جو منصوري آواز بلند ڪيو. ڇاڪاڻ ته سماج جي ارتقا عقيدت، ذاتي پسند يا ناپسند جي بنياد تي نه پر سائنسي انداز ۾ ٿيندي آهي.ا ن ڪري سماج کي ارتقائي مرحلي مان گذارڻ هر ڏاهي جينيئس ماڻهو جي فطرت ۾ شامل ٿئي ٿي.

اياز به انهن ماڻهن جو تسلسل هو، جنهن مذهبي رجعت پسنديءَ خلاف بغاوت جو ڪلمو پڙهيو. اهو بغاوت جو سڏ ايڏو ته ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو هر ماڻهو جي ترجماني محسوس ٿئي ٿي، جيئن چوي ٿو:

ها ڪٿو ساري خدا پئي اٿو،
مون ڪنيو آهي فقط چنگ و رباب،
سئو پيغمبر راتڙي جي خاموشي،
صحيفا آ مون لئه ماهتاب.

ڪيڏو شاعراڻو تخيل ملي ٿو ته سؤ صحيفا هن لاءِ مهتاب آهي. صحيفا مقدس ڪتاب فطرتي منظر کان وڌيڪ نه آهن. ڪيڏي نه اياز پنهنجي مهارت کان ڪم وٺندي انهن شين کي رد ڏنو آهي. علي الاعلان انهن کي چوي ٿو ته، ساري خدائي ڪٿو مون کي اها خدائي نه ٿي کپي فقط چنگ ۽ رباب کپي. جنهن سان ويهي چند پل انسان کي سڪون ملي ٿو ۽ سڪون ئي ساري خدائيءَ کان وڌيڪ معنیٰ خيز ٻڌجي وڃي ٿو.

شراب کي مذهب حرام قرار ڏنو آهي، پر اياز شراب کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪري بغاوت ڪئي آهي. سگمنڊ فرائيڊ چواڻي ته ”شاعر ۽ ڪلاڪار توڙي چريي ۾ ڪوئي خاص فرق ڪونهي پر انهن ۾ بنيادي فرق هيءُ آهي ته چريو تخيل/خيال کي ڪل سمجهندو آهي پر شاعر يا ڪلاڪار ان تخيل/خيال کي حقيقت سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.“ جڏهن شراب پيئڻ سان ماڻهو تخيل ۽ حقيقت جي وچ ۾ سفر ڪندو آهي، اياز ان جو سهارو وٺي هڪ ته مذهبي پابنديءَ کان بغاوت ڪري ٿو ٻئي طرفان کي فني انداز ۾ ايڏو خوبصورت ڪري سامهون آڻي ٿو جو ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ته ساري ڪائنات شراب جو پيالو هجي ۽ انسان جو تخيل ان ۾ مدهوش ٿي اياز جي شاعريءَ جو روپ وٺي اڀي ٿو.

پياليءَ ۾ چانڊوڪي آهي،
ان ۾ ڪوئي فڪر به ناهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام،
پيءُ انهيءَ مان جڳ جڳ جيءُ،
پري پري او پياسا پيءُ.

اجان به ڪِرپ واري انداز ۾ مذهبي پوشاڪ پائي انساني ترقي جي مخالف قوتن خلاف ۽ جهالت جي تبليغ ڪندڙ ملن کي چوي ٿو:

هيءُ ڳاڙهي ڏاڙهي ملان جي،
هيءُ ڪاري چوٽي پانڊي جي،
مون لاءِ ٻنهي ۾ قير نه آ،
ٻئي آگ اجهاڻل ٽانڊي جي.

اياز جي شاعري وک وک تي بغاوت جي خوشبو لڳائي عوام سان مخاطب ٿئي ٿي:

ڪنهن نئين ڪفر جي ڀني خوشبو،

شعر منهنجو لڳائي آيو آهہ.

اياز جي سموري شاعريءَ جو سفر، بغاوت جو سفر آهي. اڄ ضرورت آهي تہ اياز جي بغاوت کي سمجهون ۽ ان سڌ جو پڙاڏو ٻڌجي پئون تہ هوند نئون سماج اڏڻ ايڏو مشڪل بہ ڪونهي.

# قومي تحريڪ جو ديو مالائي ڪردار
## عرفان مهدي

سياست ڏاڍي بي رحم ٿئي ٿي، جنهن جي سيني ۾ ڪا دل ناهي ٿيندي. احساس، جذبا ڇا ٿيندا آهن، سياست انهن کان بي خبر ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ ته سياست ته صرف معروضي ۽ معاشي حالتون ڏسندي آهي. ان جي سيني ۾ دل به پلا ڇو هجي؟! دنيا ۾ تبديلي جو محرڪ صرف سياست آهي، دنيا ۾ ڏکئي کان ڏکيو موضوع به سياست. الائي ڇو سنڌ ۾ شيخ اياز ۽ عبدالواحد آريسر کي ته سياست ۾ رومانس نظر ايندو آهي. اياز کي ته مقتل ڏي ڊوڙندڙ نوجوانن کي رت ۾ مهنديءَ جي خوشبوءِ نظر اچي ٿي. زندان ڏي موٽڻ به محبوب جي زلفن سان پيتا ڏيڻ ۽ ٽر جي واريا سي مٽيءَ ۾ جنم وٺندڙ نازڪ ۽ نفيس عبدالواحد آريسر ته آزاديءَ کي ڳاڙهي ڪنوار سڏڻ ۽ ان لاءِ رت ۾ ڳاڙهي ٿي وڃڻ جي نوجوانن کي صلاح ڏيندي خبر ناهي ته سياست ۾ به رومانٽڪ انداز ڪيئن ٿو نظر اچي؟ الائي ڇو سياست جو لفظ پڙندي منهنجو ته هانءُ ئي ڏڪي ويندو آهي ته هي ڪهڙو مقتل گاهه آهي جتي وڃڻ ڪانپوءِ به ماڻهو سرخرو ٿي ٿو وڃي. اذيتون به اذيتون نه ٿيون لڳن. محبوب جي زلفن ۾ راتيون گهارڻ بجاءِ جيلن جون راتيون به محبوب جي ادائن جهڙيون لڳن ٿيون.

يه ڪس ني هم سي لهو ڪا خراج ڦر مانگا،
ايي تو سوئي ٿي مقتل ڪو سرخرو ڪرڪي.

انهيءَ سياست جي رومانس ۾ محبوب جي پانهن کي الوداع چئي ايندڙ اهي نوجوان جن ڪڏهن گهر ۾ دڙڪو به نه کاڌو، اهي ايترين سختيون برداشت ڪندي به سرها ڏٺاسين ۽ ڪيترائي نوجوان پنهنجي جوانيءَ جا قوهه ڏهاڙا سياست کي ڏيڻ باوجود به پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ اڪيلا رهجي ويا. سياست جي بي رحمين جي ڪري ڪٿان جا به نه رهيا. آڪاش انصاريءَ جي هنن سٽن جيان،

قاهيءَ جا ڦندا چمڻ ڪان به وياسين،
دنيا جا ڏنڊا ڪرڻ ڪان به وياسين،
نه تون ئي ملين نه ڪنهن جا ٿياسين،
هِتان ڪان به وياسين، هُان ڪان به وياسين،
مرڻ جي مزي ڪان به محروم ٿياسين،
۽ جيئندا رهياسين اڌورا اڌورا،
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا.

اهڙين بي رحمين جو شڪار ٿيندڙ سنڌ جو ڳڀرو عرفان مهدي به آهي. هالن ۾ 31 جولاءِ 1966ع ۾ جنم وٺندڙ عرفان جنهن تيزيءَ سان زندگيءَ ۾ ڊرانگهون پاتيون سو مان ڏسي سچ پچو ته حيران رهجي ويو آهيان ته ڪو وقت جي وهڪري کي ايڏو به پوئتي ڇڏي سگهي ٿو ڇا؟ هالا جيڪي سنڌ جي اجرڪ ۽ جنڊيءَ جي ڪمن جي لحاظ کان الڳ سڃاڻپ رکي ٿو پر ان لاءِ هي به مشهور آهي ته هالن جا ماڻهو ڏاڍا ڏکيا ٿين ٿا. هالن جي اشتقاق مان معلوم ٿئي ٿو ته ان شهر جو باقي مزاج ڪيئن هوندو. (هالا: ها

معنيٰ ها ۽ لا معنيٰ نہ) مطلب تہ ها بہ ۽ نہ بہ، ان مزاج رکندڙ شهر ۾ سنڌ جو ڳيرو جنهن لاءِ شايد شيخ اياز چيو هو تہ:

ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا، تون ئي منهنجو خواب،
تون ئي آن جواب، صــدين جي ســوال جو.

عرفان واقعي بہ صدين جي سوال جو جواب بڻجي آيو هو. جنهن جي رڳ رڳ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پيار پريل هو. جنهن ننڍپڻ ۾ ئي سياست ۾ وک پاتي هئي. جنهن جي فطرت ۾ هڪ شاعر، هڪ اديب، هڪ ڪهاڻيڪار، هڪ بهترين مقرر، هڪ بهترين دوست، هڪ بهترين پاءُ، هڪ بهترين پيءُ، هڪ بهترين سياستدان هئڻ جون خوبيون هيون. جنهن جي ذاتي لائبريري ۾ ڏهہ هزار کان وڌيڪ ڪتاب هجڻ. اهو ڪردار ديو مالائي ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ 25 سال عمر ۾ ماڻهو اڃان هوش سنڀالي ئي ٿتو ۽ عرفان ان عمر ۾ سڄي سنڌ جي سياسي، علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ترٿلو مچائي ٿو ڇڏي ۽ اڄ جڏهن ڪو چوي ٿو تہ عرفان خودڪشي ڪري ڇڏي آهي تہ دل ڪيئن مڃي تہ سڄي سنڌ کي زندگي سان جهد ڪرڻ لاءِ پتوڙيندڙ موت جي آغوش ۾ سڪون محسوس ڪيئن ڪري ٿو؟

خودڪشي لفظ بظاهر تہ زندگي جي چرپر رڪجڻ جو نالو آهي. جڏهن اسان مان قوت مدافعت جي گهٽائي ٿي تہ خودڪشي لازم امر ٿيو پوي. پر مان سمجهان ٿو تہ زندگي جو ڏيئو اجهائڻ رڳو خودڪشي نہ آهي. خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن انسان ۾ بي حساب صلاحتيون هجن ۽ اهي ضايع ڪري ڇڏجن، خوڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن انسان پنهنجي علم جو استعمال قوم جي ترقي، خوشحالي بجاءِ پنهنجي ذاتي مفاد ۽ چند سڪن لاءِ استعمال ڪري، خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو توهان تي اعتماد ڪري توهان جي پٺيان لڳن ۽ توهان تاريخ جو بار پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي کڻ نہ سگهو، خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن ماڻهو توهان تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيو. خودڪشي تہ اها بہ آهي جڏهن توهان نشي ۾ پناهہ وٺڻ شروع ڪيو ٿا ۽ دنيا کان ڪنارا ڪش ٿي وڃو ٿا. سنڌ ۾ توهان کي سنڌ جو ٽيلنٽ خودڪشي ڪندي نظر ايندو ۽ جي نہ تہ سنڌ جي ٽيلنٽ کي خودڪشيءَ جي وهڪري ۾ لوڙهڻ لاءِ ماحول تيار ڪيو ويندو آهي.

عرفان مهدي بہ سنڌ جو ٽيلنٽ هو جنهن کي برداشت نہ ڪيو ويو ۽ ان ٽيلنٽ کي دٻائڻ لاءِ عرفان تي ايجنسين جي هجڻ جا الزام هڻي عرفان جي ٽيلنٽ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جو نتيجو توهان ۽ اسان 3-آگسٽ 1991ع تي سنڌوءَ جي لهرن ۾ عرفان جي وجود کي لڙهندي يا ٻڏندي ڏٺو. عرفان جي لاش وصول ڪرڻ کانپوءِ تہ اڃان گهڻا سوال هئا جيڪي جواب لهڻ پيا، جن جا جواب اڃان تائين ڪوبہ نہ ڏئي سگهيو آهي، جڏهن پڻ ڏينهن کان پوءِ عرفان جو هڏائون پڃرو مليو تہ ان جي جسم تي ڪابہ ڪپڙي جي ڪا ليڙ چنبڙيل نہ هئي. ڪنڌ کان مٿي وارو حصو بہ غائب هو. اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن ۽ ڪيئن ڪيو؟ ان ماجرا کي بہ ڪو سلجهائي نہ سگهيو آهي!

اڄ مان اعتراف ٿو ڪريان تہ سنڌ جي قومي تحريڪ اها بدنصيب قومي تحريڪ آهي جنهن سنڌ جي ٽيلنٽ کي سنڌ جي آزادي لاءِ درست نموني استعمال نہ ڪري سگهي آهي. جنهن ۾ جيڪا صلاحيت آهي ان کان اهو ڪردار قومي تحريڪ ادا نہ ڪرائي سگهي آهي ۽ شايد قومي تحريڪ ۾ اها صلاحيت بہ نہ آهي جو صلاحيت آهر ڪم جي ورهاست ڪري قومي تحريڪ کي پاڻ پرو ڪري سگهجي. عرفان مهديءَ جهڙا سنڌ جا هزارين نوجوان يا زندگي کي داءَ تي لڳائين ٿا يا پنهنجي صلاحيتن جو ڏيان ڪن ٿا.

عرفان مهدي 31 جولاءِ تي ڄائو هو ۽ 03 آگسٽ تي لهرن حوالي ٿيو. مونکي اردو شعر جي ان معنىٰ مفهوم تي پورو لهندڙ ڪردار نظر آيو جنهن ۾ هن چيو آهي ته:

عمر دراز مانگ ڪر آئي تي چــار دن،
دور آرزو مين ڪٽ گئي، دو انتظار مين.

هن به شايد ٻه ڏينهن آرزو ۾ گذاريا ۽ ٽئين ڏينهن آرزو ۾ گذارڻ ڪانپوءِ زنگيءَ جو وڌيڪ انتظار نه ڪري سگهيو. پر ان ڪان به وڌيڪ عرفان مون کي لطيف جي هن سٽن جي تشريح لڳندو آهي.

جا يون پيرين مون، سا يون متي سڄٽين،
ڏک لــــتـــبا ڏوڙ ۾، ايــي ڏنـــــاســون،
ڏينهن مڙيو ئي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي.

زندگي شايد لطيف چواٽي صرف ٻه ڏينهن آهي. انهيءَ ۾ سوچڻ لاءِ وقت نه آهي، اهوبه لوچڻ لاءِ لطيف درس ڏئي ٿو ۽ عرفان 31 جولاءِ ۾ جنم وٺڻ ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن بس ڪري نه ويٺو هالن ڪان ان سفر شروع ڪيو، سن طرف ۽ سن ڪان پٽائي، ۽ پٽائي ڪان ڪينجهر، ڪارونجهر، مڪلي، موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، سنڌ جي هزارين سورمن جا ڏک پيچرا ڏسي سمجهي ۽ وري به آخري سن جي سيد جي استاد علامہ آءِ آءِ قاضي جي ڏک پيچري تي اچي سنڌوءَ جي لهرن ۾ پاڻ ڇڏيائين. اڄ سنڌوءَ جا نيڻ آلا آهن، سنڌ ڪان وڇڙيو سنڌي ماڻهن ڪان ڪٽي وسري سگهندو عرفان. جنهن جي ڇهري جي مرڪ، ذهن ۾پلجندڙ سنڌ لاءِ پيار، ڪير ڪيڏو به تاريخ جو منڪر هجي سچ ڪان ڪيئن منهن موڙي سگهندو. عرفان قومي تحريڪ جو اهو سچ آهي جنهن ڪان منهن موڙي نه ٿو سگهجي. آريسر صاحب چواٽي ته، "وڇڙڻ فطرت آهي ۽ وسارڻ ڪميٽائپ آهي ۽ اسان شايد ان منزل تي اڃان نه پهتا آهيون. اياز چواٽي ته:

تون مان دور نه آهيون پيارا!
توکـــي مونکـــي روز مـــلائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
منهنجي جوت ڪٽي جل ڌارا،
تو تائيـــن پيئـــي ٽمڪائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
ڪـــاري رات ڏئي لامارا،
چندر مان جهڙو ڳڙڪائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
پر هي تنهنجا منهنجا تارا،
جن ۾ ويٺو جــوت جلائي،
سنڌوءَ جو سپنو.
سنڌوءَ جو سپنو.

# سنڌ جو مزاحمتي شاعر: زخمي چانڊيو

پهرين مئي مزدرون جي عالمي ڏهاڙي طور ملهائي سڄي دنيا جي مزدور ۽ پورهيت طبقي ۾ انقلاب جو روح ڦوڪيو ويندو آهي. هوئن به ڏسجي ته سڄي دنيا ڪي هلائڻ جي پٺيان مزدور جا هٿ ئي ٿين ٿا. مزدور ئي اصل ۾ ڪائنات جو خلقيندڙ به آهي ته اڏيندڙ به آهي. جنهن جا جيڪڏهن هٿ بيهي وڃن ته هوند ڪائنات جو سمورو چرخو بند ٿي وڃي. دنيا ۾ ڪي ڪي اتفاق اهڙا به ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي جوهر ۾ وڏي معنيٰ رکندا آهن. اهڙو ئي اتفاق پهرين مئي رت سان ريٽيل ڳاڙهي جهنڊي جي عظمت جي ڏهاڙي تي سنڌ جي ننڍڙي شهر ڊڪڻ ۾ 1961ع ۾ سنڌ جي حلالي پُٽ چام جي نالي سان مولا بخش چانڊيو جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڪالهه جو چام ٿوري عرصي ۾ زخمي بڻجي سڄي سنڌ ۾ مزاحمت جي علامت بڻجي ابري اچي ٿو. تعليمي ڏس ۾ پرائمري اسڪول ڏامراهه کان سفر شروع ڪري، ايم.اي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪري تعليمي کيتر ۾ استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي گذاريا. رت ۾ ريٽو جهنڊو جڏهن زخمي پنهنجي ڪلهن تي کنيو ته وري شهادت تائين هيٺ نه لاٿو.

زخمي جيتوڻيڪ اسان وٽ موجود نه آهي پر سندس زندگيءَ جو گهڻ طرفو پورهيو اسان جي سامهون آهي. هو هڪ استاد به هو، شاعر، اديب به هو، سنڌ ۽ سيد جو عاشق به هو. هن زندگيءَ جي هر موڙ تي پنهنجي هر پل کي پنهنجي قوم ۽ ڌرتي واسين جي خدمت ۾ گذارڻ کي پنهنجو مشغلو بڻائي ڇڏيو. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ ۽ سيد سان محبت لفظ لفظ ۾ جهلڪندي نظر ايندي هئي. رسول حمزاتوف چواڻي ته "شاعر ۽ اديب آتش جا رکوالا ٿيندا آهن، جنهن قوم ۾ آتش اجهامي وڃي ته پڪ سمجهو ته اتان جا اديب ۽ شاعر مري ويا آهن." اڄ سڄي سنڌ جاڳي پئي، ان جي آتش اجهامي ناهي، ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هتي آتش جا رکوالا اڃ به زنده آهن. زخمي چانڊيو انهن آتش جي رکوالن ۾ صفِ اول طور تي سامهون اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو اهو ايڪويهين صديءَ جو پهريون باغي شاعر زخمي آهي. جنهن تي مزاحمتي شاعري پڙهڻ جي عيوض پهرين جنوري 2000ع تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪري جيل اُماڻيو ويو. پر هن جي ارڏائپ ۾ ذري برابر به گهٽتائي نه آئي. اياز جي هنن سٽن کي ڪيڏي نه معنيٰ ملي پئي هئي ته:

مون ڏات انوکي آندي آ،
ٿي تَندُ وڙهي تلوارن سان.
ٿا تنهنجا ياري بُرج لُڏن،
تون هيٺو آن هٿيارن سان.

هن ته جيل ۾ به پنهنجي دشمن کي للڪاريندي چيو هو ته:

جيل جون سختيون چاهن سنڌڙي،
حـــاضر آ جــند جان بـــ تو لئہ.

هن اچان به وڏيڪ ڌرتيءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ارپڻ ۽ سنڌ جي سينڌ کي سنوارڻ جو خواب اکين ۾ سجائي چوي ٿو ته:

توسان پيار ڪرڻ ٿو چاهيان،
ورنه آءُ مرڻ ٿو چاهيان.
سنڌڙي تنهنجي سينڌ سنواري،
تنهنجي سينڌ چمڻ ٿو چاهيان.

اهو وڏو تخيل آهي ته پنهنجي ڌرتيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو جيئندان ڏيئي ان کي سنواري ۽ پوءِ ان جي سينڌ چمجي. منهنجي خيال ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ان کان اڳ اهڙو تخيل اڃان تائين ڪنهن پيش نه ڪيو آهي ۽ اها ته محبت جي انتها به ته آهي. جتي پتنگ آگ کي پاڻ ارپي، ان کي معنيٰ بخشي ٿو ڇڏي. پر زخمي ته آزاد سنڌ جي خاطر پنهنجي گيتن ۾ جاڳرتا پري قوم کي غلاميءَ جي قندن مان آجو ڪرائڻ لاءِ چوي ٿو ته، ”جيڪڏهن ڌرتيءَ جو سڏ ٿئي ۽ مان اتي نه پهچان ته مون کي گهروڙي بجو ڏجانءِ ۽ چوي ٿو ته:

سڏي سنڌ سڏڪي نه پهچان پرين!
بُجُو پوءِ مون کي گهروڙي ڏجانءِ.

اڃان به وڌيڪ ماڻهن ۾ اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ ته مُور سارا مئا ناهن ۽ سنڌ گدڙن ڪاڏي ناهي جو تصور ڏيندي چوي ٿو ته:
سنڌ گدڙن ڪاڏي ناهي اڃان،
جو گيدي تنهنجي آڻ مڃان.

زخميءَ جتي سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جي خواب جي تعمير لاءِ ڪوشان رهيو اتي سماجي برائين خلاف به جهاد ڪندي ڏسجي ٿو. اسان جاگيردار سماج ۾ رهون ٿا. جاگيرداري سماج سموري برائين جو ڳڙهه ٿئي ٿو. سرمائيداري سماج پنهنجي جوهر ۾ ڪيڏو به بدبودار هجي پر جاگيرداري سماج کان وڌيڪ ترقي پسند ٿيندو آهي. ان ڪري جاگيرداري سماج سان بغاوت هڪ باشعور ماڻهوءَ لاءِ فطري اَمر آهي. جيئن چوي ٿو:

تون رستن تي قبضا ٿو ڪرين،
مَن مستن سان چرچا ٿو ڪرين،
بدمعاش سدائين بدمعاشي،
تون ذهن ضمير جو آن فاشي،
تون سنڌ جا حق ڦبائين ٿو.
۽ پاءُ به سڏائي ٿو.
تون پاءُ ته ناهين ويري آن،
اکڙين ۾ ڪوسي ڪيري آن.

هن سماج ۾ جتي پيون هزارين برايون پلجن ٿيون اتي ڪارو ڪاري رسم به سنڌ ۾ ناسور بڻجي داخل ٿي ويئي آهي. زخمي پنهنجي تند کي ان تلوار سان ٽڪرائي ٿو. ايتريقدر جو چوي ٿو ته ماڻهو کي بد دعا نه ڪريو جي بددعا ڪيو ته ان کي ڪاري ٿيڻ جي بددعا نه ڪريو ۽ چوي ٿو:
هر ماڻهوءَ کي

ڏسي دعا ڪر
اگر دعا جي دلجاءِ
ڏيڻ نه تو چاهين
ته پوءِ
بد دعا نه ڪجان.
بد دعا ئي
ڪرڻي اٿئي ته
پوءِ
شل! ڪارو ٿئين واري
بد دعا نه ڪجانءِ!
چو ته هن فرسوده نظام
۾
دقيانوسي ريتن رسمن پٽاندر
ڪارنهن جو مارڪيٽ
چوٽ چڙهيل آهي
۾
پيار نهايت غريب آهي.

هتي ته ڪارو ڪاري رسم ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري ويئي آهي. هتي ته هاٺي ماڻهو پنهنجون نياڻيون ماري پنهنجي گذر لاءِ راهون هموار ڪري رهيا آهن. ايتريقدر جو ياءُ ڀيڻ جهڙو مقدس رشتو به ان ۾ لالچ جو عنصر شامل ٿي ويو آهي. اهو ڏسندي زخمي چوي ٿو ته:

علــڻ ولڻ ســان لالچ خاطــر،
ڀيڻ سڳي ڪئي ڪاري ويئي آ.

سماج ۾ جتي هر شيءِ کي ناڻو سمجهيو وڃي ٿو اتي عورت به بازار جو سودو ٿي ويئي آهي. عورت کي پئسن عيوض وڪري ڪرڻ کي به عيب نه ٿو سمجهيو وڃي. عورت جي پسند ناپسند، خواهشن، ضرورتن، عمر جي ننڍَ وڏائي جو فرق به نه ٿو رکيو وڃي. اهو سڀ ڪجهه ڏسندي زخمي چوي ٿو:

جوان پڙهيل کي مڙس ڏنو ويو،
پــوڙهو چـــرسي، توبـــه زاري!!

توبه زاري لفظ ۾ ڪيڏي نه ڪرب سمايل آهي. يقيناً سمجهه/ڏاهپ ماڻهوءَ ۾ درد پيدا ڪري ٿي. تڪليف ڪنهن به ماڻهوءَ کي پهچي پر ساڃاهه وند ماڻهو اها تڪليف پاڻ تي محسوس ڪندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڀٽائي دانهن ڪندي چوي ٿو:

الا: ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

ڏاهيون ڏک ڏسن ٿيون چاڪاڻ تہ ڏاهپ ماڻهوءَ ۾ انسانيت سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿي. اهو پيار ئي آهي جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن تي ظلم ٿيندي ڏسي ٿو تہ تڙپي پوي ٿو. زخمي بہ حساس ماڻهو هو. هن وٽ بہ شاعرانا دل هئي. جنهن ڪري هن وٽ بہ انتها درجي جي تڙپ هئي. جيڪا هن شاعريءَ ذريعي اوڳاڇي آهي.

جپاني چوڻي آهي تہ، "ڪاميابيءَ جا سَوين وارث ٿيندا آهن ۽ ناڪامي لاوارث ٿيندي آهي. اسان جو سماج هر اپرندڙ سج جو سلامي ٿيندو آهي. جنهن ڪري ناڪاميءَ ڪي پنهنجي حصي ۾ آڻڻ ان لاءِ ڏکيو عمل ٿيو پوي. جنهن ڪري سماج ۾ منافقت ۽ مڪاري چوليون هٽندي نظر اچي ٿي. اهڙن ماڻهن کي ڏسندي زخمي جي مَن کي مونجهہ ٿئي ٿي، هو چوي ٿو تہ:

مَنَ کي مونجهارو ٿي پيو،
ماڻهو ائٿ ستارو ٿي پيــو.

اسان ڏاڍا بي حس ماڻهو آهيون. جيئري ڪنهن کي مڃتا ڏيڻ، چڻ تہ اسان جي ڏرم جو حصو ئي نہ آهي. زنده ماڻهن ۾ اسان کي ڪا خوبي ئي نظر نہ ايندي. مئن ۾ وَري خامي ئي نظر نہ ايندي. اها روَش زخميءَ پنهنجي جيئري ئي محسوس ڪئي هئي. جنهن ڪري چيو هئائين:

ڏاڍو  سارينديَن،
منهنجي مُئي کان پوءِ.
جيئري قدر ڪونہ ڪيئي،
ڳوڙها ڳاڙيندي.
منهنجي مُئي کان پوءِ.
زخميءَ لاءِ ماتم ڪري،
نيٺ وساريندي،
منهنجي مُئي کان پوءِ.

سماج جي روين سبب "چام" کان زخميءَ جو "زخمي" تائين سفر يقيناً لاشعوري نہ هو پر بيمار سماج جي روين چام کي جڏهن "زخمي" ڪيو تڏهن هن ان زخم کي محسوس ڪندي پنهنجي سڃاڻپ ئي زخمي ٻڌائي ڇڏي هئي. آخرڪر هن بي حس سماج زخميءَ کي وڏيڪ زخمي ڪري سندس زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيو. هن جي موت تي سچ پچو سڄي سنڌ پاڻ کي زخمي محسوس ڪيو. قومي تحريڪ بہ زخمي ٿي هئي تہ سنڌي ادبي سنگت بہ زخمي ٿي هئي. هن جا رت چاوا بہ زخمي ٿي پيا هئا. شاعري بہ زخمي ٿي پئي هئي. هر زخم، زخمي ٿي پيو. پر هن جا قاتل اڄ تائين بہ زخمي نہ ٿيا آهن؟؟؟

# ڏاهپ ۽ ويڙهه جو سنگم:
# سائين غلام قادر جوڻيجو

اسان جڏهن سياست جي سٽ ۾ شامل ٿياسين، تڏهن شعور کان وڌيڪ جذبات جي لهر ۾ لڙهي وياسين. آزادي ۽ انقلاب جو رومانس، جذباتي انداز ۾ رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو. جيتوڻيڪ اها لهر سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ اڪيلي سر قومپرستن جي جدوجهد جو نتيجو هئي. ڇاڪاڻ ته جن ڪامريڊن سوشلزم نظام جي شڪست کي سوشلسٽ نظريي جي شڪست سمجهي ڪچين ۾ توا ٽنگي، مئخانن جو رخ ڪري انقلاب کان فراريت اختيار ڪئي هئي پر تنهن باوجود به قومپرست عملي ميدان ۾ اڄ تائين آهن. چو ته قومپرستن جنهن نظريي جي واڳ ورتي هئي اهو ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن مان ڦٽي نڪتل هو. ڪامريڊ لينن ۽ ٽراٽسڪائي جي وچ ۾ 1916ع ۾ جڏهن مسلسل انقلاب ۽ مرحليوار انقلاب جهڙا بحث شدت اختيار ڪري ويا هئا تڏهن ڪامريڊ لينن، ٽراٽسڪائي کي جواب ڏيندي چيو هو ته ”انقلاب نه درآمد ٿيندا آهن نه برآمد ٿيندا آهن، اهي ته وقت ۽ حالتن مان ڦٽي پوندا آهن. انقلابي پارٽي يا انقلابي ته صرف انهن جي پرورش ڪندا آهن. سنڌ ۾ ڪاٻي ڌر جي سياست ڪندڙن پنهنجي قوم ۽ ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ بجاءِ پنهنجو قبلو سوويت يونين کي بڻايو.“ اهو ئي سبب آهي جو سوويت يونين ٽٽڻ کان پوءِ سياسي ميدان تي سچي دنيا جي انقلاب جي ڳالهه ڪندڙ ٻرن ۾ وڃي لِڪا آهن. 90ع کان پوءِ جيڪو ڪيڊر پيدا ٿيو آهي اهو ڪريڊٽ قومپرستن جي کاتي ۾ وڃي ٿو.

قومپرست سياست جو وري الميو اهو رهيو آهي ته شعوري ۽ نظرياتي پختگي پيدا ڪرڻ ۽ تنظيمي طرح فعال ڪرڻ بجاءِ جذبات جي بنياد تي انقلاب جي ڳالهه ڪرڻ، ڪنهن الميي کان گهٽ نه آهي. انهن حالتن ۾ به قومي تحريڪ سان واڳيل جيڪي نظرياتي ڪارڪن رهيا آهن. انهن نظرياتي پختگي ۽ تنظيمي ڍانچي کي بهتر ڪرڻ لاءِ جيڪي ساٿي سپ کان وڌ جدوجهد ڪندي اسان کي نظر آيا، انهن ۾ ڏوڪري جي پرسان سونهري ڳوٺ سان تعلق رکندڙ ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو سرفهرست نظر اچي ٿو.

هن سان جڏهن پهرين ملاقات ٿي تڏهن هن جو سوال ڪرڻ ته ”قومي تحريڪ وٽ طبقاتي سوال جو ڪهڙو حل آهي؟“ جنهن ذهن جي سرزمين کي لوڏي ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ ته اسان سياسي ۽ نظرياتي معاملن کي ان کان اڳ ڪڏهن سنجيدگي سان ڏٺو ئي نه هو. هو جنهن سان به ملي چانهه جي ڪٽ تي ڪنهن مهل هُن هوٽل تي ڪنهن مهل هُن جڳهه تي، ادبي توڙي سياسي ڪچهرين ۽ بحث مباحثي ۾ مشغول نظر آيو. قد جو پورو پنو، اکين ۾ عجيب معصوميت ۽ چمڪ، حساس ايڏو جو ڪنهن سان وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ تي معذرت ڪري، مطالعاتي سگهه جو ته ڪو جواب ئي ڪونه هو. مارڪس کان وٺي سائين جي ايم سيد تائين نظرين جو گهرائيءَ سان مطالعو ٿيل نظر آيو. سچي عمر سياست کي ڏيڻ باوجود به ڪڏهن ليڊرشپ جو شوق نه رهيس، سدائين ڪارڪن جي حيثيت ۾ پيچ ڊڪ ڪندو رهيو. قومي تحريڪ ۾ مارڪسزم ۽ لينزم جي پرچارڪ طور تي جي ايم سيد کي اڄ جي دؤر جو سچ سمجهي عملي سياست ڪندڙ شخص جو نالو کڻجي ته ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو جو نالو توهان وساري نه سگهندؤ.

هُن جي ٽهڪن ۾ ته عجيب چمڪ هوندي هئي، ڪچهريءَ ۾ ڪو لطيفو به جيڪڏهن ٻڌائيو ته ان ۾ سياسي ڏاهپ سمايل نظر ايندي هئي. 60 سالن جو هوندي به ڪڏهن نوجوانن کي عمر جو طعنو ڏئي بحث نه ڪندو هو. سدائين پاڻ کي ذرو سمجهي گفتگو ڪندو. ڳالهه ڪنهن جي به درست هوندي ته دل ڪولي قبول ڪرڻ جي سندس روايت تمام گهڻي متاثر ڪندڙ رهي جيڪا مجموعي طرح سان سندس شخصيت ڏاهپ ۽ بهادريءَ جو سنگم نظر آئي.

دنيا جي اندر انقلابي شخصيتن ۾ ڏاهپ ۽ بهادريءَ جا عنصر هئڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن عوام جي اڳواٽي ڪرڻ جو مرحلو اچي ٿو ته اڳواڻ ۾ ڏاهپ ۽ اڳواٽيءَ جي صلاحيت نه هوندي ته عوام کي منزل تي وٺي وڃڻ مشڪل ترين ڪم ٿيو پوي ۽ جيڪڏهن ڏاهپ، بهادري نه تي رکي ته اها ڏاهپ قوم کي خوف جي حالت ۾ گمراهه ڪري ڇڏيندي. سقراط جيڪڏهن سچ تي نه بيهي ها ۽ موت کي قبول نه ڪري ها ته شايد سقراط سچي دنيا ۾ ڏاهپ جو اهڃاڻ (Symbol) نه بڻجي سگهي ها. سنڌ جي تاريخ ۾ ڏاهپ ۽ بهادريءَ جو سڀ کان اعلیٰ مثال سائين جي ايم سيد آهي ۽ سائين جي ايم سيد جو فڪر جنهن جي به اندر ۾ سمائجي ويو اهو وقت جو

سقراط بڻجي ويو ۽ ڪامريڊ غلام قادر مون کي اهو وقت جو سقراط نظر آيو. سائين غلام قادر نظرياتي طرح هيئين خوبين جو مالڪ نظر آيو:

## مزاحمتي جنگ جو متوالو:

1972ع کان وٺي قومي تحريڪ گانڌي واد انداز ۾ سفر پئي ڪيو آهي. قومي تحريڪ پنهنجو تنظيمي ڍانچو انڊين نيشنل ڪانگريس جي طرز جو پئي رکيو آهي. سائين جي ايم سيد کي به سنڌ جو گانڌي پئي سڏيو ويو آهي. اهو به سچ آهي ته ڪانگريس برصغير جي تمام وڏي جماعت هئي. جنهن ۾ هر مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکندڙ شخص موجود هو پر ان جي جدوجهد ۽ ويڙهه جو انداز نج انقلابي مون کي نظر نه ٿو اچي. جڏهن سڀاش چندر بوس جهڙو مزاحمتي ڪردار انڊين نيشنل ڪانگريس جو اڳواڻ چونڊجي وڃي ٿو ته گانڌي، ڪانگريس کي ڇڏڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، سبب صرف اهو ته سڀاش چندر بوس عدم تشدد بجاءِ هندستان کي مزاحمتي ڏڳ تي وٺي وڃڻ پئي چاهيو. عدم تشدد عقيدت جي حد تائين گانڌي جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو هو. سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ عدم تشدد کي پاليسي بجاءِ سياسي عقيدت جي حد تائين ڏٺو پئي ويو آهي. تڏهن جن ماڻهن مزاحمت جي وسيلي آزاديءَ جو ڏڳ وٺڻ پئي چاهيو، انهن ۾ ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو سرفهرست هو. پنهنجي نجي ڪچهرين ۾ سدائين مزاحمت کي سهي ثابت ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي مزاحمتي ڪردارن کي اڳيان رکندو هو. ڪڏهن جنرل گياپ جي ويٽنام ۾ ويڙهه ته ڪڏهن حماس جي فلسطين ۾ جدوجهد ته ڪڏهن ڊاڪٽر چي گويرا، فيڊل ڪاسترو ته ڪڏهن سورهيه بادشاهه ته ڪڏهن ڀڳت سنگهه ۽ سڀاش چندر بوس جا مثال ٽڪي توري رکندو هو جو بحث ڪندڙ سندس دليلن کان ٻاهر نڪري ئي نه سگهندو هو. مون کي حيرت ٿيندي هئي ته هيڏو حساس شخص، ايڏو وڏو مزاحمتي ڪردار به ٿي سگهي ٿو ڇا؟ سندس ان انداز جي بهادريءَ جو مثال ڏسي، حوصلا بلند ٿي ويندا هئا.

## آزاد سوشلسٽ سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ:

سنڌ جا اڪثر قومپرست قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ طبقاتي سوال کي هميشه گهٽ اهميت ڏيندا رهيا آهن، آزاديءَ کانپوءِ سوشلزم جي نقطي تي اچڻ جي ڳالهه ته سڀ کان وڏو الميو آهي. سنڌ جا ڪميونسٽ وري قومي آزاديءَ جي سوال کي دليلن سان غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ نظر ايندا. جڏهن ته ڪامريڊ لينن ”رياست ۽ انقلاب“ ۾ چيو آهي ته ”جيڪو ڪميونسٽ قومي آزاديءَ لاءِ وڙهي نه ٿو اهو مارڪسي ته نه آهي پر سڪو جمهوريت پسند به نه آهي.“ پر سنڌ جا ڪيمونسٽ مارڪسي فلاسافيءَ کي حالتن جي تناظر ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ بجاءِ ڊرائنگ روم طرز جي سياست ڪندي نظر ايندا، جنهن سبب اڄ ڪميونسٽن وٽ نه ماس پارٽي ٿهي سگهي ۽ نه ئي ڪيڊر پارٽي. قوم ۽ قومي سياست جي انحرافي سنڌ جي ڪميونسٽن کان پوءِ جي آهي. قومي آزاديءَ جي معاملي ۽ طبقاتي سوال کي الڳ الڳ نه ڏسڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته قومي آزاديءَ جو سوال ايترو ڪميونسٽ جو به هجڻ گهرجي، جيترو هڪ قومپرست جو آهي. ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو پاڻ کي ڪميونسٽ سڏائيندي به قومي آزاديءَ جو سڀ کان وڏو داعي نظر آيو. قومپرست ملندس ته طبقاتي سوال رکندو، ڪميونسٽ ملندس ته قومي آزاديءَ جو سوال دليلن سان رکندو. سائين غلام قادر پنهنجي ۾ پل وارو ڪردار ادا ڪندي نظر آيو. تنقيد به پنهنجي تي ڪندي نظر ايندو هو. ڪميونسٽ ۽ قومپرستن جي وچ ۾ پيدا ٿيل وڇوٽين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهيو.

ڪامريڊ اسٽالن تي ٽراٽسڪائي گروپ ڇتي تنقيد ڪندا رهيا آهن. پر اهو به سچ آهي ته جيڪڏهن لينن کانپوءِ اسٽالن نه هجي ها ته سوويت يونين ترقيءَ جون منزلون ايترو جلد طئه نه ڪري سگهي ها. پرولتاري آمريت کانپوءِ پارٽي آمريت ۾ تبديلي اسٽالن جي ڪوششن جو نتيجو هو جو سوويت يونين رد انقلابي قوتن سان منهن مقابل ٿيو ۽ قومي سوال تي ڪامريڊ اسٽالن ته سڀ کان وڌيڪ ڇٽي نموني لکيو آهي، جنهن ۾ سندس ”قوم ۽ قوميت“ اهم لکڻي آهي، ڪامريڊ غلام قادر پرولتاري آمريت ۽ پارٽي آمريت جي حوالي سان تمام گهڻا بحث ڪيا.

افسوس صرف اهو آهي ته سندس خيال، سوچون، محفوظ نه ٿي سگهيون آهن. سندس تحريرون به ڪتي نه ٿيون ملن، تقريرون ته مورڳو ڪندو ئي نه هو. جنهن سبب سندس سياسي پورهيو چند ذهنن تائين محدود آهي.

جپاني اها چوٽي بلڪل درست ثابت ٿي آهي ته ”جڏهن ڪو انسان مري ٿو ته ان سان گڏ هڪ لائبريري (دماغ) به دفن ٿئي ٿي.“ جنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪامريڊ غلام قادر جوڻيجو اڪيلو دفن نه ٿيو آهي پر هڪ گهمنڊڙ ڦرندڙ سياسي ۽ فڪري لائبريري دفن ٿي آهي!!